شاعر

شیام

١٥ آگسٽ

آزاديءَ جون

لک لک واڌايون

شل ديش وڌي ويجهي

شڀ چنتڪ

Space donated by Well Wisher







شاعر شيام

(۱۱ - ۱۲ فيبروري ۱۹۸۹، آديپور ۾ ٿيل
نارائڻ شيام سيمينار ۾ پڙهيل مقالن جو مجموعو)

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور جي سهڪار سان

ترتيب

هريش واسواڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
۹۰، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ۳.

ڪتاب بابت ....

اها منهنجي خوش نصيبي آهي ته اداري جي ڀلائي ۽ خبر نه آهي. پر جا ڳالهه مون رٿا تيار ڪئي آهي. جا من ۾ جو ڪجهه اٿيو آهي. ان جو عملي روپ ڏٺو اٿم.

اٽڪل ويهارو سال ڪن اڳ، جڏهن منهنجي دوست هرچند "اجهل" جو "سنڌي شاعريءَ جا پنجاهه سال" ڪتاب ظاهر ٿيو هو، تڏهن من ۾ رٿا هئي ته سنڌيءَ جي انوکي شاعر "نارائڻ شيام" بابت به ڪو ڪتاب ظاهر ٿيڻ گهرجي. ۽ دوست اجهل کي عرض به ڪيو هيم ۽ هن صاحب قبوليو به هو. پر پوءِ الائي ڪيئن اها رٿا عمل ۾ ڏسڻ جو تڪڙو موقعو ڪو نه ٿي مليو. ٻه سال ڪن اڳ، آديپور (ڪڇ) ۾ شري نارائڻ شيام جي شاعريءَ بابت هڪ سيمينار، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ڪيو ويو هو، انهيءَ ۾ جيڪي مقالا پڙهيا ويا هئا، اهي هڪ مجموعي "شاعر شيام" جي عنوان هيٺ ڪتابي صورت ۾ ڏسي لڳي ٿو ته جڻڪ منهنجي اها اوائلي رٿا عملي روپ ۾ موجود آهي. نارائڻ شيام جي جدا جدا پهلن

SHAIR SHYAM
(A Studay)

Compiled by:
HARISH VASWANI

●

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618, 73100

●

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

●

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

●

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone: 70455)

●

Price: **Rupees FORTY**
Year: July 1991

سلسلو

نمبر- روشن "چانورو"

شيام سيمندار ۾ شيام کي رهڻو هو. شيام نه رهيو.
شيام سيمندار کي جيئن ٺهڻو هو، سيمندار ائين نه ٿيو.
ڇا ٻئي ڳالهيون ساڳيون آهن ؟

نه.

ٻنهين معاملي ۾ اسين پروس هئاسين.

ٻئي معاملي ۾ اسين خود وس هئاسين، پر پروس ثابت ٿياسين.

خود وسيءَ ۾ اڪيلا اها جيڪا پروسيءَ جي ليک آهي، اها ڪجهه وقت کان سنڌيءَ ۾ ڏٺي ۽ ڏکي ليکجندي ٿئي وڃي. ان جا سبب مان شخصي مجبوريون يا اتفاقن ۾ ڏسڻ جو قائل ڪونه آهيان. پر هڪ ڪوهيڙو آهي، جيڪو، وڪوڙي رهيو آهي، اسانکي، جاتيءَ کي، ادب کي، ثقافت کي.

ٿي روشني وڌي ويئي آهي. ويندي شخصيت بابت به گهڻي روشني وڌي ويئي آهي. خوشي اٿم هن مجموعي ڏيندي.

مان شڪرگذار آهيان هريش واسواڻيءَ جو جنهن صاحب سڄو مواد سوڌي سنواري ۽ سلسليوار ٺاهي ڏنو آهي ۽ شري لکمي کلاڻيءَ جو بيحد احسانمند آهيان جنهن جي شخصي ڪوشش سان هي مجموعو توهان جي هٿن ۾ آهي. انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پاليڪارن کي به وساري نٿو سگهان جن ڪافي سهڪار ڏنو آهي.

ٻين ٻولين ۾ هن قسم جي ڪتابن جي ڪافي اهميت آهي. ۽ ادب جي ابياسين، وديارٿين وٽ اهڙن ڪتابن جو وڏو قدر آهي. ٻيو الائي ڇو سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي ڪتابن جي ھروڀرو ايتري اهميت محسوس ڪئي نٿي وڃي. پوءِ به ڪنهن ساهتيه ابياسي / وديارٿيءَ کي ڪو هن ڪتاب مان ڪجهه لاڀ حاصل ٿيو ته ڄڻڪ اسان جا پورهيا ثاب ٿيا.

نارائڻ شيام جهڙي درجي جا شاعر ڪنهن جاتي / ٻوليءَ ۾ ڪو روز روز پيدا ڪونه ٿا ٿين. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه لطيف جهڙو شاعر صديون بعد به ڪونه پيدا ٿيو آهي. سنڌ ۾ شيخ اياز ۽ هند ۾ نارائڻ شيام جهڙڪ هڪ تصوير جا ٻه پاسا آهن.

مونکي وشواس آهي ته نارائڻ شيام جو قدر اڃا گهڻو اڳتي هلي ٿيندو.

پهرين مئي ١٩٩١ع
سنڌي ٽائيمس آفيس
٦٠، لکشمي مارڪيٽ،
الهاسنگر-٣

نارائڻ ڀارتي
مکيه سمپادڪ
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

وري انهن معنائن جي سڀني ٻولين ۾ ساڳي ئي نسبت هوندي آهي يا ٻولين يا روايتن جي نسبت ۾ انهن جون معنائون مختلف ٿينديون آهن؟ مسئلو تڏهن پيدا ٿيو جڏهن ڪرشن راهيءَ شيام کي ڪلاسيڪل شاعر، هيري شيوڪاڻيءَ کيس ڪلاسيڪل نوعيت جو شاعر سڏيو ۽ مون کيس رومانواد جي نزديڪ ٿي ڀانيو. مونجهارو ڪلاسزم جي قبول شده معنيٰ جي ڪري پئجي ٿيو. اڳتي هلي مون اهو محسوس ڪيو ته، قبول شده معنيٰ عمل هڪ جو طرفو نظريو پيدا ٿو ڪري.

يورپ ۾ ڪلاسزم جي پنهنجي ڌارا آهي ۽ ان جي تواريخ آهي. وري نيو ڪلاسزم آهي. اسان وٽ ڇا آهي؟ اسين جي ٣٠٠ سال اڳ واري شاهه جي دور کي ڪلاسيڪي دور سڏڻ لڳا آهيون ته، ظاهر آهي ڪلاسيڪت جو مزاج به، اسان کي پنهنجي روايتن ۾ ڏسڻو پوندو.

پر ان مان هڪ دلچسپ تضاد پيدا ٿيو. جڏهن شيام جي ڪويتا سان پيار ٿيو ڪاويه شاستر جا ماپا يعني سمالوچنا جون ڪلاسيڪل ڪسوٽيون لاڳو ڪرڻ جو نقطو آيو، ته، شيام کي رومانٽسزم جي ويجهو ڀانئيندي به، مونکي انهن ڪسوٽين لاءِ شيام جي ڪويتا ۾ وڌيڪ ڪيتر نظر آيو، پر شيام کي ڪلاسيڪل نوعيت جو شاعر چوڻ جي باوجود به، هيري شيوڪاڻيءَ کي انهن جي ڪا افاديت نظر ڪانه آئي.

پر اصل پيچيدگي ڪٿي ٻئي هنڌ هئي. شروع ۾ جماليات جو مقالو پرم ايپنداڻي ۽ ڪاويه شاستر وارو مقالو ڊاڪٽر ستيش ڪمار روهڙا کي ڏنل هو. هڪ غير دستوري ملاقات ۾ هو جڏهن گڏيا ته منجهن هڪ نفاق پيدا ٿي پيو. پرم جو اعتماد هو ته، پاڻ ڪاويه شاستر جي حوالي کانسواءِ سندس لاءِ جماليات تي پيپر لکڻ ممڪن ئي نه آهي. ۽ ستيش جو

اهو گهرو ۽ ڳرو ٿيندو ويو وڃي. شيام ٿي ويو آهي. جنهن مستقبل ۾ روشني خود شيام ٿيڻ جي تياريءَ ۾ آهي ته ڪهڙي ڪوهيڙي کي ڏوهه ڏجي!

اسان روشني ٿي چاهي، شيام تي ويچار ڪرڻ لاءِ. (هونءَ صرف شيام تي ٿي ڇو؟) ان جو اسان جيڪو خاڪو ٺاهيو هو، ان ۾ ڪي حاشيا به ڇڏيا هئاسين. اميد هئي ته ڪي ڪرڻا انهن تي به مهربان ٿيندا. پر جيئن هر ڪو ڄاڻي ٿو ته حقيقتن کان اميدن جو قد هميشه وڏو ٿيندو آهي. اسين اڃا پرڪاش-ورت ۾ جوڙي ڪو نه سگهيا سين جيڪو خاڪي کي ٻي روشن بڻائي سگهي. سمندر ڪنهن حد تائين گهري ڪوهيڙي کان اڳ ئي رهيو، ان کي اطمينان ڪرڻ ٿي ڪافي ٿيندو.

وري به جهڙي روشنيءَ ۾ (جا شيام کي فطرتن عزيز هئي، سندس شعر ۾ به ليئو پائي ٿي) ۾ جيڪي ”سچ“ اڀري آيا، اهي هڪ وڏو سوچ مهيا ڪن ٿا.

پڻ ڌرم جي مانيتا ڪا درشن ۾ ڄاڻايل آهي ته سچ کي سمجهڻ جي ڪا صورت ڪانهي. جي اوهين انکي ذاتي رت سمجهڻ چاهيندا ته اوهانجون سڌريون ۽ محدوديون آڏو اينديون ۽ جي اوهين انکي خارجي نموني سمجهڻ چاهيندا ته ان ۾ اسشمار پيچيدگيون ۽ تضاد نظر ايندا. پر اسين سچ جي سروپ کي پڪڙي نه سگهندا هجون پر اهو جن رستن تان سوي ٿو، اهي انهن پڌري رستن مان ٿي ڪٽان گذرن ٿا. ادب ب-. ان جو اپواد نه آهي.

هن سمندر ۾ ڪي اهڙا ٿي سوال پيدا ٿيا. هڪڙو سوال اهو اٿيو ته ادب ۽ ثقافت کي پرکڻ لاءِ جيڪي پد (Terms) آهن تا ڇا انهن جي هڪ آخرين معنا طئي ڪري سگهجي آهي؟

نارائڻ شيام جي ڪوتا جو ڀاؤ سنسار

● ڪرشن راهي

"ڀاؤ سنسار" نالي مان لڳي ٿو ته هيءَ وشيه هندي ساهت ۾ ٿيندڙ آلوچنا کي خيال ۾ رکي، چونڊي وئي آهي. هندي ڪوتا جيڪا وادن ۾ ورهايل رهي آهي، اُن ۾ شايد انهن ٿيندو هوندو ته ڪهڙن واد واري ڪويءَ پنهنجي ڪوتا ۾ ڪهڙا ڀاوَ ظاهر ڪيا آهن، ۽ سندس ڀاوَ سنسار تي ڳالهائي سگهجي. سنڌيءَ ۾ ائين نه آهي. سنڌي شاعري جيڪا گهڻن ئي گهاڙيٽن ۾ رچي وئي آهي، اُتي ڪيترن شاعرن ڪيترن گهاڙيٽن - بيتن، ڪافين، وائين، غزلن، نظمن، رباعين وغيره ۾ ته ڀن ڀن ڀاوَ ظاهر ڪيا ٿي آهن پر هڪ ئي شاعر پنهنجي هڪ ئي گهاڙيٽي ۾ به ڪيئي ڀاوَ اظهاريا آهن!

هڪ طريقو اهو هو ته شيام جي شايع ٿيل ٽن ئي ڪوتائن مجموعن مان ڀن ڀن ڀاوَ، مختلف جذبا ۽ خيال ڪڍي ڪري، ڪنهن سلسلي ۾ جوڙي، مان سندس ڀاوَ سنسار تي ڳالهايان. پر اهو طريقو نه صحيح ٿئي ها، ۽ نه ڪارگر. سڀ ڀاوَ ته ڪڍي نه ڪري سگهجن ها، ڪي رهجي وڃن ها ۽ ڪي سلسلي ۾ ئي نه اچن ها. ائين سندس ڪوتا مان ڪن ڪڍي ڪيل ڀاون کي ڪٽي، شيام جي سڄي ڪوتا جي ڀاوَ سنسار جي اوک ڊوک عجيب ۽ مشڪل ٿئي ها. ڀاوَ ۽ جذبا شاعريءَ جو اڻٽٽ انگ آهن. انهن کي الڳ ڪري نه ٿو سگهجي ڇو ته شاعر جي شاعريءَ تي سندس زندگيءَ جو وڏو اثر ۽ واسطو رهي ٿو. شاعر جي هڪ لهر پنهنجي زندگيءَ ۽ ٻي لهر

اعتراض هو ته، جي ائين آهي ته هو پنهنجي ٻاهر کي وڃاءِ کان ڪيئن بچائي سگهندو. ٻي طرح اڳوات ٺهيل ڪن معيارن جي باوجود اسان لاءِ پنهنجا پيچرا طئه ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. ڇاڪاڻ ته، ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن منزل ڪي ڪا راهه چٽيندي ٺهي ڪري. نامدو جي سنسڪرتيءَ واري ٻاهر تي ٿيندڙ تبصره وقت به، ڪن اصطلاحن کي وٺي ارٿ سنڪٽ پيدا ٿيو. شڪر، حامد پنهنجي جماليات جي ٻاهر ۾ اهڙو ڪو وادي لفظ ڪونه ڪٽي آيو، ورنه اُن وشيه ۾ وڏي مباحثه جي گنجائش هئي.

ٻه اهڙن، مٿاڇري تي اختلاف دهه اڀندڙ معزن ۾ ٿي سيميدارس جو ارٿ اڪل آهي. ٻنهي قسمن، اسين تنقيد ۾، اهڙن ذڪين موزن مان ذاتي گهٽ گذريا آهيون. نتيجن، فنڪارن سان پورو نياءُ نه ٿي ٿيندو رهيو آهي؛ شايد پنهنجي محدود دائري ۾ به، اسين شيام سان نياءُ نه ڪري سگهيا هجون.

تنقيد تخليق کان پوءِ ٿئي رهندي آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. پر پنهنجي ۾ ٻيو جڏهن گهڻو وٺي ويندو آهي، تڏهن تخليق جي لات پنهنجي پوري شعاع لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٿئي لڳي جو انتظار ڪندي آهي. مان ذاتي طرح سان خاموش رهي سگهان هان، اشرطيڪ منهنجي اچڻ ۾ سندي ادب جي ڪنهن ٿئي لڳي جو وسواس هجي ها.

هاڻ حقيقت هيءَ آهي جو شيام پنهنجي لڳي ۾ پنهنجي سڄو هڪ پوريتا حاصل ڪئي. شيام کي وٺي اسين پنهنجي ٿي لڳي ۾ اڃو ڻ ثابت ٿياسين.

– هريش واسواڻي

لکيو آهي ۽ سندس نباهڻ جو طريقو روايتي آهي. ڳالهيون
ٻه، يعني خيال جي ڪلاسيڪيت ۽ اظهار جي منظرڪشي،
شايد سندس احساس داريءَ سان واسطو رکن ٿيون ۽ ٻيون ٻه،
يعني ٻوليءَ جو پنهنجو محاورو خواهه لهجو ۽ نباهڻ جو طريقو،
سندس تخليقي صلاحيت سان واسطو رکن ٿيون. شيام جو
فارسي علم سان واسطو رهيو آهي. هو ڄاڻ فارسيءَ ۾ ايم. اي.
(آنرس) هو. سندس خيال جي اها ڪلاسيڪيت ۽ منظرڪشي
هڪ ته فارسي شاعريءَ جي اڀياس مان آئي ٿي ڏسجي ۽ ٻيو
ته ڌرتيءَ لاڙي جي ڪري هنديءَ جو ڌارمڪ ساهت يا ٻيءَ
طرح اُن جو ڪلاسيڪي ادب پڙهندي، شايد پـرائي ٿي
ڏسجي. شيام جي شاعريءَ جي انهن ٻنهي خصوصي پهلوئن
تي ڪجهه وڌيڪ وستار سان ڳالهائيندي، انهن ۾ اظهار ڀـل
پيدا ٿيل پاسن جا مثال به پيش ڪندس.

ڀاو جي ڪلاسيڪيت

ڪلاسيڪيت مان منهنجو مطلب قدامت پرستي نـاهي.
منهنجو مطلب آدي بنيادي سونهن قدرت ۽ انسان جي گڻ
آدرش، سچ، سنسڪار، ويچار ۽ وهنوار، سڀ، سداچار ۽
عقيدي اعتبار جي مڃيل ۽ قبول ٿيل پرمپرا سان آهي. اڄ
صدي اڳ جڏهن نارائڻ شيام پنهنجي شاعري شروع ڪئي،
تڏهن شايد دنيا ئي ڪجهه اهڙي هئي يـا شايد هن پنهنجي
نرمل سچ، سنگت ۽ صحبت سان اُن مان اهڙو ئي ڪجهه ڀاو
۽ پرايو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاريو.

روايتي طرح شاعر اول ۾ غزل ۽ آخر ۾ رباعي چوندو آهي ۽
ٻهران رومانوي ۽ اندر جمالياتي شاعري ڪندو آهي. پر شيام
جي شاعريءَ ۾ جمالياتي جذبو ٻهران ۽ رومانوي ڀاوُ اندر تـو
اچي ۽ رباعيءَ جي اوسر اڳ ۾ ٿـي ٿئي، غزل اندر تو اڀري.

عام زندگيءَ سان جڙيل رهي ٿي، جنهن ڪري هو پنهنجو اُنهن شاعراڻي ڀاوَ ۾ ٻين تائين پهچائي سگهي ٿو. ان ڪري، مان نارائڻ شيام جي Sensibility کي کڻي، شاعريءَ جي جدا جدا پهلوئن کان سندس ڪوتا ۾ آيل ڀاوَن جو ذڪر ڪندس.

Sensibility جي ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ ”حسّاس“ آهي. مون ان لاءِ هڪ سادو سولو لفظ جوڙيو آهي ”احساس داري“. اگر ڪٿان، ڪنهن وٽان ان کان ڀلو لفظ ملندو ته، خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ سان قبول ڪندس. احساس داري (Sensibility) سمجهه داري (Sensibleness) کان مٿڀري آهي. اُن ۾ سمجهداري ته اچي ٿي وڃي ٿي پر شعور، چيتنا، انڀو انڀوتي ۽ ڏسڻ پرکڻ جي درشٽي به، اچي وڃن ٿا. شاعر کي خيال اچي ٿو ته هو اُن کي پنهنجي احساس داريءَ سان جذباتي (Emotionalise ڪري)، پنهنجي تخليقي صلاحيت (Creative Capability) سان شاعراڻي ڀاوَ ۾ اظهاري ٿو. ڀاوَ يا جذبو هر شاعر جي شاعريءَ ۾ هوندو آهي پر جڏهن انهن پوري نموني اظهار جي اُپري پهچندو آهي تڏهن ٿي دل من موهي سگهندو آهي. شيام جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيئي ڀاوَ اظهاريل آهن جيڪي دل من موهي انهن تي ڇڪ اُڪري ٿا وڃن!

شاعريءَ جي جن چئن پهلوئن کان مان شيام جي شاعريءَ ۾ آيل اهڙن ڀاوَن يا جذبن کي جاچڻ پرکڻ جي ڪوشش ڪندس، سي آهن (١) خيال (٢) اظهار (٣) ٻولي ۽ (٤) نباهڻ جو طريقو جنهن ۾ نظريو يا فلسفو به اچي ويندو.

شيام جي شاعريءَ کي جاچڻ ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سندس خيال ۾ هڪ قسم جي ڪلاسيڪيت آهي، سندس اظهار ۾ منظرڪشي آهي، سندس ٻوليءَ کي ڇڪ پنهنجو محاورو ۽

جنهن گهڙي وچ نهر ۾ وارن ٻڪڙجي جل مٿان
روپ ماٿا چوڙ نظرن کان ٻيڪي هيٺان رکي!

(روپ مايا)

نهر مان ٻاهر اچي جنهن انگ سڪايائين ٽٽي
ٻهڪندو جوڀن ٻاهر ڏسندي شڪجي شرمائڻ لڳي
روپ جي هڪ چال ڏس، ڪنهن ٻيءَ کي اُها ئي ڏني
مرڪ لڄ چمڪائي ٿي، لڄ مرڪ ٻهڪائڻ لڳي!

(روپ مايا)

شيام جي شاعريءَ ۾ خيال جي اِها ڪلاسيڪيت صرف جماليائي جذبي ۾ ئي ناهي پر ٻين ٻين ڀاون ۾ به آهي. اِهي ڀاوَ جيڪي قديم آهن، پراڻا آهن پر انهن جو پراڻو پڻو ائين زنده ۽ جاويد آهي جيئن ماضيءَ ۾ اَڄ ۽ اَڄ ۾ ماضي سمايل آهي. وڌيڪ، اِهي ڀاوَ جڏهن شيام پنهنجي دلڪش نوع ۾ اظهاري ٿو ته جڻ اجوڪي ادب ۾ نئين جاءِ پائيندا نظر اچن ٿا.

مان زماني جي انهيءَ باغ ۾ ٽهڪيس، جنهن ۾
ڇا نه ڪنهن جو هيو شان، گلن ۾ ٿي نوريا.

(آچيندي لڄ مران)

اکين کان دور وڃي هوءَ نظر نه آئي وري
جڏهن جڏهن نه ڏنم ڪيس ٻهراڻ ساڙ ڏنم.

آدميءَ ٻاريو ڏيو جنهن ڏينهن کان
ٿي ميسر روشني امڪان جي.

آڌ ٻيءَ رات ڏٺو مون جاڳي
حد بيحد جي سرحد ساڳي.

شيام جي شعر جو پهريون نئي مجموعو پنکڙيون آهي. پهريون حصو رباعيون آهن ؛ ٻيو حصو ”روپ مايا“ جا سانيٽ آهن جن کي شيام چوڏسيون سڏيو آهي. رباعيءَ ۾ جيئڻ مرڻ، حياتي موت جو ويچار کلاسيڪي ڀاوَ ۾ هن طرح ٿو ڏئي.

سج وڻ جي مٿان، پاڙ ۾ وڻ جو پاڇو
جي وڻ ٿي وڃي، پو نه رهڻ جو پاڇو
سنسار ۾ ان ريت هي آدي سج هيٺ
اي شيام مرڻ آهه جيئڻ جو پاڇو!

(پنکڙيون)

* * * *

چو، موت کان سڀ رهن سدا هيسايل؟
نالي کان ئي سندس ٿيا ڪنبايل!
چو، چور جيان خوفزده سڀ آهن؟
آهن ڇا حياتيءَ جون گهڙيون چورايل؟

(پنکڙيون)

سونهن سان شيام جو ناتو جسماني نه، پر جمالياتي آهي. شيام عيش پرست نه، پر سوڀيا درشي آهي. اهو جمالياتي ڀاؤ هيٺين ٿو اظهاري.

آهستہ آئي، ٿي مون وٽان جڏهن نہ وئي
ڇا ٻانهن جي سندري مڙي لوڏ ڪئي!
ڪمري ۾ وئي پکڙجي سمن جي سڳنڌ
پوکيل ول واءُ ۾، لڏي شيام پئي!

(پنکڙيون)

وار چوٽيءَ ۾ بدل پاسا ٿي سندر سپن جان
جڏهن ٿي ڇوڙائين، ويا سي رات وانگر ڦهلجي

ڪڏهن ڪانئس حال پڇبو ته، ته سندس جواب اهو هو.

ڪهڙي دنيا مٺيءَ جي ڳالهه ڪريون
اڳهه اکيون، ڪالهه خوشيءَ جي ڳالهه ڪريون!
موت تي رو نه ته، پر هاڻي
مرڪندڙ زندگيءَ جي ڳالهه ڪريون!
ان خوشي اڄ جي، ٽهڪ پڻ اڄ جا
هن گهڙيءَ هن گهڙيءَ جي ڳالهه ڪريون!
(ذات ۽ حيات)

ڀاو جي منظر ڪشي

شاعريءَ ۾ ڀاؤ ڏيندو آهي، ان جو زوردار اظهار به ڏيندو آهي جو دل من ۾ ڪهي ٿو، ويندو آهي. پر ڪڏهن ڪو ڀاؤ جڏهن منظر جي روپ ۾ اظهارجي ايندو آهي ته لفظ لفظ ته لڳندا آهن ته ٽڪرن جي جڙت ڪاري (Mosaic) ٿي ايندا آهن ۽ ان ڀاؤ، ان خيال جي سڄي سونهن سوڀيا ان ٽڪر ٽڪر جڙت ۾ ٿي سالم ۽ سلامت لڳندي آهي. شيام جي شاعريءَ ۾ نه ڀاؤ نه خيال جو اظهار، ڪو هڪ منظر ته، پر ڪئي منظرن جو هڪ سلسلو اڀاري ٿو ڇڏي.

ننڊ ڪئي ڪاٿ هٽي خواب ڪٽي ويو ڪوئي
چانڊني رت جون سنسان گهٽيون، نيڻ ڦريا!
(آڇيندي لڇ مران)

نيٺ تارا ته، پڻڏا، هير گهلي، ساڪ ڦٽي
ڏورڙ آهستي اذانون لڳي، رستا جهو ڇريا!
(آڇيندي لڇ مران)

اس ليز، دور تائين ڪو آيو نظر ته، ٿي
وڻ وڻ جي ڇانو ۾ ٿي ڪيو راهه انتظار!
(آڇيندي لڇ مران)

گـل جـو رنـگ نـرالـو هـر جـا
پـر لـڙڪن جـي صـورت سـاڳـي.

(ڏات ۽ حيات)

اها ڳالهه سڀڪنهن، ڏٺو وڃي ته شيام جي شاعريءَ ۾ نڪي نه پلڪ سندس زندگيءَ ۾ ئي هئي. سندس هي شعر آهي:

هجي جا ڪاڻ خوابن جي ۽ عيشن کان الڳ آجي
نه پنهنجي زندگي آهڙي نه پنهنجي شاعري آهڙي!

اسان مان جيڪي شيام کي ويجهو رهيا آهن سي سندس زندگيءَ کي ويجهائيءَ کان ڏسي سگهيا آهن، تن کي سڌ آهي ته شيام جي زندگي عيشن کان الڳ آجي شايد نه به هجي پر عيشن کان ته بلڪل آجي يعني محروم ضرور هئي. اڄ جي ضرورتن واري زندگيءَ ۾ وچولي طبقي جي گهر ٻار ۽ نوڪري ٻڌي پگهار واري انسان جا غم ۽ پريشانيون ناواقف شيام کي هئا. پر توءِ به زندگيءَ ڏانهن سندس رخ ڪاوڙيل يا جوش ڀريو نه ٿيو ۽ ساڳيو ئي سندس سڀاءَ جهڙو سانتيڪو ۽ سهڻو شيل رهيو جيئن هن ڀاڱي مان ظاهر آهي.

ڇڏين اي مرڪ دل ۾ غم، ۽ دل سرهي اکيون آليون
ڪڏهن غم ان سمو آئي، ڪڏهن ماڻيم خوشي آهڙي!
خوشي پنهنجي ۽ پنهنجي دل مٿان هڪ بار مون پاتي
نڌاري شڪل دنيا جي ڪڏهن مون جو ڏٺي آهڙي!

شيام ٻئي جي نڌاري شڪل ڏسي ڏک ڪرڻ وارو نه هو پر پنهنجو حال ٻئي کي ٻڌائي ڏک ڏيڻ وارو نه هو.

پـاڻ ئي حال پـڇڻ لءِ هئين آئو اهـڙو
خوش لڳين ها پڇي سمجهو هيو ڇا اسـو اهـڙو.

(ڏات ۽ حيات)

ڪٿي ڪٿي ته شيام ڀاءُ کي هڪ مڪمل واردات جي صورت ۾ آڻي اکين اڳيان ٿو اڀاري.

جٿي ٻوُر ڦٽائيندي اک نند ۾ آرسائي
هوءَ ٻـر مان سري منهنجي ڀاڪر ۾ هلي آئي!
ڳالهيون ڪندي سرتين سان گهر ڏانهن ته موٽيون پئي
ڏسندي ٿي مونکي، شڪ جي ٿو وات چو ڦيرائي؟
(مهڪي ويل صبح جي)

ٿي ٽپ جي ڪري اَڄ منهنجو ڀاچو ڀڄ وني آئي
جڏهن ڀي هو ٿٿن ملڻ آئي هميشه هيڪلي آئي!
اهو ئي گهر ڊرڻ سانڀيون، ويل ان ئي ويلون سانڀيون
مگر سا شڪل گل جهڙي ڏسڻ ۾ ڪيڏڪي آئي
ڪليل اي ٿور اک وانگر لڳو پئي گهر جو دروازو
اڃي ايندينءَ ٿو ان لي ڀانءِ ان ۾ روشني آئي!
(ذات ۽ حيات)

قدرت سان شيام جو ناتو هيڪاند و رهيو آهي. منهنجي من جي اڪيلائيءَ کي قدرت جي اڪانت سان جوڙي، هن قدرت جي الڳ الڳ عناصرن سان چڻ گوڏو گڏي واهي وارتالاپ ڪيو آهي.

ٻر ات لي اڪانت - وڻي اوچائي لڳي،
سرور اندر سانت - جاچي گهرائي پئي!
چنڊ لڳو ٿي اٿين - آپ ۾ آڌيءَ رات جو،
جر لي هو رڻان جٿن - ٿري هدس نند اکڙو!
(روشن چانورو)

ٽڙون ٻاد جٿن رات ٿنهنجون رهاٽيون
ڪليام چنڊ سان ٿنهنجون ڳالهيون ٻراٽيون!
(روشن چانورو)

اُٿين ٿي ولڻي ولڻي گهر، خيال آيو اُٿي نڪتس
اچي رستي تي اينس جڏهن هيم ڪڏهن کي وٺي اچڻو!
(آچيندي اڄ مران)

اي شيام هيڪلو تُسي ڪو وڻندو رهيو اڳيان
۽ پويان راهه. تُسي لڳي ڪيڏو لڳي!
(آچيندي اڄ مران)

اڳيان ايندو ڏسي تو کي هٿ ايندس ٿي ناسيرو
اڪي اوڏي نهارڻ جي نه جيئن ڀڪڙي وڃي ڇوري!
(آچيندي اڄ مران)

پيار جو اظهار ڪندي، شيام پيار جي ڀاڙ جو هڪ اهڙو منظر ٿو ڏيکاري جو هڪ منظر ۾ ڪيترائي منظر هڪ ٻئي سان جڙيل يا لاڳيتي (Juxtaposed) آهن ۽ سنت، ٻڌڻ سان هڪ چل - چتر (film) جيان اکين اڳيان گهمي ٿي وڃي. خيال کي جڻ شڪل شبيهه ملي ٿي وڃي ۽ هلندڙ چلندڙ خيال پنا پاڻ محسوس نه ڪجي ٿو پر ڪجهه. ڪجهه ڏسي ته سگهجي ٿو ۽ شايد ڇهي به سگهجي ٿو!

اُتي چرڪي، ڪاوڙجي جهٽ مسڪرائي
ڪٿي ڪڏهن هيس پير تسي ڪڪڙائي!

وچوڙي ۾ نهارين نظر جون سهارون
ڪڏهن جي ڪٿي ڳالهه اَڄ ياد آئي!
(ڏاس ۽ حياس)

انگهي موڙ وٺان پيو مڙي تو نهاريو
پيو ياد کي يا هيو کي وساريو!
هيو صبح جو وار وڻڙال انبين ٿي
گهڻو شام جو ڪين پئي تو ٻساريو.
(ڏاس ۽ حياس)

هڪ شخصيت آهي، اهو شاعر نه آهي جيڪو لفظ کي گهرائيءَ سان پرکي ٿو. درحقيقت سچي شاعر جو ٻيو رول ٿو رهي. هڪ نه هوءَ لفظن کي ڳولهي چونڊي، پنهنجي ڀاوَ ڀنا جذبي ۾ اُتاري، ڀرپور معنيٰ ۽ خوبيءَ سان اظهاري ٿو ۽ ٻيو نه لفظن ۾ لفظ گڏي، وقتي نوان لفظ گهڙي، ٻوليءَ جو نئون محاورو ۽ لهجو پيدا ڪندو آهي. شيام اهو شاعر آهي جنهن پنهنجي لفظ - چونڊ سان شاعريءَ ۾ اهڙو نئج ۽ نئون محاورو ۽ لهجو ڏنو آهي. اهڙي محاوري ۽ لهجي ۾ ڀاوَ جو هڙڙو اظهار شيام کانسواءِ شايد نه ٻئي ڪنهن شاعر ڪيو هوندو.

نس نس ۾ حوس جي جڙ - سرڪٽي لهرائي
جا ڦوهه جوانيءَ ۾ رات آهه هنئر آئي!

هيءَ چنڊ جي چانڊوڪي رابيل جي خوشبو ٻي
جاڳن جي آهي ماڻن ساعت جي سڃاڻي!

(ذات ۽ حيات)

هتي سرڪٽي لفظ خاص معنيٰ کڻي آيو آهي. سرڪٽي نانگڻ آهي ۽ نانگڻ سان زهري ۽ وڇون وانگر هڻندڙ جون صفتون جڙيل آهن جيڪي سرڪٽيءَ سان ناهن. سرڪٽيءَ جي صفت لهرائڻ آهي. جواني نفس جو جذبو جاڳائيندي آهي. رات جي ڦوهه جوانيءَ ۽ نس نس ۾ حوس جو سرڪٽيءَ جيان لهرائڻ! ساعت جي سڃاڻپ نه، وڌيڪ نهايت پيارو اظهار جو لهجو آهي.

نانڊاڻي جي لاٽ - رات انڌاري پنڌ گهڻو
هڪ وک کڻندي روشني - ٻي وک کڻندي ٻاٽ
نانڊاڻي جي لاٽ ....

غنچي غنچي جو هم زبان بڻجي،
چپ ڪري مان ٻڌان ٿيو آواز!
(روشن ڇانورو)

تارن سان انهيءَ ذڪر ڪيان ها نه جيڪڏهن
گذري نه رات ها ۽ سحر ٿي سگهي نه ها.
(ذات ۽ حيات)

ڇني وٺ ڇني وٺ ڪو رابيل هڪڙو
مونکي ڇڏ ور ور ڪري ٿئي ڏڪاريو!
(ماڪ ڦڙا رابيل)

هيڪلائي ۽ چانڊاڻي چپ چاپ،
ڪجهه نه ٿئي ڪائنات ويچاريو!
ڇا نه رابيل جي ٿئي خوشبوءِ
ڇڏ اَڄ ڪنهن کي ٻانڌو ڏاريو!
(ماڪ ڦڙا رابيل)

قدرت ۽ قدرت جي عنصرن کي زندگي ۽ زندگيءَ جي چيزن سان ملائڻ جو ڍاڻ ڪيڏو انوکو آهي.

ڪير ڄاڻي سمنڊ ڏسندي جڏهن ڪس ٻوڙيم اکيون
منهنجي اندر ۾ اٿيون لهرون ڪٿان هي اڻ لکيون؟
سج، شفق، ڪڪرن اچيون، گل ڦل، ٻڪي،
وڻ ٽڻ، ٻهاڙ
مورتيون هن کان زياده ڪهڙي مندر ۾ ٽڪيون؟
(مهڪي وال صبح جي)

پنهنجو محاورو ۽ لهجو

شاعريءَ ۾ لفظن کي اها اهميت آهي جيڪا چترڪاريءَ ۾ رنگن کي آهي. لفظ لفظ کي پنهنجي معنيٰ، پنهنجو مزاج ۽ پنهنجو رنگ، پنهنجي جهمڪار آهي. جهڙي ڪلي نه پنهنجي

نباهڻ جو طريقو - نظريو ۽ فلسفو

شيام جي نباهڻ جو طريقو روايتي آهي ۽ روايتي هوندي به لفظي ڏيکءُ (Rhetoric) کان آجو آهي. ترڪيب جو استعمال به هن اجايو سجايو نه ڪيو آهي بلڪ ضروريءَ سان ڪيو آهي. لفظ پنهنجي معنيٰ خواه موافقت ۾ ائين پورا بيٺا آهن جو ڀاوَ جي هڪ مڪمل صورت ملي ٿي.

آيو نه ڏهن نه موت، اچي هاڻ ڇا ڪندو،
مشڪل اچي جڏهن هو ۽ هاڻي مرڻ محال!
(واريءَ ڀريو پلاند)

ڪالهه انڪار ڪيئه نيڻ جهڪائي
اڄ تو انڪار ڪري نيڻ جهڪايا
ڊوڙندو ٿي رهيس تلاشيندو
من ملي ڪرڻي هڪ ايهڙ جو.
(ذات ۽ حيات)

مان سمهي پڻ سگهيس نه ننڊ ڪري
اک لڳي آيو جاڳڻ جو سمو
پوءِ ننڊ ۾ پڻ مون توکي ڀڪاريو
ڪٿي اک نه تو خواب ۾ پڻ نهاريو.
(ذات ۽ حيات)

شيام جي شاعريءَ ۾ ڪو مخصوص نظريو يا فلسفو ڪونهي ۽ اهو ڪو سندس شاعريءَ جو عيب يا ان جي گهٽتائي نه آهي. نظريو يا فلسفو جيڪڏهن سياسي آهي ته شاعر ۾ ان جو نه اچڻ ئي بهتر آهي- ان جو اچڻ پرچار جا امڪان پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ ڪوتا کي ان جو ذريعو يا واهڻ بڻائي سگهي ٿو. زندگي اڻڏي وشال آهي.

ڪڏهن ته ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ نظريا ۽ فلسفا به

ٻرندي ٻرندي هيءَ روشني – اونده ٿي اسات
ڏسندي ٻيري ٿي وڃي – ونڌر ڪاري وات
ڏاڍائي جي لات ....
(ماڪ ڦڙا راهل)

اونداهي رات جي لمبي ڦهلاءَ ۾ ڪنڊ ڪڙڇ جي رڪي رڪي ٽمڪندڙ انهن آهي جيڪا هڪ وڏي روشني بڻجي وڃي اونده کي ڪٽي ۽ ڪاري رات کي ڪٽن جيان ٻري وسامي ٿي ٻري ٿي وڃي! ۽ هڪ ٻي غزل ۾ آيل هي الڳ الڳ ڀاوَ آهن-

منهنجي جهوري ته جيءَ ڪيئي آهي
ٻير ته ٻيئي ڪا لڳي، انهن ناهي!
اوٺ جتن جو انسان جو مان ته مگر
ڪا سڃاڻپ وڏي، انهن ناهي!
مان ٻڌڪس ٿيئي ته غم چنڌي ٻيڃو
ڪا اڳيان هئي خوشي، انهن ناهي.
(واريءَ ٻرو ٻلاند)

انهن ڀاوَن کي ته مان سمجهان ٿو وڌيڪ ڪولي سمجهائڻ جي ضرورت ئي ناهي ۽ هي ڪجهه ٻيا مثال آهن-

جنڙي روپ رنگا نه منهنجي انهيءَ ۾
وراڻي وراڻي ڏڻم د رسنديءَ ۾!
گهميس شهر ۾ ائي اڪيلو اڪيلو
نه ڪو ٻانڪ جهڙو ملي ڪنهن گهٽيءَ ۾!
(آچيندي لاج مران)

هڪي گهر ۾ گهر جو هيس مان ڪٺي
رسيءَ تي ٽڪائڻ له جئن کو وڃو!
حياتيءَ جا قيدا نه قرندا رهيا
نه ڀيو ٻير نه ٿيو ڪجهه اهه طيءَ فاصلو!
(ڏاهه ۽ حاصل)

جاڳ ماڻهن جي ٿئي صاف سندن ٻوليءَ مان
شيام، ڳالهائجي سنڌي ٿي جتي سنڌ اٿي!
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي سنڌ هتي، سنڌ هتي!

(روشن ڇانورو ١٩٦١)

۽ آخر ۾ شيام سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار جو اظهار، دعا جي پاڙ ۾ لائين ڪيو آهي جو دل پرچي ٿي اچي ۽ اکيون آليون ٿي پيون وڃن!

چون ٿا شيام تنهنجو قدر اڳتي ٿي هلي نيندو
تہ سچ سنڌيءَ جي لاءِ زندهہ رهڻ جي هيءَ دعا آهي!

اڌورا ۽ اڻ پورا آهن ۽ ڪڏهن نه ايڏي نماڻي آهي جو ان کي ڏسڻ ٻڌڻ لاءِ دل جي دنيا ئي ڪافي آهي. شايد زندگيءَ جو صحيح اظهار زندگي پاڻ ئي ڪري ٿي . جيئن شيام چوي ٿو-

زندگيءَ لاءِ شاعري ڪهڙي
زندگيءَ زندگيءَ کي اظهاريو!

(ذات ۽ حيات)

مان ڄاڻان ٿو ته شيام جي ڪوتا جا اهڙا ڪيترائي ڀاوَ بيان ڪرڻ کان رهجي ويا آهن جيڪي هن من جي الڳ الڳ اسٿتين ۾ اظهاريا آهن سڀ ته بيان نه ڪري سگهندس پر اهڙي هڪ اهم ڀاوَ جو ذڪر ضرور ڪندس . مان سمجهان ٿو ته اسان ۾ شيام ئي پهريون هو جنهن ورهاڱي جي ڪري اسان کان وڇڙي ويل سنڌ جي باري ۾ پنهنجا ڀاوَ اظهاريا –

ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو بس جاڳيا اُن جا اُٿن ويچار،
لڪندي لڪندي اُڀي اچانڪ ور جي ٿوورنيءَ کي سار!
ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو بس ياد پئي اُن وسريل وير،
سالن بعد قتل مندر ۾ جوت اچي جئن ٻاري ڪير!
ڏسندي نقشو سنڌڙيءَ جو بس ياد پيا اُن گذريل ڏينهن
ڌوئي ساوا ڇپج ڪيا وڻ شيام وسي جئن ساوڻ مينهن!

(نئين دنيا ١٩٥٠)

سنڌ جي باري ۾ اهڙي قسم جا ڀاوَ شيام پنهنجي شاعريءَ ۾ پوءِ به اظهاريندو آيو آهي –

سنڌ کي ڪونه ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هتي، سنڌ هتي!
ملڪ ٺهجي ٿو مٽيءَ سان نه، مگر ماڻهن سان
سنڌ کي ڪونه ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان!

”نارائڻ شيام جي ڪوتا ۾ جماليات“

● ارجن حاسد

جماليات کي سمجهڻ، محسوس ڪرڻ، خود ۾ هڪ حاصلات آهي. عشق محبت ۽ پيار جي جذبي کي جماليات سڏيون، ڪنهن جيءَ سونهن يا جوانيءَ کي اظهار ڏيندڙ بيان کي، جماليات سڏيون. ايترو ڏکيو آهي جماليات جي احساس کي سمجهڻ، اُن کي ماڻڻ ته، تنهائين ڏکيو آهي. انگريزيءَ ۾ اُن احساس کي Aesthitics چئون ٿا. ڪنهن سان جدائيءَ، وڇوڙي يا ملڻ جي گهڙين کي، سار يا سڏ ڪڻ کي، سونهن ۽ سڳنڌ جي ڇهاءَ کي جماليات سڏيون، يا ڪنهن اهڙي قسم جي طلسم ڪري ڪرڻ کي جماليات سڏيون. مان چوان ٿو، اهڙي قسم جي ڪنهن جذبي کي محسوس ڪرڻ، جماليات آهي، جيڪو من کي ڪي گهڙيون سوچ ۾ وجهي ڇڏي، يا من کي ڪي گهڙيون، بي قابو اٿاري ڇڏي، اهو جذبو صرف ڪي گهڙيون ئي محسوس ڪري سگهبو آهي.

ڌنڌ او پيان مدار، پر اسرار ٿو لڳي،
خالي ٿڌو مفاصلو، تارن جي روشني!

مٿئين شعر ۾ اهڙا ڪي ٻه لفظ ڪونهن، جي جماليات جي ويجهو به هجن، تڏهن به اهو شعر جماليات جو احساس ٿو ڏياري، ڪي گهڙيون سوچ ۾ ٻوڙهي ٿو وجهي. ٿورو ڌيان ڏيندا ته ڏسندا، ته ڪٿي به غزل جي شعر واري گره لڳايل ڪانهي، صرف ڪو سنهڙو لاڳاپو آهي، تڏهن به شعر مڪمل

مٿيون شعر، جماليات جو سهڻو مثال آهي. هن ۾ لفظ "هان اجها" اٿين چيا، جڻ چنبيليءَ جي ٻوٽي مان ۾ ٽي گل ڇڻي پيا. شاعر کي لفظ، گلن سمان لڳا آهن.

ٻوليءَ جي انداز ۾ اها سونهن سمايل آهي، جنهن من کي مٺاس سان ڀري ڇڏيو آهي.

جماليات، ڪن ۾ خاص لفظن جي محتاج ڪانهي. ڪنهن ۾ خيال جو سهج ڀاءُ سان ٺيل ورن، ان گهرائپ ٽائين پهچائي ٿو ڇڏي.

ڪَڙ ڪبيتا هانءُ ۾ ٺمڪڻ لڳا،
جڏهن تو مرڪيو، مون ڏي پيهر اک کڻي!
ڪنهن جي سهڻي جسم تي پوندي نظر،
دل جي اوندهه، ٿيا پاڪيزه ٿِي!

اوندهه، پاڪيزه ٿِي. واقعي اهو جذبو نيڪ آهي.

شيام اداس، صحارن وچ ۾،
شاهه جي وائي، ڪنهن جهونگاري!
شيام صبح جو مرڪين انسن ٿئي،
جڻ تو سک جي راهه گذاري!

ٻئي شعر، الڳ الڳ جذبي جو احساس ٿا ڏيارن، ته به آهن ٻئي جماليات سان جڙيل.

ٿي مون پريت ڪان دل، ۽ "ڪٿي جي ڳڻجي هؤ،"
خيال اچندي نيس، ٻاڻ ڪان ٿي ٻاڻ شڪي!

"ڪٿي جي ڳڻجي هؤ" جو خيال، من جي اها لاليچ ٿو ظاهر ڪري، جيڪا چاهيندي به، پريت دل مان ڪڍي نه سگهندي، اها ڪنهن ڪنڊ ۾ اڪيلي پاونا، من ۾ انوکو لطف ٿي پيدا ڪري.

آهي، خيال ۽ احساس، صاف ۽ گهرو آهي. ڪٿهن ٻار، ڪٿهن وڇوڙي جو احساس، خالي ٿڌو مفاصلو، لفظن مان ظاهر آهي، ۽ سونهن ۽ تاب جو احساس، تارن جي روشني ۾ نهاري.

اکين ۾ تنهنجي ڪومل، مڌر پيار مهڪيو،
ڪٺي گل ۾ جئن، گل تنهنجي ڌيري گهمايو!

گل تنهنجي گل گهمائڻ واري، شايد سهڄ سڀاءَ ۾، اکين ڪندي هجي، ٻه ڏسڻ وارو، ڪهڙن جذبن ۾ ڦرندي ۽ وڃي ٿي گهڙيون.

اڄ پوري لهي ۾، ٻاڙيسريءَ جي گهر ۾ آئي،
اڏهن لڳ سونهن جو آئي ۽ نئين، راس سڄي!

البت هلڪو خيال آهي، ۽ ٻه اُن ۾ جماليات جو ڪوانش آهي. شاعر زندگيءَ ۾ ڪٿي ٻڌڪي ٿو، اُنهن عشوتن ۽ عدالتن کان ئي واقف ٿيندا هئون.

شيام، سونهن پيار ۽ ڀرڪرائيءَ جو شاعر آهي. سندس اڪثر شعر، اهڙو جادو ٿو جاڳائي، جو فيصلو ئي نٿو ڪري سگهجي ته شعر ۾ اهڙو ڇا آهي، جيڪو جماليات جو جهيڻو ڇهاءُ بخشي ٿو، ڪڏهن ته ائين ٿو لڳي، ته اُن شعر ۾ اهڙو ڪو به احساس ڪونهي، جيڪو جماليات جي واکاڻ ٿي ڪري. وري شعر پڙهي ٿو ڪريان، فيصلو ئي ڪونه ٿو ٿئي آهي.

ڳالهه ڪنهن جي نه ٿي سگهي پوري،
صبح مان نڪتي، شام تنهنجي آهي!
شيام اُن ۾ ڪڏهن اها ڳالهه ڪئي،
مليو ڳالهائڻ، سڀ ڪنهن آهي!

"هان، اِجها" چوندي، ٿو ڪو ليو ڊر اچي،
۽ چنبيليءَ مان، پئي آئي گل ٻيا ڇٽي!

زندگيءَ لاءِ شاعري ڪهڙي،
زندگي، زندگيءَ کي اظهارڻو!

هيءَ سڀ ڪيڏلا ٽپ، زندگيءَ سان انهن جڙيل آهي، جو زندگيءَ کي اظهارڻ لاءِ، زندگيءَ جي هر رنگ کان واقف ٿيڻو ٿي پوندو. شيام صاحب، اسان سڀني جي واقفيت ڏيندو ٿو هلي. اسان ته پاڻ کان به واقف ڪونه آهيون. واقف آهيون به ته، سچي ڪرڻ نٿا چاهيون.

شيام صاحب، سهڄ ڀاءُ سان شعر چوي ٿو، انهن ٿو ڀاسي، ته ڪٿي به ڪا ڳالهه، خاص ڪوشش وٺي چئي نه وئي آهي، لفظن جو جوڙڻ ٻڻ سڀاوڪ نموني ٿيندو ٿيو هلي، چوڻو به خاص ڪجهه ڪونهي، اسن جئن به جيڪي ڏٺو وڃانٿو سولتا سان پيش ڪيو ويو آهي، ۽ شعر پڙهڻ جو پاڻ، رنگت جمائي، اثري پيدو آهي. ڀاوَ جي سوڪيمتا ۽ سولتا، خيال جي گهرائي، جيڪا جڻ من جي شانت - مين پيڙا مان اڀرن ٿي نڪئي، ٻڌندڙ کي ڪٿان جو ڪٿي وٺي وڃي ٿي پهچائي. ٻو ان سچيءَ ٻوڪرڻا ۾، پاڻ جو شراڪ هئڻ ٻڻ ضروري آهي. ڀاوَ - هين پاڻ، نه شيام کي پڙهي سگهندو، نه وري سمجهي ۽ ماڻي سگهندو، نه ئي وري ان وهڪري ۾ وهندو رهڻ پسند ڪندو، من جو سڪ، ڪنهن سوکيم پيڙا سان ولي ملي ماڻيو آهي.

موکلاڻي، ڳرانڙي پاڻي،
موهه ڪيڏو اکين مان اٿلي پيو!

هاڻي مان ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي وڌڻ چاهيان ٿو، شعر جو لطف ٿوهان پاڻ ماڻيندا هلو. جماليات کي ڪيئن بيان ڪندا، ڪيئن گرهڻ ڪندا، ڪيترائي پاسا آهن، ڪيترن ئي ڪنڊن آهن، ان لفظ جون. جنهن جو جيسنائين، من جو سڪ پهچي. ان لاءِ ڪا خاص ڪوشش نه ڪجو، پاڻ کي ڇڪائجو نه.

اُنهيءَ اُن سوَر، منهن تي مُسڪراهٽ ڦهلجي وئي ،
مگر موٽي نه ڏسي، هئن چاڪون پرچي تنهنجي دل آئي !
جڏهن پڇي، وراڻو آئين، نظر سڀ ڪجهه، ٽڙون آيو
نئين نت تنهنجي ڳهراهٽ، نئين نت تنهنجي پنهنجائي!
سچو ڏينهن ٿئي اچي سنڌوءَ، هنئر ڪوڙن کي ڦهلائي ،
ستارن کي چمي ، پاڪر ۾ لاهي ، راڻ ڪسي آئي !

اشارو سنڌوءَ ڏانهن آهي ، الائي اُن پياسي عورت ڏانهن جنهن پنهنجي ٻانهون ڦهلائي ، محبوب جي انگ انگ کي چمي ، راڻ ڪسي پنهنجي پاڪر ۾ پوري چڏيو آهي . شاعر ڪنهن جو نانءُ ڳنهي ، ڪنهن جون نه ڳالهيون ڪري ، شايد هر اُن شخص جون ، جيڪو صديءَ لاءِ اتر اٿيل آهي ؛ پنهنجي ڌاڻين الڳ رهيو آهي . سنڌوءَ وانگر ، جيڪا صديءَ کان پنهنجي لائين ، وهي پئي ، وهندي رهندي .

ڪومل هو لڙڪ لڙڪ ڪيو ، جنهنجو انگ انگ ،
ٽهڪن ڪان ڪنهنجي ، ٿي ٿئي ، ٻتر جي مورتي !
چيڙي ڪٿي ؛ ڪنهن هٿي ، اُن راڄٽي مٽر ،
جو سرت تي سجاڳ ، وڃا نيڻ ٻوٽجي !

لڙڪ لڙڪ ڪيس ، ڪومل تو ٻٽائي ، ٽهڪ ٻتر جي مورتي ، سرت سجاڳ ٿي اٿجي ، نيڻ ٻوٽجي ٿا وڃن . ڪنهن حساس من جا اُڌما آهن . شاعر چا چا پرکيو آهي ، چا چا پاتو آهي .

پيار مان ، منهنجي دل جي چوري لي ،
چپ رکي ، تو مٺو نشان ڪيو !
دل جي چوري تي مٺو نشان .

اهڙو هڪ ٻيو به ڪيڏلو شعر :

منهنجي ٻانهن ۾ هئين ، موٽڪي مگر ،
جسم پنهنجي جو ڪٿي ، احساس هو !

اُڏيس جذبات ۾ مان ڪين، سنڌوءَ جو ٻڌي نالو،
ڪيم محسوس ڇا ڇا شيام، توکي ڪيئن سمجهايان!

شيام ڪجھ، ۽ سمجهائي نٿو سگهي، يا سمجهائڻ نٿو چاهي، پر اسين اهو سڀ سمجهي ويا آهيون، جيڪو شيام چئي ٻڌائڻ نٿو چاهي. سنڌ، سنڌوءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ شيام کي ڪيئن ڪيئن جهوريو آهي، ان جو بيان ڪن ۽ لفظن ۾ ڪونهي. سچال هڪ جي ڪتڪتائي، اها سنڌوءَ جي ڳالهه ته نه آهي، شايد!

گيت جي رنگين لفظن کي ڇهي،
اک ڏسي ٿي توکي، ڪهڙي رنگ سان!

ساڳيا ئي لفظ، ڳالهه به ساڳي مگر هئي،
نظرن ڏنا انهن کي ئي، مطلب نوان نوان!
اڄ هيئن وقت، جاءِ به، هر ڳالهه لاءِ، پر،
مرڪي ڪڏهن، ڪٿي ڪو اچي، حال تو جيان!

اڄ هيئن، ڪجھ ۽ چئي سگهجي ٿو، ڪري به سگهجي ٿو، پر ڪو مرڪي حال اچي، ان ڪانسواءِ به ڪا خواهش، ڪا امداد، ڪجهي ۽ ڇو. انهن ته هيو سڀ ڪجھ ساڳيو ئي آهي، بس صرف اسانجو ڏسڻجو وهنوار، انهن ساڳين ڳالهين کي، نئون بڻائي ٿو.

امرت جو ۽ سندرتا جو،
سارو ئي هڪ جهڙو ورڻ!
من ته ائين، جڻ قول ڏنل ڪو،
ٻڌ ڪليءَ جان، پر ٽهڪجو ان!
تون تن من جو سهڻو سنگم،
مان ته ڪڏهن من، شيام ڪڏهن تن!

تن ۽ من جي ماپا کي، سمجهڻ جو يتن ڪرڻ واجب، الائي غير واجب، تن ۽ من کي الڳ ڪري، ان اسي سوچڻ،

ٻيا سمجهه، سمجهه سون جئن سالو،
ڦلسم داستانن جو، مبهم مزو!
هجي گهر ۾، گهر جو هيس مان ڪٿي،
رهيءَ اي سڪاڻ له، جئن ڪو وڃو!
سچائپ ۽ ماڻهوءَ جي آهي هندر،
ڪڏهن وڻ ۽ وڻ ۾، وڏو فرق هئو!

انهن جي باغ ۾ ڪي ٻڻ وڻ جي اڳ سچائپ هوندي هئي. ڪو سڳنڌو، ڪو ماڪڙي، ڪو پير، سواد ۽ آڪار انوسار، وڻ وڻ جو نالو پئجي ويندو هئو، ۽ هاڻي ماڻهو صرف ماڻهو، ڪڏهن سگهڙ جو ته ڪو قدر ڪونهي.

چمن ۾ رات جي، چمڪي اوس، ڏٺم نه چنڊ اڀا،
جڏهن ۾ آهه اڀا، سونهن جو اثر ڪيڏو!
ڪيترا نه ساڳي، نه وري ڪنوار جي ادا،
ڪيترا جڏهن به ڪنوڻ، سون چمن ۾ مرڪيو هو!
ڪلهه تي لهندڙ رکي سج، سون سڪ ڪيو حاصل،
ڪلهه ته لهندي رکي سج، سون دک ڪيو هلڪو!
هئي نه شيام، فقط هڪ گلاب جي ڪونڌي،
جڏهن ته گهر جو اڱڻ، ٻانءَ جهڙو باغيچو!

شيام وٽ، خوبصورتيءَ ڏانءُ آهي، شعر چوڻ جو، فن ۽ فڪر جي ڪيترن ئي پاسن جو، بيان ڪرڻ، ضروري ناهي ته هوءَ، پر اهو شايد مڪمل وشيه ڪونهي. پيو ڪو صاحب فن، انهن سڀني ڳالهين جو ذڪر ضرور ڪندو. ڪا ڪنوار، ڪنوڻ، ائي ته شاعر من ئي من مرڪي ٿو. هڪ ڪونڌي، پوري باغ جي سونهن ۽ سڳنڌ جو احساس ئي ڏئي.

سڀ ڳالهيون نرم هٿ جان، ڪنڪنان هير جا جهونڪا،
ائي وڃي رهان، مرڪي، اکيون ٻوٽي، وري ليٽان!

صورت جون رنگتون ۽ محبت جون صورتون،
هن هن ۾ فرق جون، ڪو سڃاڻي نشانيون!
ڪوڙارڪ ۾ ڏٺيون، مون ڪجهه راهه ۾ ڏٺيون،
هر گهر جي زندگيءَ ۾ مگر، هي جي عورتون!

شاعر ڪو فرق ٻڌائڻ ٿو چاهي، اهي ساڳيون ڀاونائون، اسان ڪيئن محسوس ٿا ڪريون، هڪڙي صورت ڏسي، ۽ هڪڙيءَ ڪڏهن محبت جي صورت ڏسي، يا رڳو صورت، ۽ هڪڙيءَ عورت جو ننگو جسم ڏسي ۽ ڪڏهن محبوبا جو ننگو ۽ نفيس جسم ڏسي، شعر ۾ اشارو صاف آهي، ان نفيس ڀاونا کي سمجهي، زندگيءَ کي سمجهڻو آهي.

ڏسي آرسيءَ ۾ ٿو اُن مُسڪرايو،
هجي جئن نه ڪو موڪلائيندو ڪڏهن ڪان!
اکيون، جڻ سڌ ۽ گرم سواس ڇهڻو ٿئي،
ڪٿي ٻهڙو فوٽو، اکيون چمن سان!
ٿي هاري نهاريم، وري ٿئي نهاريم،
اکين ۾ هو ٻهڙي، نئون ڪي نه هونءَ ڪان!

اڄ ته لکيو اٿم، ته شيام جيڪو جيئن ڏسي ٿو ۽ محسوس ٿو ڪري، انهن ئي لفظن ۾ لکي ٿو، ڪا به بناوت ڪانهي، گهڻن وقتن ٿي خيال هلڪڙو به هجي ٿو، ته به اسرو نئو لڳي، چاڪاڻ جو ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو ٻهڙو ڏانءُ اٿس، ۽ اُن ڏانءَ کي ورنن ڪرڻ، ۽ صحيح لفظن ۾ ورنن ڪرڻ، شيام جي وڏي ۾ وڏي خوبصورتي آهي ۽ اسان ان خوبصورتيءَ کي شيام جي خيال جي گهرائي محسوس ٿا ڪريون.

گهڙي ڪن ته ٿيو، چنڊ جي عڪس ڪسي،
ڏٺو مون نه، جمنا جي پاڻيءَ مٿان!

اجايو پاڻکي مڃهائڻو آهي. شيام جا ٻارڪي ڪڏهن مَن تو سمجهي، ڪڏهن تن. سندرتا جو امرت آهي، الجمع پيئڻ جو ڏانءُ هڪڙو گهرجي.

شاعر جي اُڃاس، ٻ گيان ڏانهن، ۽ رڳيءَ ڏانهن، خيال تو دوڙي، ٻ ڪجهه آڃاس ٿئي ٿو.

ندي، نيڻن اڳي نه ڪا، چپا ڪنان؟
خواب ميڙي، ڪرڻ ڪنا، چپا ڪنان؟
مان نه سچ جي تلاش ۾ نڪتس،
گڏ هلي، پوءِ به ڪلهدا چپاڪان؟

شاعر جي چڱن لئي، ڪجهه نه سوچڻو پوندو.

پيار ڪنان، پيڙ ڪنان، ٻاڃي سگهندان،
اِنن نه ڌرڻيءَ لٿي، ڇا رهي سگهندان!
ڇا آسانيل اِنهن نگاهن سان،
مرڪ جي زهر ڪنان اڃي سگهندان!

اڄو نه اڳتي وڌون:

جيسين تو سان پرين اچي ڪڏ جان؟
تيسين تانئن نه، هيڪلائيءَ سان!
ڪڏهن وڌو وهم، مون ۾ آهين تون،
مڌهڙو واسو نه، تو ۾ آهيان مان!
روپ واڪا ڏنم، جڏهن نه ڏنم،
ڪئي قسمت، جو لڌهڙو روپ ڏسان!

مٿيان شعر صاف ڪجهه پڌرن ٿا، شيام صاحب، پڌهڙي شرامتيءَ جي سرڳواس ٿيڻ بعد چيا آهن.

هڪ پيو به شعر ڏسو:

يادگيريون ڪيتريون اُن ۾ اچا،
سچ ٿيو خالي نه آهي، هيءُ مڪان!

شيام ڪيڏي ھئي، سونھن سر چاڙھ ۾،
ڪنھن نہ ماڻي، مگر سا، رسڻ ڪانسوا،
سونھن آئت اٿي، پيار وسير ڏني،
ڏک ڀري زندگيءَ جا ڪٽيا ڏينھڙا!

رسڻ نہ سکيو، پر رسڻ جو شعور اڃا نہ ھجي ۽ پيار، ڏيندو بہ نہ، وسير ڏيندو.

ڏني ڌيان ڪوئي ايڏي چونہ ھا،
چوڻ چاھين، ھا ٿون، اگر ڳالھ ڪا!
اچين روبرو، ھوند سيکي ڏسانءِ،
لڪان ڪئن، لڪڻ لاءِ آھي اِ چا!
ھتي ڪو ھتي، نھڪ چٽڪي پيو،
وسائل ھئي، ھوءَ نہ ساري فضا!

نھڪ وسائل فضا ڪئي روشن ڪري ڇڏيو. لڪڻ لاءِ ڪجھ ڪونھي، ڪنھن نہ چوڻ لاءِ ڪجھ بہ نہ ھوندو آھي، خط ۾ ڪھڙو ڪي لکي سگھبو آھي. ۽ ڪھڙي ڳالھ چئجي، آھي نہ اھا ئي ڳالھ، ڪنھن کي ڌيان سان ٻڌي، ڪنھن نہ بہ ٻڌي. شاعر کي آخر ڇا چوڻو آھي، ڪنھن لاءِ چوڻو آھي. ھوءَ نہ ٻڌجي ٿي ڳالھ. ٻڌجي لاءِ چوي ٿو، پر وڏيءَ فضيلت سان چوي ٿو، جئن اسانکي محسوس ٿئي نہ ھوءَ اسان سڀني لاءِ بہ چوي ٿو ۽ اھا ڳالھ چوي ٿو جنھن ۾ ھر ڪو ٻڌو پيو آھي.

انھيءَ سمن کي ڇھي ڪين سگھيس مان،
اوڙي اوسڻ ھيم، نيڻ ملايا!
ڪالھ انڪار ڪيم، نيڻ جھڪايس،
اَڄ ئو انڪار ڪري، نيڻ جھڪايا!

ڪالھ ئو ”نہ“ ڪئي، اَڄ ”ھا“ ڪئي، نيڻ ملائڻ ڪانءِ بہ ٻڌڻ نہ اچا ڪھڙو پري آھي.

هوائن ۾ پڪي ڪيئي پئي تلاش،
گهٽو هيٺ گل جون جڙون واس ڪان!
ڪيائين ڇهي حسن جي پرک آئي،
ٻيو عشق انڌي جي لاءِ ڇا چوان!

اهو اسان انهن ڏانهن اشارو ٿا ڪريون، جو هنن شاعر جي پرک ڪرڻ وڃايا آهيون، سندس هر هڪ شعر جي جسم کي اٿلائڻ وڃايا آهيون، تلاش مان ڪجهه نه ملندو، گل جي واس جون جڙون گهٽيون او نهيون آهن. چنڊ جو عڪس جمنا جي جل تي ئي ته ويٺو ئي ناهي.

ڇهيو ڪنهن نه ٿي، هائو ڪي، ڏهن ڪي،
وڃين ٿون ته، او ندهه ۾، ڇڏجي مونکان!
ڪڏهن ڪو نه حجت رکي، ڪجهه چئي،
لاچارو رهئين شيام، مهمان جان!

لاچاري شيام کي سمجهڻ بيشڪ ڏکيو آهي، شيام جي حجت سندس موڪ ۾ سمايل هئي پر اها ڪنهن ورلي سمجهي ۽ ورلي پرکي.

"سهڻي" پڌائي ڪيڏي نه سهڻي اٿي پئي،
اڄ کان وڌيو اڪاڻ پيء، وڻندي جمار ۾!
جاڳائي، دل ڪسي خواب ڏسڻ لاءِ ڏني وڃئي،
اهڙو به ڇا هو، ٿهيجي اٿي هڪ نهار ۾!
جئن جئن ڏٺو، اکيون ڪٽي، تڙمل ٿي من ٿيم،
لهجي نظر ۾ هوس، ڪ گنگا جي ڌار ۾!

شيام، سونهن ۽ جوانيءَ جون ڪيتريون ئي الڳ الڳ تصويرون من جي جهاڙ سان چٽيون، اسان جي اڳيان پيش ٿيو ڪري ۽ اسان گنگا جي ڌار ۾ آهيون ۽ ان لڙهڻ ۾، واهه جو لطف آهي.

ديوانگي اڻي ٿي ڀڃائي، جو ماڻهو ڪالهه ٿا لڳن. ڪو ڪلهي جو ٿو ڪيڪاري، ماڻهو پنهنجي وس ۾ ڪونهي.

ملڪ ۾ ڪانهي مارڻي هاڻي، شاهد ٿي پئي ملي،
پوء ڀي سڄي سڪ جي لئه، ساڄهه ڪا پئي آهي ڇا؟
ڪي ٿا نباٽا، شيام اڄ مهنجي جيء مڃهان،
رات انڌارن ڀوڻن ۾، جهرمر لائي ايندا!

صرف اها هڪ مارني سڪ ۽ پاڪيزگيء جي سڃاڻپ آهي، ۽ سموري استري جاتيء جي سڃاڻپ آهي، جي اهڙي ساڃهه رکي. شيام جا هي شعر، ته اعمر انڌارن ڀوڻن ۾ جهرمر لائي ايندا.

ڪي نه ڳالهايو ٿي، توبه مون، مگر
ڳالهه جا نڪتي، اها وسري نه سا!
مون ڏسي تو کي لکيو، ليڪن هنئر،
هي پڙهي، مون ٿي پي لڳندا، ڪي پيا!
سونهن ونگس جي، مٺي ڪوئل جي لات،
ڪنهن، سفر اس ۾ ڪندي، ماڻي ٿي ڇا!
رکي وصال رات جي، باقي رهي،
صبح، ڏٺيون ويا چڙهي، جو پيڙا!

اس ۾ سفر ڪندي ڪنهن ڪونج جي سونهن شايد ٿي ڪنهن ماڻي هجي، ڪوئل جي ڪوڪ جيان لڳندي آهي. ڪوئل جي ڪوڪ ۾ ڪنهن رفتار جو آڀاس ٿيندو آهي، جي توهان ٿورو ڌيان ڏنو هجي ته ٿي. ڳالهيندي ٿي لڳندو آهي ڪنهن ڳالهه جو ذڪر ٿيندو ٿو رهي. شيام صاحب جنهن ٿي لکيو، هاڻي اسان کي سمنڊ اڌ گرد ڦرڻو آهي. رات جي وصال رکي، صبح ته انهن آڻ ڏيندي، جو پيڙا جند سان جڙيا رهندا.

ڳالهين ڪندي ٻه ڪونسي پيو، هوءِ ٽڙيل پر،
نڪتي هئي اُهو شوم ڪرڻ جي ٻه ڳالهه ڪا!
احساس جون نزاڪتون، نڪرڻ نگاهه ۾،
ڪنهن جي نه سڏ ۾، هي نظارا اٿئي ڏٺا!
منهنجا ٿي هٿ جهلي، ۽ ڪٽي منهنجو منهن ڍڪيو،
اُنهن جي اکين ۾ پياءُ مگر، سون ڏسي ونا!

شاعر ڇا ڇا ڏسي ورتو آهي، ڪنهن جي شرمائڻ مان، ڇا
سمجهي ٿو وٺي، ۽ وري ڪنهن نه رنگ ٻري ٿو ڇڏي، انهن جي
مشاهدي ۾، ڏاڍي نفيس نظر اُچو رکي، ڏاڍي نفيس بياني
ٿو ڪري.

اجوڪي ڏينهن جي، هيءَ رات موڪي،
اجوڪي ڏينهن، ڪيڏا گل ٽڙيا هئا!

اِهو ڏينهن شايد، شاعر جي شاديءَ جو سالگرهه آهي. اِهو
ڪنهن جي ٻه محبت جو ڏينهن ٿي ٿو سگهي، ڪنهن جي ٻه
جدائيءَ جي موڪي رات ٿي ٿي سگهي.

ڪنهن کي ڏسندي، منهن ٿي نڪرڻ، سڪ جون رڪاوٽون،
سڀ جا ڪرڻا، پاڻ ڇٽي پئي، بادل مان نڪتا!
ڇپ ڇپ من ڪي، وڌي ويئي، آهه ادائي،
اِن ڏڪڻ، خاموشيءَ جو ڪو، راز نه آهي ڇا!

ڪهڙو راز ڏٺو آهي، انهن دک ۽ سڪ جي رڪاوٽن کي
هر ڪو پاڻ ڪان پڇي ۽ ڪو اهڙو جهڙو راز ڏٺي ڇڏي، انهن جي
خوشين کي ۽ موڳان کي.

ڪيڪاريندي، ڪلهي ٻچاڻين،
اڄ هن پاسي، ڪيئن پڪي ٻيا!
انهن جي منهن سر، ڳالهائم پئي،
پيو وارن جا، واس ڪلهي ٻيا!

رسالي کيس اهڙي نگاهه بخشي ڇڏي آهي، جو هو هيءَ آزاد ماند هيءَ ٻسي ٿاري، ڪل جي ڇپرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڏٺو رهي! ماٽيءَ جي گود ۾ اس چمڪي ٿي ۽ هو ڪيستائين جيستائين ڪنهنجي موجودگي محسوس ٿئي.

گنگا جمنا امرت امرت،
ليڪن اُڃ نه سنڌ ۾ آهي!

شيام صاحب جي جماليات ۾ ڪيترا رنگ، ڪيترا چتر آهن. گنگا جمنا جو جل برابر امرت مثل آهي ۽ سنڌوءَ جو جل شاعر اُڃ ٿو سمجهي جا صرف ماتا جي گود ۽ جنم ڀوميءَ جي مٽيءَ مان حاصل ٿئي ٿي.

الائي ڪهڙيءَ گهڙيءَ شيام، اُن مان نڪتاسين،
وطن ورڻ نه ڇا، سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي!

شاعر جي من ۾ اهو سنسو ٿو اُڀري ٿي شايد وطن مان نڪرڻ واري اها گهڙي ئي ڪا اهڙي هئي. من جي اُڪنڌا ڪٿن نه ماڻين ۾ وجهي ڇڏي.

جواني، جنم ڀوميءَ مان ڪٽي نڪرڻ کي اَڄ سالن،
ٻڌهي مان، ڪنهن ڀاڃي اي ڏسي ماٽي نه ڪا سگهجي!

شاعر زندگيءَ جي ٻو نين ڀهر ۾ شدت سان محسوس ٿو ڪري جوانيءَ جي گهڙين ۽ جنم ڀوميءَ کي. نه جواني ورڻي ايندي نه جنم ڀومي ورڻي لڀندي!

زندگيءَ ئي جي دوست سوچيندا آن،
ٻڪ ئي ٻڪ ۾ ڪجهه اُداس ٿي ليندان!
سج لٿي ۾ روئي تو ڀساٻو ٻاند،
خشڪ اکڙيان ۾ به راس ڪانئيندان؟
ٿاڪئون ڏاڍ وڃ دل جو سنانو،
شيام، اف ٻي ڪندان ۾ نه نوڙيندان!

پري کان ٿي، مون جهڙو تو سان، ملڻ ۾ پانهون ڦهلايون،
مونکي پنهنجي ٿي صورت، ڪراس جي صورت نظر آئي!
ڪڏهن ڪنهن سان گڏجڻ ٿي، سڀاڳ ڪنهن ڪرائي جو،
ته ٿي پنهنجي ئي هستيءَ سان، وٺي منهنجي شناسائي!
”سپن“ جي ٿي ڏهران، تنهن راتوئيس ”ڪلپنا“ سان ٿئي،
اڳو ٿي اڄ ڪڙڻي ٿي چنڊ، ساري رات چمڪائي!

دوستن سان گڏجاڻي سڄي رات کي چمڪائي ڇڏيندي آهي جيءَ ۾ چنڊ جرڪندا آهن. پنهنجي هستيءَ جي شناس ته تڏهن ٿيندي آهي ڦهليل پانهون قربان ٿي وڃڻ ۾ فخر محسوس ڪنديون آهن.

ڪهڙي سمي ڪسي ڪري ساڪار ٿئي،
مورتي خاموش، پڻ ڀڳوان جي!

ڪا خاموش مورتي ڏسي، پنهنجو من خاموش پاسي ته سمجهو ته ساڪار ٿئي.

پنهنجي هيءَ مات ته، ديوار ته ڪا جهڙن پاسي،
مرڪ سان اڄ ته ته ڏهندي، ٿي اها جهڙن پاسي!

شاعر مات جي ديوار کسي مرڪ سان ڊاهڻ ۾ ممڪن نٿو سمجهي. پر اها مات ڪٿي هوندي آهي هزارين شور ۽ طوفان ان مات جي گهرج ۾ سميٽيل هوندا آهن.

ڪيڏي امنگ ۾ اچي، مون ڪنل چمي ڪيو،
دل ۾ ڇا آنند ماڻ ٿئي، ٿاري پي ڏسي!
چمڪڻ لڳي ٿي، اس جهڙن، پاڻيءَ جي گود ۾،
موجودگيءَ ۾ پنهنجي، اڪي منهنجي زندگي!
اڄ شاهه جي رسالي ٿئي، نظرون ڪمي ويون،
موتي صدين ڪانوه ٿي، جڻ سڌ مون ڏٺي!

شيام صاحب ته صديون بعد ۾ سڌ ڏسي ورتي. شاهه جي

آهي. نازڪ نفيس علامت ۽ ڪنڌي خودداري کي نه سڪڻ گهرجي، اَج جي انسان کي!

ڌرم جو ايئن وجود آهي، خدا جنهن پاسي،
اَمن پراڻن ۾ ڏنل، ڌنڌ ڪٿا جنهن پاسي!
رات سمسان ۾، اَج چين جو احساس ائين،
امن اڦر پر اُپٽ اعد، فضا جنهن پاسي!

خدا کي جهڙي روپ ۾ ڏسون ٿا، ڌرم کي پڻ اُن ئي وشواس سان سمجهون ٿا، خدا ۽ ڌرم بابت ڏنڌ ڪٿائون به آهن. اڦر ۽ امن اُپٽ اعد وارا ورڻ ڪهڙو ئو روپ اختيار ڪري چين عطي نه ملي، جيئن جي سمسان گهڙين کي.

ڪڏهن پيڻ ڳاڙهو ائين - دل گهريو وندن ڪريان،
ديوتا ڪو ٿي نه هئو - شيام، ايڏس همت پڌي!

شاعر پڌهڙيءَ ڪاهڏا ۽ احساس سان ٿي سگهي ٿو.

روپ مڌهڙو هئو، جو مڌهڙي ڌڻ ۾،
آرسيءَ ۾، اُن جي هئو، اُهو عڪس ڇو؟

پاڪي مان شوڪ سمجهندو آهيان، هوشيار به سمجهندو آهيان. آرسي ڪڇ پيو پڌائيندي آهي. ڪڏهن طنز ڪري ڪڏهن و پيارا ڏئي، ڪڏهن من جي چور کي پڪڙي مشڪل لڳي.

مان نه هڪ يادگار پڙهين جو،
تو چتائي مونکي ڪڏهن نه ڏنو!

شاعر کي نه ڪڏهن ڏنو نه سڃاتو، هن ۾ هر ڀڳ جون ويڪائون نمايان آهن.

مڌهڙي اوڪ پيار ڪٽي،
پڌهڙي ڇو نه ڪيم واڪاڻ!

پيار ۽ واڪاڻ پڻ مکيه آهن پڻ جڙيل آهن، پڌهي مان سگهي تو حاصل ٿئي.

سوچيو ته پاڻ به خشڪ اکين ۾ رات ڪاٽي سگهي. اُٿو ساهه ته کڻو ته من جي شانت ۾ ڏار پئجي ويندي.

هر ساهه جو ئي حافظو آهي،
حادثن ۾ نئون سلسلو آهي!

اسان ئي کي ياد ڪريون ٿا ڪي وساريون ٿا. حادثن ۾ ئي اهي ته ترتيب ڪانهي.

دوست، تنهنجي دوستيءَ لاءِ، ڪيترا ئي ارمان،
تنهنجي ڳالهين، منهنجي نظرن ۾ ئي ڪيرايو موتي!

دوست جي دوستيءَ لاءِ هميشه احسان مڃيا آهن. پاڻ کي ۽ دنيا کي ان ذريعي ئي سمجهي سگهجي ٿو.

گهري اونداهي هئي چئني طرف،
تو ڏٺو پاڇن کي چوندو ٻوه ٻي؟
زندگيءَ تنهنجيءَ ئي دلڪش طرز جان،
مشڪندڙ تصوير تنهنجي ٿي لڳي!
شيام کي، شعرن منجهان سمجهي سگهيس،
گرچه مون سمجهي نه هن جي شاعري!

مشڪندڙ تصوير ۽ زندگيءَ جي طرز ڪري ئي وڃي، مشڪندڙ چهرا نه ڪجهه لڪائي ٿا ونن. گهري اونداهيءَ ۾ پاڇن جي چوڌاري من جي پاونا کي حواس دنارن ڏسي سگهجي آهي. شيام کي سڌس شعرن مان سمجهي ۽ سگهجي، ڪا نه ڪا معني شعرن کي ڏئي ۽ وڃجي، ٻو سڌس شاعريءَ جي ترشيءَ کي سمجهڻ ممڪن ڪونهي.

ڪڏهن نڙاڙيو گلن، ماڪ ڦڙن جي باعث،
اهڙو اوڙو ۽ ڪٽيو، ٻاري خطا جڏهن پاسي!

عام طور گلن جي سونهن سرهاڻ، نزاڪت ۽ رنگ جون ڳالهيون ٿينديون آهن، هتي گلن جي خودداريءَ جي ڳاله.

ان هنڌ جو فقط رهيو احساس،
سوچ ٻهڪايو آڻي اهڙيءَ جاءِ!
سوچ ڪنهن سڃاڻيءَ جو درشن ڪرائي ٿي.

هيءَ دنيا جهڙي نئي آهي،
ٻوءِ نه، جاءِ جنت جيهي آهي!
ٻُور ٻڪل ڦل اٿندي،
ڇا ڇا رنگت، سندلي آهي!
ڪنهن جي سار ۾ رات وهائي،
مهڪي وصل صبح جي آهي!

هن جنت جي جاءِ کي شاعر هزارين رنگن ۾ چٽن جا اولڙا ۽ عڪس ڏنا آهن.

او گود ۾ ٻالڪ ڪي، جنهن اڄ ڏني وٺي،
معصوم اگهاڙپ ني، پاڪيزگي لڪائي!

چٽ اهڙو نفيس ۽ سهڻو آهي، جو ڏسندي دل نٿي ڍاپي.

سڪ ڇڙيا، معلوم ڪري،
ماٺ لڳي، محسوس ڪندي!
سو ڪيئن سگهي، ۽ گهري ٻيڙ،
هو ٻڌ ملندا، هيءَ وندي!
اون نه سچو ۽ مان نه سچو،
سچ رهندو، سچ سان ملندي!

گهري ٻيڙ ۽ سو ڪيئن سگهي ۽ ٻئي گڏ حاصل ٿيندا، سچ ۽ سچ جڏهن ئي گڏيا، وڇڙندا ۽ اهو سڀ جڏهن محسوس ڪبو ته ماٺ لڳي ويندي.

جيئڻ جا اهڙا ٿيندا ڪسارا، هيئن لڙڪن سان،
خبر ڪنهن کي هئي، آهي سياسي ترنجي ڪهڙي!

ايندا هون ، پيو ٿا چمڪندا هون لهرون ،
واري ڪيندا هون ، پيون هيٺون !
ٿيو ز پٺاڻي ، ٻٽ ٿي پيٺين ،
ٻاڻ چمڪنڌ ، ڪڏهڙا ڪون !
ڪيڏو اجلو ، نيرو اپ هڻو ،
ڪڙڪيءَ مان جو ، شيام ڏنو مون !
ڦيٽن تي هيءَ ڦرنڌڙ دهلي ،
اپ سڄي ڪي ٻاڻي رهندون !

جيڪي پيو چمڪندا ڪڏ ۾ ٿا. سي اي ڏ ڪو ڏسندا ، ڏونٽي ڪيڏانڻ جو ٿا. شوق ، ٻاٽڪي اڪاڻ جي ٿا ترڪيب . اپ اڄ ڪلهه ڪڙڪيءَ مان ٿي ڏسي سگهجي ٿو ، جي نصيب ٿئي ، ڦيٽن تي ٻوڙنڌڙ انسان سڄي اپ تي اڏيندائن سان رهندون پاڻي چڙهيون آهن .

جاڳون ٿا سڄي رات ۾ جاڳون ٿي اکيون ٿي ،
هڪ ماڙي تهڙ سان ٿي ، پي هر جاءِ جهڳيءَ جان !
ڪڏهن موُرتي ڪيرائي ، ڏنا ميڙي مون ٽڪرا ،
آئي نه نظر موُرتي ڪا ، مونکي انهن مان !

انهن ۾ سڀ ماڻهو هڪ جهڙا ماڻهو آهن ، پر هڪ جي امير ني وچ تي پيا سڀ غريب ٿا نظر اچن . ڪڏهن ڪڏهن Image کي ڪيرائي ڀڃي ڏسو ، ڀڃڻ ٽڪرن ۾ اهو Image ڪٿي به ڪونهي . سچ ۾ Image جهڙو ڪجهه آهي ئي ڪونه . ڪڏهن به ملهه مٽاهون ڪونهي .

اڄا ٻـي ڏهـڄ ، پيشانيءَ تي ان جي ،
ڪڏهن جي دوست ، چرچي ان چڙيا هئا !

چرچـو ڪـونـي آهي ، دوستن جـي سڃاڻـپ ڪرائيندو آهي .

"روپ مالا" جو ذڪر نه ڪبو ته جماليات جو درشن اڻپورو رهجي ويندو. هي مقالو اڻپورو ئي سهين، "روپ مالا" جي ورنن لاءِ، ڪيترا ڪتاب لکڻا پوندا، هتي اهو ممڪن ڪونهي.

شيام تون، همعصر پنهنجو پڻ نه ڏٺين،
توکي ڪاليداس جي ڪهڙي پئي!

شيام اسان اڳيان، ڪو من جو سچ ظاهر ڪيو آهي. سندس ڀيٽ، ڪاليداس سان ٿيڻ گهرجي. مهان ڪوي ڪاليداس وانگر هُو پڻ پيار ۽ پرڪرتيءَ جو ڪوي آهي. سندس شاعريءَ ۾ انوکا درشيه آهن، پيار جي رنگت، احساس ۽ ڀاوَ جا سلوڻا چِتر آهن، چنڊ تارن، سرهاڻ واس، گلن ٻن ۽ ٿارن جا. پر هتي ته پاڙي پاشانن جا ڪوي، ڪيس پاڻ سولڪو پنهنجو همعصر ڪري به نٿا مڃين. سبب اسانجي پنهنجي ٻولي آهي، جنهن جا ڀاوَ ٻين ڌارين نٿا ٻُجهن. هونءَ به فنڪار جي فنڪار سان ڀيٽ ڪرڻ صحيح نه آهي. ڀيٽڻ سان ڪجهه به ڀيٽجي نه سگهندو. ڀاڳمراد و ڪي ڳالهيون نهي نموجي ڪا صورت وٺي نٿيون اچن ۽ هر ڪو شاعر، فنڪار پنهنجي مخصوص جڳهه تي براجمان ٿي ٿو وڃي. ان اثر ڪرڻ ۾ وقت ۽ سگهڙن جون ڪيتريون ٿيون ٿي انڀوڳون جڙن ٿيون، الڏهن وڃي ٿي ڪا مهما آڪار ٻاني ساڪار ٿئي.

——

ڪڏهن شبنم، ڪڏهن موتي ڪڏهن تارو ڏسيو آهيان،
خبر ناهي تہ منهنجي شيام، صورت تو ڏني ڪهڙي!
نہ سياست جي ڄاڻ، نہ شيام جي صورت جي خبر.

ٿهڪن جا هي هنڌ ٻڌا،
توکي ڏسندي، ڪروڙا جاڳي!

شيام جا ڪئين درشن آهن.

مون نہ دل جي ڳالهہ، ڪنهن ٻئي سان ڪئي،
گهر جي اندر، گهر جي ويراني رهي!

ويراني، دل ۾ ئي باغ ٻڌندي آهي.

لفظ ماٺ ۽ کي نہ، سمجهائي سگهن،
لفظ سمجهڻ واسطي، ماٺ کپي!

جماليات جا جيترا رنگ آهن، شيام جا اُن کان وڌيڪ آهن. سمجهائڻ جو ٻڌن ڪري، صحيح بہ نٿو لڳي، توهان سمجهو ٻيا، اهو سمجهي، مان سنتوش محسوس تو ڪريان. مٿي ڏنل ٻنهي بيانن مان ڪڏهن انهن بہ لڳو اٿم، شايد صحيح سمجهائي نہ سگهيو آهيان. شيام کي سمجهي سمجهائڻ سولو تہ ڪونهي.

اڄ پڪيل ٽن هوس، گرمي ۽ جي ڪري،
روئي ويٺي، ڇو ڏسي ٻهراڻ کپي؟
ميهن، ۽ هسڪ ۾ ٻراٺو د سنئط،
مان ٻسڻ کان، ڪئين اڀاڻان ٻاڻ کپي؟
گهنڊ مان آواز نہ ڪيو، گونجي،
من اندر ماٺ تيو، ڇنڌي ڇڪتاڻ کپي!

منهنجي من ۾ ڇڪتاڻ آهي. مان شيام جي جماليات کي پوري طرح توهان اڳيان ڪٿي اڇڻ ۾ سمرٿ نہ آهيان، ڪي تو ڀون جهلڪون ئي ڪٿي آڻيو آهيان. شيام جي ڪنڊ - ڪاو

"شبام جي ڪويتا ۾ انتر درشن"

● هريش واسواڻي

مقالي جو عنوان انتر درشن ڏنو ويو، ڪويتا ۾ درشن ڇو نه؟

ڀارتي روايت شاعر کي سرجڪ ۽ درشٽا مڃيو آهي. ڪويتا ۽ درشن جي سمبنڌ تي نه، بلڪ هو وڏو وواد ٻڌي رهيو آهي. ويدن جا رچناڪار مفڪر هئا ۽ اوچي درجي جا شاعر به هئا. رگ ويد جي ڪن رچنائن ۾ هو ڀرپور شاعر هئا ۽ ٻوڌ چنتڪ هئا. اهو منهنجو ذاتي تاثر آهي. نه، بلڪ، مان خود سويڪار ڪريان ٿو ته ويچار، چنتن يا درشن ڪويتا جو ابتدائي نقطو نه آهي. جيتوڻيڪ ڪويتا ڏي ڌارائن جي بدلاءَ ۾ ويچار جي تواريخ جي وڏي ڀومڪا رهي آهي ۽ ڪن شاعرن ۾ وقت جي درشن کي اڻ سڌي نموني متاثر ڪيو آهي، جيئن يورپ ۾ رومانوادي ڪويتا ويڪتيواد کي. باوجود، ڪويتا ۽ درشن انساني من جڳت جا اهي ڪارناما آهن، جن جي اختلافن جو به پنهنجو هڪ دائرو آهي. ڪارڻ، ڪويتا جي مُول پرڪرتي غير اصطلاحي (Non - conceptual) آهي ۽ ان جي رچنا پرڪريا ۾ مشاهدي جو اهم مقام آهي، تحقيقات جو نه. ڪويتا ۽ فلاسافي جي وچ ۾ هڪ ڪلاسيڪي دشمني رهي آهي، جنهنجو ذڪر براؤنس گبسن پنهنجي ڪتاب "Muse and Thinker" ۾ ڪيو آهي ٻئي طرف "Philosophy is a sophiticated poetry" چوڻ وارن جي به ڪمي ڪونه رهي آهي. عربي سنڌي لفظ شعر شعور مان نڪتو آهي، جنهن جون مختلف معنائون سمجهه، عقل بُڌ، ڄاڻ، دانش، شناخت فڪرو، گويا فلاسافيءَ جي

شاهه ۽ سچل انڪري عظيم شاعر ڪونه هئا ڇاڪاڻ ته اهي صرف خدا پرست، صوفي ۽ روحاني شخص هئا. پر اهي صفتون انهن جي شاعر جي اندر - داخلي وجود مان نڪتيون هيون، صوفي ته بيدل به هو، پر سچل سان ٻي ساخت، اظهار شڪتي ۽ ڏور ٻه درجي جي هئي ۽ سچل انهيءَ سوچ، شعر ۾ اوچي درجي جي رل مل ڪان هئي. مطلب وشواس آهي ته شاهه جي شعر جي Key - holes ۾ اچان ته جي ڪي ليڪا پاتا وڃن ته سچل سوچ جون ڪي ٻيون سمتون نڪري نروار ٿينديون. اهو شاهه جو درشن ته، پر اندر درشن ٿيندو.

شيام نسبت مطلب ٻي لهائي اندروچ آهي. شيام جي ان سوچ کي مان خارج ڪندس جڏهن جي احساسي زمين غائب آهي ۽ جيڪو هن ٻطهدڄي زبان جي ان ٻر اثر هيٺ آندو آهي. پا وري اها سڀ ڪميتا غائب آهي، جڏهن مطابق، "Artist is not heard but overheard" شعر ۾ واپار جيئين اچڻ کپي، اتفاق سان انهي هڪ نه مشابهت خود شيام جي شعر ۾ موجود آهي:

اڏندي پکين جو پاڇو پيو پئي تلاءَ تي
پاڻيءَ جهليو نه انهن کي نه اڇلي ٻڪي وڃاء

هاڻ انهي ٻيت ڪرلو جهاني Tanka جي ان سٽن سان.

"The wild Jeese donot to cast ther reflections the water has no mind to receive their image."

ان سمانتا جو ڪهڙو رهسيه آهي؟ شيام متاثر ٿي لکيو آهي. شيام کي خبر هئي ته زان ٻڌ ۾ (Zen Budhism) ۾ ان جي معنائي ڪهڙي آهي؟ پا انهو جواب شيام جي هدن سٽن ۾ ئي ڏسجي؟

وڌيڪ ويجهو ٿيون اچن. هوڏانهن سوزان - ڪي - لينگر پنهنجي
ڪتاب "MIND: AN ESSAY ON HUMA FEELING"
۾ ڪٿي لکيو آهي، "I make feeling the starting point of the philosophy of mind."

ڪويتا جي سٽارٽنگ پوائنٽ به ساڳي آهي feeling.
ان بابت اها ڳالهه "Philosophy of mind" جو حصو آهي، پر
خود فلاسافي نه آهي. ڇاڪاڻ ته ڪويتا انهيءَ لـــي پرک -
(Empirical) رهي ٿي ۽ فلاسافي اصطلاحي (Conceptual)
پٺتي وڃي ٿي. ڪويتا جو اندرين ٻوڌ (Sensuousness)
ڪلپنا جا اصول ۽ عڪاسي آ. ان ڪري الڳ فرق ۾ آڻي
بيهارڻ ٿا. MACLEISH جي مشهور چوڻي آهي ته،
"Poetry should not mean, but be" ساڳي ڳالهه
F. R. LEAVIS پڻ نموني سان چئي آهي ته:

prose uses the meaning, but poetry uses all the qualities of word."

نون نقادن ڪويتا جي اظهار شڪتي (expressiveness)
تي زور ڏنو آهي. ان جي ideas تي نه. پر جيئن ته ڪويتا
مان "معني" ڪي نه ڪيڏي سگهجي، انڪري ان ۾ ڪٿي نه
ڪٿي ويچار لفظ به اڻلڀ نه ٿي. ته به شاعراڻو ويچار اهو
آهي، جيڪو ڪنهن پڙهندڙ ضرورت مان پيدا نه ٿو ٿئي. ڪنهن
جاتل سچائي، مرتبو حاصل ڪيل خيال جو ڪويتا تي جامو نه
آهي، ۽ جنهن جو نه اُڀري شاعر جي اندر ۾ آهن. ڪويتا تي
عظمت ۾ ويچار آهي ضرور، پر ويچار ڪويتا جي عظمت
جي ڪسوٽي نه آهي. ڪويتا احساس، سماج - شاستر ۽
منووگيان جي terminating point آهي، انڪري ڪويتا تي
ويچار جو ماڻ انهي احساسيت سوڪميتا ۽ گهرائي آهي ۽ نه انهيءَ
غلط، صحيح، يا مفيد ۽ نقصانڪار هجڻ آهي.

ان طرح سان هر قدم اڳتي وڌائيندا هلو
نوجوانو بس وطن جا ور وڃائيندا هلو.

ان قسم جي شعر ۾ ڪو انٽروڊڪشن ڪونهي. تعجب آهي شيام هڪ ئي وقت هلڪو ۽ سنجيده شعر ڪيئن سگهي ٿو. ساڳئي ئي ڪتاب رنگ رتي لهر ۾ ڪجهه صفحن کانپوءِ هو سوال ٿو ڪري:

" جي ٿو ويچارجي ته ڇا ناهي
اڻ ٿو ڏسجي ته زندگي ڇا آهي! "

يعني شاعر زندگيءَ جي سوالن کان به واقف آهي. ڪجهه اڳتي هلي هو انهن ۾ چوي ٿو:

" زندگي ٽهڪ نه پر آهه ٺٺولي اي شيام
اڄ سوچيندو هوس هاڻ مگر ڄاڻ پيئي. "

سوچ کي سچ محسوسڻ لاءِ آتم-انڀوتي ضروري آهي. I - Ching چيو آهي:

"A man must convince himself about the experiences, then only they are real."

زندگي ٺٺولي آهي. ڪير ڪنهن سان ٿو ڪري. ڪير ٿو ڪندو هجي پر ٿئي انسان ٺالي واري ٻراٽيءَ سان ٿي ٿي. هڪ ڪنڊ کان ڏسو، هستيوادي فلسفي جو ٻاڇولو نظر ايندو اٿي. پر اهڙا سلسلا ڪنهن حساس دل شاعر جي من ۾ پيدا ٿي سگهندا آهن. پر شيام هر هنڌ اهڙو Original نه ٿو رهي. ڪٿي ورور دهرايل ڳالهه ڪي ته شعر ۾ آڻي ٿو، جڏهن ڪه آتم-انڀوتيءَ جي حوالي ۾ ان لئي ڪجهه نرالو چوڻ جو وڏو اوڪاش رهجي وڃي ٿو. جيئن:

" انيرو ٻساهه ٻاڻ راول رمز رکي ڪري
دل جي ساڪن ساڻ اکيون اوٻساهيون رهيون. "

" اس لاءِ دور ٿيڻ ڪو آهي نظر نٿي
وڻ وڻ جي ڇانو ۾ ٿي ڪيو راهه انتظار."

راهه انتظار ڪنهن جو ڪندي؟ راهه گير جو. ڇو ڪندي؟ ڪوئي سبب ڪونهي. راهه گير ڪـي انتظار هئڻ ڪهڙي راهه جو. ٻر راهه گير صرف اس ڪـي ڏسي ٿو. لاءِ اس جـي سفر دوران ڪٿي وڻ جي ڇانو ۾ آهي. ان جو ڪيس علم ڪونهي. راهه اڪيلي آ، گذري ٿـي ٻـر جي ڪو صرف اس ڏسي ٿي گهبرائجي وڃي ٿو. راهون سنسان ٿي وينديون. دراصل مشڪلات ۾ هر ڪنهن ڪـي نظر ايندي آهي، ٻر راحت جي ڪاما جو ڪنهن کي تصور ڪونه هوندو آهي. زندگيءَ جي Punctuation کان اڻ واقف رهڻ وڃڻ جي حالت ۾ زندگيءَ جا ڪيترا جملا اسان کان اڻ واقف رهجي ويندا آهن. راهه جي انتظار جو ذڪر ڪري شاعر انسان جـي نظر - ڪوتاهيءَ جـي محدودگيءَ کي اجاگر ڪيو آهي.

مٿيان ٻئي شعر ڪنهن ڀـ وعظ کان خالي آهن. شاعر ۾ واعظ جو جذبو ڀڄارڪ جي مرليو آهي. مونکي ان ۾ شڪ آهي، واعظ ڪو سٺو شعر ڀـ چئي سگهندو آهي. شيام خود مانڪ - ڦڙا ۾ قبول ڪري چڪو آهي.

" ڦرندي ڦرندي ۾ لفظ جي معنيٰ ڦري ويئي
ساڳي ٿي ڳالهه جدا پـاڻجي ٿـيئي."

واعظ ڪال چڪر سان ڳهندڙ ارٿ چڪر ڏي اشارو ڏ سگهندو آهي. سندس معنيٰ جي هڪ ٻـي سمت هوندي آهي. ۽ سندس شبد ٻولي ۽ عام انسان جي شبد ٻولي کان الڳ ڪونه هوندو آهي، پر اهو ڪهڙي ۾ اثر ۾ چال هجي. شيام وٽ ۾ اهڙي شعر جو ڳول انداز آهي:

ڪڏهن ڪڏهن ته محبت ۾ به ائين ٿيو آهي
ملي مٿان سان دل ۾ خوشي نه هوندي آهي.”

هر ڪنهن جي اڻيو جو سبب آهي اهو ته جذباتي وهڪرا ۾ اچڻ جي دخل جي ڪري Impulsion جي من اوستا پيدا ٿي ويندي آهي. اوچتو ٿي هڪ اڻ سوچيل آدرش ابهري چت لاءِ دٻاءُ پيدا ڪندو آهي، ان ڪري من هر حالت ۾ ڪارڻ - ڪاريه جي اصول مطابق درست رستي ڪونه ڪندو آهي. وري زندگي ٿي ڪٿي ٿي ڪارڻ - ڪاريه جي زبان ٿي ڳالهائي؟ زندگيءَ ۾ ڇپيل polarities طرف شيام حساس آهي. ان ڪري ئي هوءَ پنهنجي غزل ۾ چوي ٿو:

ڪجهه گدوائن ته ٿا پائڻ وارا
چيا نه پاڻ ٿيا گدوائڻ وارا
ٿي رهيا عشق ۾ تنها تنها
رنگ محفل ۾ جمائڻ وارا.”

”ماڪ پڙا واريل“ ۾ انسان ۽ قدرت جي ناتي رشتي جون انيڪ تصويرون آهن. جي شبد تراش، تصوير ۽ عڪس بنديءَ جي لحاظ کان نهايت دلڪش آهن پر ان ۾ وچار پکش مٿان ڀاءُ جي زياده سمت پکڙ آهي. ان ۾ آئل جيڪا جگياسا آهي، اها ته اچرج جي لاءِ Sense of wonder ۾ سميٽجي وئي آهي. باوجود ڪي تصويرون آهن، جي شيام جي چنتڪ کي اولي ڏيئي نه سگهيون آهن. حيات جو اعتماد اجهو ڏهيئن آهي.

”اوچو آپ ۾ ساز
هوءَ ته ڪبوتر پت مٿان
ٽٽ ٽٽ جو آواز!“

ساز آهي، نظر نٿو اچي. اسين ٻڌجي ٽٽ ٽٽ ۾ مست

اهو نڪتو ٻيهر دفعا دهرايل آهي، شايد جيترا دفعا انسان دنيا ۾ جنم ورتو آهي.

ها ته هن شعر تي غور فرمايو:

پربت تي ايڪانت - وڻي اوچائي تڪي
سروور اندر شانت جاچي گهرائي پئي.

مانوي ڪرڻ يا personification آ. هتي آهي ٻيو ايڪانت، اوچائي، شانت، گهرائيءَ جي ورونڌي انتر سنبنڌ جو هڪ چٽ به آهي. پٽي سٽيون هڪ ٻئي جي پورڪ به آهن ۽ ورونڌي پڻ آهن. هڪ سنجيده ڦولهه آهي، ٻيو ٻوليءَ ۾ هڪ زبردست اختصار آهي. انڪري ڏهو درشن سٽون پڙهڻ لاءِ وڃي.

روشن چانورو جي انيڪ شعرن ۾ خيالي، صورت، راهه، گمراهه، پيڙا، مرڪ تي ڪافي سوچ موجود آهي. ڪٿي اهو بياني صورت ۾ اچي ٿو، انڪري ان کي ورڇڪ گڏيندڙ سان ونڊڻ مشڪل آهي. جيئن:

سطحي نظرن سان ڏسي پانيم گهاءُ به قبول
ڏيکاريو گهري نظر - پيڙ مرڪ جو مُول."

پر ڪٿي اهو بيان جي باوجود سوکيم وچاو ۾ اچي ٿو. اڄ جي نسبت ۾ هيءُ ڏهو ته آڻيندي جيان جرڪندڙ نظر ايندو.

"بارڪ پلاشڪ پٽي - ڪوهيڙي جي جار
پر نه سياسي جار جي نظر اچي هڪ تار."

نوٽي ونڊڻ آهي.

شيام جو هڪ غزل آهي:

"ڪڏهن حيات ۾ اهڙيون به اڄ اوون راتيون
سون چراغ به روشني نه هوندي آهي

جو علم ٿيندو، تہ قاتل جي درد جو احساس ٿيندو، تہ ڪنهن کي ڪنهن جي انت جي پروڙ پوندي. هر ڪو پنهنجي جاءِ ۾ قائل رهندو. ان ڪري فرق نہ جنم ۾ آهي، نہ داستان ۾ زندگيءَ ۾ نہ واردات ۽ موت ۾، پر اُن ڪٿ ۾ آهي، جيڪا جنهن کي نصيب ٿئي ٿي. اها ڪٿ ڇا آهي، ڇو آهي، ان جي ڪاٿي سمجهائي ڪونهي.

تصورن جي پيٽ ۾ راڳين ۾ خيال جو غلبو وڌيڪ آهي. هجڻ نہ هجڻ ۾ ڪيترو اڻ لکائتو فرق آهي.

دريا جي لهرن تي تري آئي ٻيڙي
ٻڏندي وئي دُور کان نظر کان نڪري
ڏسجي لهرن تي هينئر نہ ڪوئي نشان
ڪٿ ڇنڊجي تہ ٻيڙي آئي هوندي!

زندگيءَ جي نا پائيداري ڪو نئون خيال ڪونهي. پر ان جي پيشڪش ۾ اهڙو جماليائي سوز آهي جو اها ڪو افسوس جو احساس پيدا ڪرڻ جي بجاءِ هڪ نرپيڪش ترلتا پيدا ڪري ٿي. گويا ڪوئي پنهنجي ٿي ٻيڙي ڳنڍري وڃڻ ڪانوءِ ۽ لهرن تي ڪو نشان نہ هجڻ جو ساکي ٿيو هجي.

سپني جسي خيالي وهي ٿي ڳنڍري
ڪنهن ۽ نہ ڳنڍاري خيالي پنهنجي
ڪنهن نہ ڏٺ پوري ڪٿي ان ڪارڻ شيام
ڪا رات زيادہ نہ گهڙي هڪ ترسي!

انسان جي وچارگي هڪ طرف، هام ۽ ان جو خام خيال ٻئي طرف، موہ ـ اموہ جو وچا موہ ٽئين طرف. سادا لفظ، دارشنڪ مدرا، وچار جي وائوڙ ۽ انهن راڳين جي برعڪس جي انهيءَ ڪتاب جون نظمون ڏسو. "پرڪرتي ۽ پرش" جي عنوان جي باوجود نظم ۾ ڪا گهرائي ڪانهي. هڪ عوام

آهيون. پر گهڻن کي احساس آهي ته ان جي اجازت سان ئي اسين ڪجهه ڪري سگهون ٿا.

ڪيترن کي اهو نظر اچي ويو ته شايد گهٽ نه ٿا ڪن. پر زندگيءَ جي حوالي ۾ انسان اڄ به هٺ ڌرمي پراڻي آهي:

” ڪنهن ويلا ٻڌي سر
هاري گهر ڏي لڙو وريو
ڏٺي ٻنيءَ کي هر.“

شيام جي ڪن اصولن ۾ زبردست ويچار ۽ سقوت آهي. بيان ڪونهي ويچار - سار (essence) جا سانت سمرٿ عڪس آهن. موضوع، سماجي تنظيم:

” ڏس ته ٻڪين جا ڏانو
اڏندي هڪ ٻئي جي مٿان
ڪئن ته ٻسوي ٿي ڇانو.“

انسان هڪ ئي وقت سهڪار شيل ۽ سنگهرش شيل پراڻي آهي. سهڪار ۽ سنگهرش هڪ ٻئي کي ڪريا جون ٻه انتر ڪريائون آهن جن مان سماج جي ارتقا ٿي آهي. پکي ڌڻ اڏامن ٿا. هڪ ٻئي جي مٿان اڏامڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته به ڇانو پيدا ڪن ٿا. جيستائين اڏامڻ جاري آهي، ڇانو اُتر ڪانه رهندي. ڪو آدرش ڪونهي مگر جيئڻ جو ڏانءُ آهي، هڪ سماجي پراڻيءَ جو.

موضوع فرد:

” ڪوئڙيءَ جا جار
ٻهڪي ٻهڪي ڪنڌ
ٻهڪي ٻهڪي جارا.“

بس. صرف ڪنڌ ئي الڳ آهي. جار به ساڳيو، فاصلو به ساڳيو، انت به ساڳيو. انڪري ڪنڌن کي ئي ڪنڌن جي جار

ڏيڍهن ڏني اسانکي جيڪو پڌهڙو ڇاپو نظر ٿو اچي، اُن مان ڪو ڇوڪ نٿو پوي. اهو پيڊ اوندهه ۽ روشنيءَ جو آهي يا انسان ۾ ٿي اڪل انسان جو؟ ائــوا روشنيءَ ۾ اوندهه جي بدنظر انسان جي جوڙيل ڇاپن جو پيڊ؟ ڪجهه به هجي پر سچ اهو آهي ته هر ڪنهن کي پاڻ کان ڇوڪڻ جي ضرورت آهي.

هيلڊانين شيام جـــي انتر درشن جـــي رات پات جو مون پڙهڻجي پينگ سان ڇيڊ پئي ڪيو آهي. هاڻ وشيه ۽ نقطن کي خيال ۾ رکي ڪي غير سلسليوار سلسلا جوڙيندس.

انساني زندگيءَ جي بنيادي بي تعلقي ۽ بي حسي

مرد ۽ ٿوڪي مساڻ مـان موٽيا/
منهن ۾ ماڻهن جـــي امـن جو اظهار.

فڪر پرستن جا نقاب

واعظ جو جامو بـ خوب - جوڳيءَ ٿـي ڏس ٿـ جڙاءَ

انسان جي فطري بي گانيت

نه وهيو پـردي جو رواج هاڻ اڻ ڏٺل ٿوءِ بـ اڻ ڏٺل
هزارين دفعا شيام ڪنهن سان ملي
اڃان ٿانئين نـ آهي ٿي ڏٺت وٺت
سوُر پچار سڀن کي ساڳي پـوءِ بـ هر ڪو ٿڌها ٿڌها

سياسي سماجي زنـدگي

مٽل ماڻهن جو هي ملڪ جتي پٿر جا پتلا
موت جي گهرائيءَ سان هٺن جيئڙون ٿي مشڪن پيا
خون ۾ ڪفدايل هي لاش مـذهب ۾ دفنائـڻ ڪاڻ
هـر دم مـــوت جـــو احسان انتم ٿـگ ۾ شيام حيات
پـري مسجد ۽ مڙهيءَ ۾ ڏيو - پر نه ٽرمن جو انڌڪار ويو

فهم خيال اونڌو ٿي عوام فهم اظهار. اهڙا ڳالهه مان الڳ ڇڏي ڇڪو آهيان ته شيام ۾ ان موافقيت جي ڪمي ڪنڪي ٿي.

واريءَ پوءِ پلاند ۾ به اهڙي ٿي رات ۽ ويچار جي پلمدان ۽ وادين جا پڌرا منظر آهن.

” دنيا ڪيڏي وڏي آهه،
پٽ لئي پاڻ ته ڇت نڪتل! “

پٽ لئي نڪتل ڇت شايد ڪا انهن تشبيهه ڪانهي. پر ان جي وڏو هئڻ جي باوجود جيڪا وڻنڌا آهي، ان ڪري وڏو ڇڏي شيام هڪ زبردست Ironical اثر پيدا ڪيو آهي. ان جي گونج من ۾ دير تائين رهي ٿي ۽ اهڙا شڪ به ذهن ۾ طاري رهي ٿي ته اهو رنگين ڇت سچ پچ اسان جي وڏو به ٿي سگهي ٿو ڇا، جيڪڏهن اهو صرف هڪ ڇت ٿي آهي ته به!

” لهرون ساحل طرف ڊڪن ڇو ٿيون
ڪو انهن کي ضرور ساحل جو؟ “

لهرون ساحل ڏانهن ڊڪي ڊڪي مون ٿيون. ڇو؟ ڇا وري ڏسائن سان ٽڪرائڻ انسان جو پاوي آهي؟ ساحل لهرن جي مرگهه ترشنا آهي يا مريادا؟ انهن سمنڊ جي پڌرن/ قيد کان مڪت ٿيڻ جي ڪوشش آهي؟ پنهنجي انفراديت جي الميه (tragic) تلاش آهي؟ يا جيڪو ارٿ هيڻ آهي، ان جي لهرين پٺڪي پاڻ وڃائڻ جو ڪو سلسلو آهي؟ لهرن ۽ ساحل جو اڻ ٽٽر سنبنڌ ۽ اڇوڄ اهو ته پنهنجي ۾ ڪو افاديت وارو رشتو ڪونهي. اهو ظاهر صرف انهن ئي آهي، بس انهن ئي؟

” ڪنهن لهرين ليلي اوندهه ۾ ٻاري
ڇرڪ پنهنجي ٿي ساڃي پراڻو. “

آهي. ٻار ۽ ٻڍار ٻگهه. ٻگهه انهن کان آڳيو ٻڌايو ٿئي ويو آهي. شيام ڪيتري سولائيءَ سان آم وروديءَ نسي سگهندو آهي ان لاءِ هيٺين ٻن شعرن جي پيش ڪافي ٿيندي.

ڏٺي ٻهراڻ نسي ڏکڻي دل وري هيءَ ذات ڏکڙن جي
اکين جو ٻاند لڙڪن سان ٻرو ٿيو، اڪهڙجي سدا آهي.
(واريءَ ڀريو ٻلاند)

ء

شيام حيات ۾ نعمت آهه
ويتر شامل شعر جي ذات!

مان اڳ چئي چڪو آهيان ته شيام احساسي ڪيفيتن جو شاعر آهي. ان ڪري هو خيال جي لفظ جي پرواهه نٿو ڪري. هن جو خيال ٻرستي ملي ٿي ته ڪيهن جي خيال جي ٻرستي نٿي ملي. گمان ۽ گمراهيءَ جي ليڪ ڪيتري سنهي آهي. اسان ان تي غور نه ڪيو هوندو. شيام جو هڪ شعر آهي.

”ماڳ هو جتي راهون گڏ ٿيون
ڀلجي پانيو مون چو واٽو.“

(آچمدي لاءِ موان)

انگريزي لفظن جو آسرو وٺي چئجي ته شيام جي خيالي ڪارج جي اها نيسڪل طرز آهي. اس هڪ تصوير، هڪ درجن سڌا سادا لفظ ۽ ان ۾ سمويل خيال ضرابان خيال. چند ڪرايو جتي، سڀ راهون ملي هڪ ٿين انسي شاهه راهه جڙي ڪئي. ڌرم، درشن ڪلا نسون سنسڪرتيون سڀ آخران طور اهڙين ئي راهون آهن. ماڻهو لاءِ ٻهڄي ته ماڻهن جي اکين اڳيان ڀهڪندڙ گمان آڏو اچي ٿا وڃن. منزل تي پهچڻ بعد وري مغفرت. راهون ڀلجي ٿيون وڃن ۽ واپسي سفر شروع ٿو ٿئي. ظاهر آهي، راهن کان راهن ٿاتين اسين صرف گمراهه ٿي

خود تضادي عبارت

١- اوجـاڳو سمهي پـاڻ وري جاڳي

برعڪس

اي همسفر ٻڌهي نه رهو پل ڪاله اڄيان وانگ هجي

٢- زندگيءَ اي جي دوست سو چيندا ان -

ڪجهه نه ڪجهه بس اداس ٿي ٿيندا ان.

برعڪس

ٿيو منهنجو هر سواس جهونڪو بسنتي -

موٽـڪي شيام سانئر تـه خـزان جي

٣- هت دوزخ هت جنت آهه -

پنهنجي پنهنجي قسمت آهه.

برعڪس

هجي دل ۾ ساهس تـه مشڪل بـه ڪيل -

جهلي ٿاب جي اک نظارا گهڻا.

انسان جون مول ورتيون

هڏ ٻون ۽ خطري جو چتاءُ - هوڏي سخت ڪٺي جي ذات
ٻ پ جيئن طوطو پڃري ۾ بند - سيخ ۾ چنبا سهيل لات.
اهي ٻئي شعر پنهنجي ڪمال اظهارت جي فني ابلاغ جو هڪ مثال آهن. خاص طرح پڃري ۾ بند طوطو جنهن جا چنبا نه شيڪن ٿي هجن، پر رات سهيل هجي، ٻ پ جي صورت جو ڪوڙ چتر رکي ٿو. اهڙي رات جو پاو- انتر و پچار ڪـي هڪ ٻولي ٽاڻي ٿو ڇڏي. انهيءَ موڙ تـي شيام جي هن سوال جي ۽ نسبت وڏي ٿي وڃي.

علم ڪنهن، زنجير حيات، ڏٺندي هيءَ تهذيب حيات؟

"آچيندي اڄ موڙ" ۾ هڪ نظم آهي. جنهن ۾ انسانـي وجود جي انتارت طرف اشارو آهي. تمثيل تـوري مختلف

ڪشمڪش ۾ مبتلا آهن ته... آخر فرد ۽ قانون صحيح رشتو ڇا آهي. جيئن ته ڪوبه فلسفو آخري جواب ڏيڻ ۾ سمرٿ نه آهي، ان ڪري ان جي نراڌڪ ڀڃاڪڙي نوڙڻ ۽ وڙهڻ جي نقطي تي ٿي اچي ٿي. اها محض هڪ طنز نه آهي، پر هڪ سنجيده چاچڙا آهي. ان جي اُتر شيام جي هڪ واچال واعظ مدرا ڏسو:

”دوستو اون ۽ مان ڇو ڪجي
ڇا رکيو آهي انهيءَ تڪرار ۾.“

(مهڪي ويل صبح جي)

شايد اهو ڪري وڏو آدرش هجي ته ان ۾ نه ته ڪو چٽڻ آهي، نه ڪا شاعري ئي آهي. ان صف ۾ ايندڙ شعرن جو به اچگو انداز آهي. ڪي پڌرا آهن.

حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪهڙي ڪي وسائد حاصل آهي
حياتي انقلاب آهي مسلسل انقلاب آهي.

(ذات ۽ حيات)

ڪال چڪر جي ڦيري ڪي انقلاب چئي شيام بدلاو جي حقيقت کي ساڌارڻ تراٿل کان مٿي ڪڍي ويو آهي. مسلسل انقلاب جو مطلب آهي، مسلسل عارضيپڻو، ڪجهه افراتفري ۽ ساندهه بنيادي تبديل. ان ڪري ئي شيام وٽ هڪ شڪوو ... آهي.

ڪڏهن ۾ جيڪي اسريا، هانو تي هيا هلڪا
ڏسڻ ۾ اسار ٿيا، جڳ جو ڦير قار ڏس.

تبديل ئي واحد سچائي آهي. پر ان جي اسان وٽ ڪا چوند ڪانهي، ڪجهه اهڙي انداز ۾ شيام تبديل جو دستاويز هيئن ئو ...ش ڪري:

ڪندڙيل جڳن جي ڇانو ٻيل آهي اَڄ تي ڇانو
هر ڳالهه ڇڪ ڏند ڪٿا ٻانڌجي ٿيئي.

ٿيون ٿا. اهڙا ڇڙواڳ انسان ڪي قدم ۾ قدم ملي سگهن ٿا.
ڏس ته، ڪيتان نڪتي راهه ٿيندي ڪٿي. ڇا ازاد ۽ هو ڪنهڙي
منزل ملي. (آچيندي ليج موان)

ايڪا ايڪا پنهنجا ماڻ مانا ٿا ڪن ٿو جيڪن هستي جي ٿا وجود
سمورنيت ۾ خيام انسان مٿان ڪي آدرش مڙهڻ کان انڪار
ڪري ٿو:

گناهن ٻولي ٿي مگر ديوتا آهه.
ڏڪارن مان ڪيئن آدميءَ کي ڏڪارن.
(واريءَ پوڻو ٻلانند)

جسم ۽ روح ڏار ڏار ڪندي ٻن
ٻوءِ ته، ماڻهو نه، ديوتا رهندو!
(آچيندي ليج موان)

آدرش جي هڪ وصف اها به آهي، ته ان ۾ آهي ڪان
ڇڏي ڏار ٿي، ”هئو“ ”هوندو“ ٻيا هستي ڪري جي تلاش
ڪرڻي ٿي پوي. پر شايد اهڙي ڪجهه جنهن وجود ٿي
ڪو نه آهي.

”جيون پورو موت ٻه پورو
هيءُ به اڌورو هوءُ به اڌورو.“
(مهڪي وال صبح جي)

”سچ آهي جو جانو آهي
هئو ۽ هوندو وهم نسورو.“

شاعر جي انهيءَ ڪيئن پنهنجي زمان جي وقتائتي روح
کي پڇاڙي ٿي وئي، ان لاءِ خيام جو هڪ شعر آهي:
ڪيو محفوظ قانون ڪيو محدود قانون
پر قانون ٽوڙڻ جي وڏي لاءِ وات ٿي کهڙي؟
اصل ۾ جديد زماني جا سياسي فلسفا به، در اصل انهيءَ

اهو نه آهي، نه آهي. دراصل موت نسبت انسان جو سڄو چنتن زندگيءَ کي سمجهڻ / جيئڻ / ڀوڳڻ جو هڪ طريقو هوندو آهي. شيام ان نسبت شروع کان ئي بلڪل سپشٽ آهي.

موت مفت ۾ بدنام ٿيو
جيون کي ماريو حيات ماريـــو

سرڳ، نرڳ، مئن جـــي جاءِ
دنيا هيءَ ئي جيئرن لاءِ.

موت جـــي آرســـي رکـــي
زندگيءَ ڇا نه پـــاڻ سينگاريو.

حياتـــيءَ کانسواءِ دنيا ۾ آهـــي چيز ڪهڙي
ڏسي ڪوئي ٻڌائيندو ته صورت موت جي ڪهڙي؟

پر جي ان جي ابتڙ اوهين مون کان پڇندا ته شيام جو حياتيءَ نسبت ڪهڙو رخ آهي، ته مان مڃهندس. ان ڪري جو خود شيام ۾ هڪ هٻڪ آهي. اول ته مان خود وسهان ٿو ته حياتيءَ نسبت ڪو به رخ ارت هيڻ آهي. ان کي ڪڏهن به آخري طور ٻڌائي، سمجهائي، محسوس نٿو ڪري سگهجي. خاص طرح شعر ۾ ڪڏهن ٻئي ذريعي دنيا حياتيءَ جي وصف ڏيڻ اُپ کي آڪار ڏيڻ جي مثل آهي. زندگيءَ ۾ تضادن جـــي ايڏي ته اڻ ٽُڪ ۽ رل مل آهي جو ڪو به حقيقت شناس انسان ان کي هڪ خاني ۾ رکي نه سگهندو. پر جيئن آسڪروائلڊ ڪٿي چيو آهي جيڪو انسان صرف حقيقت شناس آهي، اهو مري چڪو آهي. جيڪو حقيقت شناس نه آهي، اهو به مري چڪو آهي. شاعر ظاهرا هڪ مثل نه، پر زنده انسان هوندو آهي. ٻڌجي سم ويدن شيلتا جي ڪري اهو ڪڏهن به ”صرف“ جي طبقي ۾ نٿو اچي. شيام حياتـــيءَ نسبت، ڪن شعرن ۾ هيئن چيو آهي:

پر ان نڪتي جو هڪ موثر شعر آهي:

"ڦرندي ڦرندي ڇا نه ڦريو
پاڻ کي ساڳيو سڏڻ مثال."

شايد پنهنجي اندر اڪيل رقيب کي ڳولهي لهڻ کي ئي
اسين آتم وڪاس سڏيندا آهيون.

شيام جي انتر درشن جي هڪ مخصوص موضوع ڏانهن ڌيان ڇڪ
کان اڳ، هڪ شعر کي نظرانداز ڪرڻ مشڪل آهي. جنهن ۾
ڪو لٽو ڇڏين نه، ڪو نهي پر هڪ وڏي مونو گياني سچ سان
ساڪياتڪار آهي.

"ڪوڙ ڳالهائيندي ڇاهيم پيا نه، ڳالهائين ڪوڙ."

ڇو اسين پنهنجي پاڻ کان ڪن مائن / قدرن جي طلب نٿا
ڪريون. اسين پاڻ کي سهج ورتين سان جيئڻ جي موڪل
ڏيون ٿا پر پين مان منطقي وهنوار جي ڪلپنا ڪريون ٿا.
هيڏي ساري اڻبڻت جو ڪارڻ اهو نه آهي ڇا؟ پنهنجي ئي
پيدا ڪيل ملهن ڏانهن جوابدهي، رهڻ لاءِ هستيوادي فلسفي جو
هيڏو سارو مانداڻ آهي. وري منطق ئي ڪٿي دنيا يا وجود
کي سمجهڻ جي ڪنجي آهي؟

ڪنهن طرح ڦاٽي نه اهڙي زندگي
داد منطق جو اسان ڦهلائي ڏنو.

اسانکي منطق کي transcend ڪرڻو پوندو. transcendence
جي هدايت پڻ ڪانو ئي ڪرشنا مورتي اسانجي سڀني مفڪرن
ڪئي آهي.

شيام جي سڄي شاعريءَ فقط هڪ وشيه تي سمٽيل
مرڪز نقطه - نگاهه رهي آهي ۽ اهو وشيه آهي، موت. شيام
ڪٿي به موت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. زندگي ئي
زندگي آهي، ان کانسواءِ ڪجهه به نه آهي. جي آهي، ته

٣- ٻنهجي وقت جي ڪن اڻ ٺر اثرن جي ڪري هن کي اهڙا شعر به لکيا آهن، جيڪي سنڌس بنيادي فطرت سان ڪونه ٿا ٺهڪن. ٻر سنڌس ٻئي شاعراڻي سرمايي جي مد نظر انهن کي درگذر ڪري سگهجي ٿو.

٤- شيام ڪڏهن به ڌرم، درشن يا اسڪول جي ساٿي کان مڪت رهيو آهي. صوفيانه ڪلام چوڻ جو هن کي شوق ڪونهي. جيو، ايشور، پرڪرتيءَ نسبت سنڌس شاعرانه گفتار سنڌس ٻنهجي مشاهدي مان پيدا ٿي آهي.

٥- اهڙيءَ ٿي ريت هو ڪڏهن اخلاقيت جو شڪار ڪونهي. سنڌس ڪويتا ۾ بوڌ آهي، پربوڌ ڪونهي.

٦- شيام جي انتر درشن ۾ انتروروڌ آهي. ڪٿي ڪٿي خيال جو اڻوڙو نباهه آهي.

٧- شيام ٻاري تلميحن کان آجو آهي. عڪس بندي، تصوير ڪشي، حواساتي سورش جي باوجود سنڌس شعر سليس ٻوليءَ ۾ چيل آهي. هن ۾ Mytho poetic thought جهڙو ڪجهه ڪونهي (روپ مايا وچار جي دائري کان ٻاهر آهي).

٨- آخرين رايي کي مان عقيدي جي روپ ۾ رکڻ ٿو چاهيان. شيام ٻنهجي انتر درشن جي خيال کان ڪڏهن فرڪ - مڪتب (School of thought) ۾ ڪونه ٿو اچي. هو نه آنندوادي آهي، نه صدعي، نه آشاوادي نه نراشاوادي، نه رجعت پسند نه سڌار پسند نه ترقي پسند نه جديد پسند (نثو ٻـر عباسيءَ کي ڪيس جديد "هاڻوڪي" جي حوالي ۾ چيو آهي) نه هو Mystic poet آهي نه Metaphysical poet هو صرف جمالياتي شاعر به ڪونهي. رومانواد جي نزديڪ هوندي به هو روح طور رومانوادي ڪونهي. رومانواد جون کي خاصيتون شيام ۾ عملي ٿيون اچن. ارڌ چيتن مان اڀرندڙ تخليقي اپي ساختگي، انتر درشٽي پرڪرتي پريم، ٿو رو رهسيه ڀاو، موسيقيت پر کيس وڪتيوادي شاعر چوڻ ڏکيو آهي ۽ انڪانسواءِ رومانواد ادورو آهي. شيام بس شيام آهي.

هيءَ دنيا جهڙي به آهي
پوءِ به جاءِ جيئڻ جي آهي.
("جهڙي" ۽ "جيئڻ" تي غور)

دوزخ وهم بهشت حڪايت
دنيا جهڙي اهڙي حقيقت.
ان ڪري سندس رخ هيئن وڃي ٿو ائين:
دنيا معنيٰ ڪجهه ٻي معنيٰ
ڇا هڙ حاصل جي ڪڏهن نياڳي.

دنيا هتي حياتيءَ جو ٻي هم‌معنيٰ لفظ ڪري ڪتب ڪئي. باقي دنيا ته:

دنيا هيتري وسيع نه سندو رهيس رڳو
ڇا ٿي نه سڱ گهرام، سو نه سمجهيس اڃان به مان.

پنهنجي هن مطالع ۾ مان "نه سونگ نه سرهاڻ" ڪتاب کي اورانگهي ويو آهيان. ان جي پاو پرڪ کو پتائن ۾ ڪجهه اندر لائين ٿي نه سگهيو آهي. روپ مايا ڪتب ڪاوڙ. کي جاڳي پڇهي، ڪو نه شمارڻو اٿم. جو ان ۾ شيام جو پنهنجو اندر درشن نه آهي. اهو هڪ پوراڻڪ قصي جو شاعراڻو جامو آهي. ان جو درشن به اهو ٿي آهي جيڪو ڪٿا خود ٿي پڌائي:

شيام جي ڪويتا ۾ ورتاءُ جو جيڪو نڪراو آهي، ڪجهه سمجهڻ لاءِ، جنهن جو تاثر هن ريت ٿيندو:

١- شيام جي ڪويتا ڇڏيندڙ آهي، ڇڏڻ پڙدان نه آهي. مذهبي شعر جي معنيون لاءِ ڪا سٽيتا ڪانهي. ٻيا ڳوٺ ۾ گهٽ مونجهه ڪونهي.

٢- شيام هڪ رتانتو مفڪر نه آهي. دارشنڪ ڪويتا جو سندس ڪويتائي نصاب ۾ شامل نه آهي. اها سندس شاعراڻي تخليق جي Complexity جو هڪ انس آهي. سندس سندائتون فلاسافيڪل ڪويتائون هن ڪونه لکيون آهن.

علم عروض ۽ نارائڻ شيام جو شعر

● هري دلگير

نارائڻ شيام جي شاعريءَ کي علم عروض (ڇند وديا يا prosody) جي ڪسوٽيءَ تي پوري پُوري ڪٿ ڪرڻ ۽ سنڌي شاعريءَ کي اُن جي ڏين جي صحيح اندازي لڳائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ڪانئس اڳ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ کي هڪ اڏامندڙ پکيءَ جي نظر سان ڏسي وٺجي ۽ علم عروض ۽ شاعريءَ جي جدا جدا فارمن (forms) کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي.

شاعريءَ جا اهم انگ آهن وچار، ٻولي ۽ فارم. وچار ۾ ڪويءَ جي وچارڌارا، ڪلپنا، امنگ ۽ انڀو اهي سڀ ٽي اچي وڃن. وچار يا ڪلپنا شاعريءَ جي جان آهي. امنگ ۽ احساس کانسواءِ ڪابه شاعري بي جان بُوتي جيان آهي، بلڪ شاعري ئي ناهي. وچار جي اظهار لاءِ مناسب لفظن ۽ ٻوليءَ جي ضرورت پوي ٿي. ٻولي جيتري سهڪ ۽ سوادي، پڪي ۽ ٺٺي، رنگين ۽ رسيلي، اوتري شعر ۾ شيريني وڌندي. وچارن ۽ ٻوليءَ کي وڌڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪنهن فارم، ڪنهن لئي، ڪنهن رنگ روپ جي ضرورت محسوس ڪجي ٿي. رچنا کي سنگيت مئي بڻائڻ لاءِ لفظن جي تور تڪ، ماپ، ماڻ يا ڪنهن وزن يا ڇند جي ضرورت پوي ٿي.

سنڌي شاعريءَ جي سچي شروعات شاهه عبداللطيف (1689 ـ 1752) جي شاعريءَ سان ٿي ٿئي ٿي. انهن کان شاهه صاحب کان اڳ سندس وڏڙن ۽ انهن کان به اڳي قاضي قادن، دادو دريال ۽ ٻين ڪن سنڌي ڪوتا لکي هئي، پر اها ڪوتا ايتري ٿوري آهي ۽ اهڙي قسم جي آهي جو

ڦاٿيندو رهيو. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به هو ته شاهه جي طرز
ي اڪيچار ڪلام لکيو ويو هو ۽ ان دؤر جا آخرين شاعر،
شاعريءَ سان نباهي نه سگهيا ۽ سنڌي کي نا اڀوڳي ۽ اَلوٽي
ي ٿئي. پر نئين چيز آئي ته ان دلين کي کيڏي ڇڏيو.
ڌهن ڪانسواءِ علم عروض تي ٻڌل فارسيءَ ۾ پڪن پختن شاعرن
جو ڪلام اڳيئي موجود هو. نوان سنڌي شاعر اردو ۽ فارسي
شعر ۾ معمولي ڦيرڦار ڪري، ان ۾ سنڌي لفظ وجهي، پنهنجي
ڇدا ڪري شمار ڪرائڻ لڳا. انهن نقلي شاعرن کي فارسيءَ ۽
اردوءَ مان قافيه، رديف، خيال، تشبيهون سڀ ڪجهه
ڪيو لکيو ملي ويو. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي فارسيءَ ۽
اردوءَ جي گل گولي ٿي پئي. اهو دؤر ويهين صدي تائين
ڪيو، جيستائين سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس
(1885 - 194) جي شاعريءَ جو آغاز ٿيو. بيوس سنڌيءَ جو
پهريون شاعر هو جنهن علم عروض تي ٻڌل شاعريءَ ۾ سنڌي
ٻوليءَ جي سرلتا ۽ مٺاس ڀري، سنڌي شاعرن کي نئين راهه
ڏيکاري. بيوس جي سنگيت ڀري ڪوتا سڄي سنڌ تي ڇانئجي
وئي ۽ ان جو نو رو ڪي گهڻو اثر سڀني سنڌي شاعرن تي
سرور ٿيو. ڪي شاعر سڌيءَ طرح متاثر ٿيا ته ڪي اڻ سڌيءَ
طرح. جن سڌيءَ طرح ڪانئس پرايو، انهن ۾ مکيه دکايل،
ام پنجواڻي، پرڀو وفا ۽ هري دلگير آهن. جن بيوس کان
ڻ سڌيءَ طرح ڪجهه حاصل ڪيو، تن مان مکيه آهن:-
ب - فاني، شيخ اياز، نارائڻ شيام، تنوير عباسي،
رجن شاد، موتي پرڪاش. منهنجو شخصي ويچار آهي ته
بيوس جي مٺڙ شاعريءَ جي اثر کان ڪوئي به نئون سنڌي
شاعر ٻچي رهي نه سگهيو. اها ڳالهه الڳ آهي ته ڪنهن تي
گهڻو اثر ٿيو ته ڪنهن تي ٿورو. بيوس شاهه جي طرز تي اڪيل

سنڌي شاعريءَ کي وڌيڪ اوج ڪونه ٿو ملي. ان شاعريءَ کي ٻاهرين اهميت ني آهي. شاهه جي ڪوتا هندي ڇند وديا تي ٻڌل آهي. هنديءَ ۾ دوها ۽ سورٺا اڳيئي هئا، جن ۾ 24 ماترائن جون ٻه ٻه سٽون ٿينديون آهن. پر شاهه صاحب پنهنجي اظهار لاءِ دوهي / سورٺي جي ٻن سٽن کي وڌائي ٽن کان ستن سٽن جو بيت ٺاهيو، جو دوهي ۽ سورٺي جو مرڪب آهي. ساڳي وقت شاهه صاحب "وائيءَ" جو فارم مروج ڪيو. ان کانپوءِ سچل، روحل، سامي، بيڪس، بيدل، دلپت ۽ ٻين ڪيترن شاهه جي طرز تي بيتن ۾ ڪوتائون رچيون. سچل (1739 - 1829) سنڌي شاعريءَ کي "ڪافيءَ" جو تحفو عطا ڪيو. ان کانپوءِ ڪيترن گهٽ اهميت وارن شاعرن به بيت لکيا ۽ ڪافيون به ٺاهيون. پر خيال به پراڻا ۽ ٻولي به ساڳئي رنگ روپ واري ۽ فارم به پراڻن بيتن ۽ ڪافين وارو هو، ان ڪري سنڌي شاعري جِڙ ته بيهاڻ شاعري ٿي پئي. اهو دؤر ايسٽائين هليو، جيسٽائين خليفي گل محمد آخوند (1808 - 1856) جي 175 غزلن جو ديوان شايع ٿيو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو باقاعدي پارسي علم عروض تي ٻڌل غزل لکيا. ڪانئس اڳ سچل سرمست ۽ مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ به ڪجهه رچنائون پارسي علم عروض مطابق ٺاهيون هيون پر سنڌيءَ ۾ علم عروض کي آڻڻ جو شرف "گل" کي ئي ڏنو وڃو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس شعر ۾ خيالن جي خاص بلندي يا اونهائي ڪانه هئي جا من کي موهي سگهي، پر سندس واسطي ڪان ٿورو ئي پوءِ سندس غزلن جي ديوان جي خوب مرحبا ڪئي وئي ۽ ان جي اعزاز ۾ ڪيترا جلسا به ٿيا. "گل" جي آندل علم عروض جو فيشن قائم رهندو ويو ۽ پنهنجي آثار کي ڪافي تيزيءَ سان

شيام اٽڪل پنجويهن جدا جدا پارسي وزنن تي پنهنجون ڪوتائون ڏنيون آهن، تن کانسواءِ ٻين ڪن هندي ڇند الڳ آهن. فارسي وزنن جي گوناگونيءَ ۾، ليکراج عزيز کانپوءِ شيام ئي آهي، جنهن ايترن فارسي وزنن تي پنهنجو قلم ڪاميابيءَ سان هلايو آهي. پر شيام جي هندي ڇندن تي ٻڌل بيتن، دوهن، سورٺن ۽ هائيڪو کي به ڌيان ۾ آڻبو ته ڇندن ۽ وزنن جي گوناگوني شيام ۾ سڀ کان وڌيڪ نظر ايندي. اها به ڳالهه آهي ته شيخ اياز ۾ اها ورائٽي شيام کان ڪي قدر سرس ئي آهي، خاص ڪري گيت رچنا ۾.

ڪوتيءَ ۾ وزن سادو يا اُچو، وڌيڪ متر يا گهٽ متر ڪونه ٿيندو آهي. اهو ته ڪويءَ جو ڪرتب ۽ ڪمال آهي جو هو شبدن ۾ مٺاس ۽ مڌرتا اوتي ٿو، باقي هونءَ وزن يا ڇند مقرر ڳڻيل ماترائن جا مجموعا آهن. پر ان هوندي به هر هڪ شاعر کي خاص وزن يا ڇند وڌيڪ پيارا لڳندا آهن، يعني انهن تي وڌيڪ دسترس هوندو اٿس. ايوس پنهنجي سموري ڪوتا رچنا کي ڏهن وزنن ۾ ڪن هندي ڇندن تائين محدود رکيو. انهن مان به هن کي پنج يا ڇهه وزن وڌيڪ پيارا لڳندا هئا، جن تي هن پنهنجي نوي سيڪڙو ڪوتا جوڙي آهي. ساڳيءَ طرح شيام کي به پنهنجي پسندي آهي. مونکي ائين لڳي ٿو، گهٽ ۾ گهٽ سندس ڪوتائن مان اهو صاف اڀري اچي ٿو، ته شيام کي فارسي وزنن کان وڌيڪ هندي ڇند پيارا لڳن ٿا. پر هن تي اظهار اڳتي ڪئي ويندي.

شيام جو سڀ کان پيارو وزن آهي سترهن ماترائن وارو وزن فاعلاتن مفاعلن فعلن، جنهن ۾ هن اٽڪل پنجاهه غزل لکيا آهن. هن وزن تي شيام جو مڪمل دسترس آهي ۽ جنهن جنهن

۽ هندي ڇندن تي ٻڌل بيتن ۾ به نئين جان ڦوڪي، ...
ان کي پوريءَ طرح اجاگر شيخ اياز ئي ڪيو. ايوس جي د...
۾ علم عروض جي عاشق شاعرن کي هندي ڇند وديا جي
ڪاڻي به جاڻ ڪانه هئي ۽ اهي بيتن تي ٻڌل شاعريءَ کي
جهونگاڙي يا جاهلن جي شاعري ڪري ڪوٺيندا هئا. ٻر ملڪ جي
ورهاڱي کان اڳ ڀوءِ پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ سنڌي...
کي دوهن، سورٺن ۽ بيتن ۾ هندي ڇندن جي جاڻ ڏني
ثابت ڪري ڏيکاريو ته انهن ۾ به مقرر ٿيل ماترائن جي
عدد آهي.

نارايڻ شيام تي ايوس جو ڪافي اثر ٿيو، پر ان کان ا...
وڌيڪ اثر سندس همعصر شاعر ۽ دوست شيخ اياز جو ٿيو.
مون ٻاريڪيءَ سان جاچيو آهي ته شيخ اياز، شيام جـ...
صاحب طرز شاعر آهي. اول اياز بيت لکيا، ان کانپوءِ شيا...
سورٺا ۽ دوها لکيا، جن جي بناوت بيتن جهڙي آهي. غزلن ۾
به پهريائين اياز چوڏهن ۽ سورهن ماترائن وارا ڇند استعمال
ڪيا، شيام ان کان ڪجهه وقت پوءِ ساڳيو نمونو
اختيار ڪيو. ڪن غزلن ۾ هن اياز جي غزلن مان هڪ ٻه مصرع
طرح کڻي، ٻيهڪ ڪجهه غزل جوڙيا، جئن ته اياز جي سٽ
" جل جل او مشعل جل جل "، شيام به ٻيهڪي غزل ۾ ڪتب
آندي آهي. هيءَ نڪا چوري آهي ۽ نه وري ان ۾ شيام جي
گهٽتائي آهي. ائين ته شيام، دلگير جي غزلن مان به ڪي
مصرعون کڻي، ڪجهه غزل جوڙيا آهن، جهڙوڪ مورتي
ٻيهڪي مان من - مندر ۾ استاپن ڪندس، پيا ارپڻ ۾ ...
جي رنگت رچائيندا هلو، اهي دلگير جون ٺهيل مصرعون
آهن، جي شيام پوءِ ٻيهڪن غزلن ۾ ڪم آنديون، پر دلگير
هن لاءِ صاحب طرز شاعر ڪونه هو، پر اياز ضرور هو.

موت جي آرسي رکي سامهون
زندگيءَ ڇا لاءِ پاڻ سينگاريو.

هيءَ هڪ اهڙي مصرع آهي، جنهن ۾ هڪ به اکر ڪونه ڪيرايو ويو آهي. معنيٰ به ملهائتي آهي ۽ رواني به من کي موهيندڙ آهي. "ذات ۽ حيات" ۾ اهڙيون سٺيون سٽون اڪيچار آهن.

شيام جو ٻيو نمبر پيارو وزن وڌيڪ ماترائن وارو فعولن فعولن فعولن فعولن آهي. هن وزن تي "ذات ۽ حيات" ۾ انڪل ٽيهه غــزل آهـن، ۽ انهن کـانسواءِ ڪجهه نظمون به آهن. نموني طور ڪجهه بند هن ريت آهن:

(۱) وڏو گهر ٿو ڳولين تـــه سامهون اٿيئي،
پڇين "شيام" لاءِ ٿو ته هن جهوپڙيءَ ۾.

(۲) الا، ائين نـه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سچ ۽ سچ وارن جي ٻـــولي.

(۳) اٿو سج، وڏو "شيام" جئن جئن انڌارو
ڏٺي ڪنهن هٿان ڪنهن هٿان نمٽايو.

هن وزن ۾ پهريان رواني تڏهن ٿي سگهندي آهي جڏهن هرهڪ سٽ پوري پوري ٻن پاڱن ۾ ورهايل هوندي آهي. مٿي ڏنل مثال پهرين سٽ کي هيٺين ٻن حصن ۾ ورهائبو:

وڏو گهر ٿو ڳولين فعولن فعولن
تـه ســـامهون اٿيئي فعولن فعولن.
پڇين شيام لاءِ ٿو فعولن فعولن
ته هن جهوپڙيءَ ۾ فعولن فعولن.

پـــر ٻين بندن جون سٽون ائين ورهائي نه سگهبيون. جئن ته:

هوُ هن وزن ۾ لکي ٿو، تڏهن تڏهن مسدس ڪوتا ۾ رس ۽ رواني سرس ٿي وڃن ٿا. علم عروض جي قانون مطابق، الف، و ۽ ي جي ماترائن کي ڪيرائي ڇڏڻ جائز آهي. ان آزاديءَ جي اپيوگ سان ڪوتا ۾ رواني گهٽجي ويندي آهي. شيام کي هن وزن ۾ اهڙن اکرن کي ڪيرائڻ جي اڪثر ضرورت نه ٿي پوي ۽ مسدس ڪوتا جهرڻي وانگر جهر جهر ڪري وهندي ٿي هلي: مثال طور:

گل ڪماڻا ڪٽي نه پو (ء) ڇاهي،
وه، ٿڙندڙ ڪليءَ جي ڳالهه ڪريون.
آهه ڪارڻ پئي مدهوش، ليڪن
چمن جي چانڊنيءَ جي ڳالهه ڪريون.

هن غزل ۾ فقط هڪ ٿي ننڍي لفظ "جي" کي "جِه" ڪري ٿو پڙهڻو پوي ٿو ان جي ڪري روانيءَ ۾ رڪاوٽ نه ٿي پوي. پر ڪٿي ڪٿي شيام وڏن لفظن جو اکر ڪيرائي ٿو ته رواني ۾ ڪسر ٿي پئجي وڃي، جيئن ته:

ٿاڪيون ڏايو دل جو سدائيو،
شيام "اف" پئي ڪندا نه ٿو ڙبندان.

هن بند ۾ "ڏايو" کي "ڏاي" ڪري ٿو پڙهڻو پوي، جو غلط ناهي پر سٺو به نه ٿو لڳي ۽ روانيءَ ۾ رڪاوٽ پوي ٿي. هن مصرع ۾ "ڏايو" لفظ هرو ڀرو ضروري ناهي. ان جي بدران "آهه" يا "ڇا نه" لفظ اچن ها ته سٽ ۾ رواني به وڌيڪ ٿئي ها نه مطلب ۾ به فرق نه پوي ها.

ٿاڪيون آهه دل جو سدائيو (يا) ٿاڪيون ڇا نه دل جو سدائيو.

اهڙا روانيءَ ۾ رڪاوٽ وارا بند خاص گهڻا ڪو نه آهن، باقي روانيءَ وارا بند بلڪل گهڻا آهن، جيئن ته:

٢- ڀٽڪاسين ڪهڙي ماڳ، وڃي، ڇا ڪندين ٻچي،
ها، ڏس نه هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٽان ڪٽان.

خيال ٿوري روانيءَ جي خيال کان هي بند عاليشان آهن، ٿوري قافيا ڪي قدر هلڪا ڦلڪا آهن (اڄ ڪلهه اهڙن هلڪن قافين جو رواج وڌندو ٿو وڃي، ڇو ته خيال جو اظهار آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿو، ٿوري ڪن وس ۾ سنگيت رس گهٽجي وڃي ٿي.) پر ٽئين بند (ڀٽڪاسين ڪهڙي ماڳ......) جو خيال انگريزيءَ مان ورتو ويو آهي پر لفظ اهڙا ڪتب آندا ويا آهن، جو پتو ئي ڪونه ٿو پوي ته اهو خيال، شيام جو اصلوڪو خيال ڪونهي.

پر شيام پارسي وزن کان وڌيڪ پسند هندي ڇندن کي ٿو ڪري. سندس غزلن جي مجموعي "ڏات ۽ حيات" ۾ ٣١٥ غزل آهن، جن مان هن لڳ ڀڳ هڪ سؤ غزل جدا جدا هندي ڇندن ۾ لکيا آهن. انهن ۾ هر هڪ مصرع ۾ چوڏهن کان تيهه ماترائون آهن. انهن ۾ به ننڍين سٽن وارن غزلن جي خاص گهڻائي آهي، يعني هڪ سؤ غزلن مان ستر کن چوڏهن يا سورهن ماترائن وارا غزل آهن. هن قسم جي غزلن جو رواج شيخ اياز شروع ڪيو، جو پوءِ ٻين سنڌي شاعرن، شيام سميت اختيار ڪيو. پر اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته شيام جي غزلن جو رنگ، اياز جي غزلن کان نرالو ۽ خيالات ۾ ڪي قدر وڌيڪ وسيع آهي، ٿوري انهن ۾ رواني، امنگ ۽ اڇل، اياز جي مقابلي ۾ ڪي قدر گهٽ آهن، هن قسم جي غزلن/ ڪوتائن جي پوري سونهن تڏهن نکري پوندي آهي، جڏهن انهن ۾ هڪ به ماترا ڪيرايل نه هجي. سنڌيءَ ۾ هوس، اياز، گوردن ڀارواڻيءَ ۽ ٻين ڪن شاعرن کي اهو دسترس حاصل آهي. شيام جي ڪوتا عام طور هن ڏس ۾ پڪي ۽ پختي آهي، پر ڪيترن

الا، اِئين نـه ٿئي جو / ڪنهن ۾ ڀـڙڪي
نـه هٿئي سندي ۽ سڌ / تـ وارن جي ٻـولي
لٺو سچ وڌ ڀـو شيا / م جئن جئن انڌارو،
ڏئي ڪنهن هتان ڪنهن / هتان نمايـو.

هن قسم جي رچنا غلط ناهي، بلڪل صحيح آهي، پـر روانيءَ ۾ ڪي قدر رخنو ضرور پوي ٿو.

هڪ ٻيو، ٻاويهن ماترائن وارو وزن مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن به شيام کي اوترو ئي پيارو آهي. هن وزن ۾ سندس هڪ پيارو وزن (غزل نمبر ١٧٠، ذات ۽ حيات) هن ريت آهي:

راهي ڪريو نـه اوڙو جئن هٽي هٽي،
منزل لڪائي وڇوڙي گهڻين وڃي وڃي.
١- روڪيو گهڻو جي راهه ڪان لڌهڻي نگاهه ئي،
منهنجو وڌيو نـه پير ڪڏهن پٺي ڪٿي ڪٿي.
٢- اي شيام هيڪلو ئي ڪر وڌندو رهيو اڳيان،
۽ پوئيان راهه ٿـي لڳي ڪيڏو لڳي لڳي!

هن سموري غزل ۾ جنهن ۾ ٻٽيچ ٻند آهن، خوبي اها آهي ته قافيه جو دهراءُ نهايت ئي ڪلاسڪ ڍنگ سان ڪيو ويو آهي. هٽي هٽي، ڪٿي ڪٿي، وڃي وڃي اهڙيءَ طرح ڪتب آندا ويا آهن جو ڪو به قافيو فقط هڪ دفعو ڪم آڻيو ته غزل جو مطلب شڪستو ٿـي پوندو. "هٽي هٽي" بدران فقط "هٽي" لکبو ته ارٿ ٺهي نه سگهندو.

انهيءَ ئـي وزن ۾ هڪ ٻئي غـزل جا ڪجهه بند هن ريت آهن:

١- جيڏانهن ۽ جڏهن به هليس، جنهن به جاءِ تان،
هر ٻار ٿـي ٻرادي لڳهيس، منهنجي در وٽان.

ناريءَ لئي گل، گل لئي شبنم، شبنم لئي چانڊوڪي، جيسين چنڊ سڄ، ساريندس پيو، رات اها ڪالهوڪي.

هن بند ۾ ۲۸ ماترائون آهن ۽ هن بند ۾ سورهن (١٦) ماترائن کانپوءِ پت ٻڌلي بيهڪ آهي ۽ هڪ ٻه ماترا ڪيرائي نه وئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي موکي شيام جو هيءُ خيال ٺيڪ نه ٿو لڳي جو ته. گل لئي ماڪ اڪثر رات جو ته، پر پرڀات جو ٺهندي آهي. ماڪ ته منجهند جي اُس ۾ اڪثر ختم ٿي ويندي آهي. پر هن غزل ۾ رواني زبردست آهي. اهو ان ڪري آهي جو هن سٽن ۾ اٺن اٺن ماترائن کانپوءِ پت ۽ بيهڪ آهي (گهٽ ڪري ١٦ ماترائن کانپوءِ ٿيندي آهي.) اڳتي هلي شيام لکي ٿو:

روپا ٻال ۽ ٻر درٻا جي، گونجيا گيت فضا ۾،
سونهن سنڌ جي چانڊوڪي، محفل سا راتوڪي.

جي پت ۽ بيهڪ جو خيال نه رکيو ته ڪوتا جي روانيءَ ۾ ڪٽر ٻڌجي ويندي. مثال طور هيءُ غزل:

مرده ماڻهن جو هي ملڪ جتي پٿر جا پتلا،
موت جي گهرائيءَ سان جٽون ٿي هٿن مشڪن پيندا.

هتي سورهن ماترائن کانپوءِ گهرال پت ناهي، جنهن هيٺ ڏيکاريل آهي:

مرده ماڻهن جو هيءُ ملڪ جـ/ ـتي پٿر جا پتلا ١٦+١٢ ماترائون
موت جي گهرائيءَ سان جٽون/ ٿي هٿن مشڪن پيندا ١٦+١٢ ماترائون

انهن ڪانسواءِ ٻوٽين سٽ ۾ ”جي“ کي ”جِ“ ڪري پڙهڻو پوي ٿو. ان ڪري هن بند ۾ رواني تمام گهٽ آهي. پر انهيءَ ساڳي غزل جا ٻيا بند سٺي روانيءَ وارا آهن صرف هي هڪ بند ٿي ڪي قدر ڪسو آهي. اهو هڪ بند به شاعر ٿوريءَ

غزلن ۾، هو خيال کي وڌيڪ اهميت ڏيندي، ماترائون ڪيرائي ڇڏي ٿو. مثال طور:

تازي گل ۽ ماڪ جي ترمير،
سواس هي ڪهڙا سهڻا سارا

....

هيڏو روشن هجر جي رات، (هيڏو يا هيڏي ؟)
ڪير ڏسندو راز جي رات.

هن ڇند ۾ هر هڪ هڪ ماترا ڪيرائل آهي. "جي" ۽ "هي" جي بدران "ج" ۽ "ه" ڪري پڙهڻو پوي ٿو. جي ۽ هي ٻئي ڊگها اکر آهن، انهن ۾ ي جي ماترا ڪيرائڻ جي رواني ۾ رڪاوٽ پوي ٿي، پر خاص گهٽ نه. پر جڏهن ڪنهن وڏي لفظ جي ماترا (قاعدي انوسار ٿي) ڪيرائجي ٿي ته رواني ۾ چڱي رڪاوٽ ٿئي ٿي، جيئن ته:

آه، ڌرتي تي جهونو نظام.

هتي "جهونو" جي "و" ماترا ڪيرائي وئي آهي، جنهن ڪري ڪو نه ڪسي ٿي پئي آهي توڙي غلط ناهي. ساڳئي ئي شيام، ساڳئي ئي وزن ۾، ڪنهن به ماترا کي ڪيرائڻ بدران بهترين رواني سان لکيو آهي، جيئن ته:

دنيا سان رک ناتو لاڳ،
وهم نسورو آهي تياڳ.
اڄ ڪجهه ڪر، ائن ڪٽي نه وڃ.
ڏکن سکن جو هي ڪتراڳ.

هندي ڇند جي سلسلي ۾ شيام جا ڪيترا بهترين گيت ۽ غزل آهن، جن ۾ زوردار رواني آهي:

شايد اهڙو ڌيان نه ڏنو آهي جيترو هو ڏئي سگهي ها، پر دوهن ۽ سورٺن جهڙي حالت ۾ هن ان تقاضا سان گهٽ ڪري بلڪل ٺيڪ طرح نڀايو آهي. پر ٽيون تقاضا، جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو آهي ته سنگيت جي لحاظ کان ٻن لگهو ماترائن جي وچ ۾ هڪ کان وڌيڪ گرو ماترائون نه اچڻ گهرجن، ان کي شايد پوري طرح ڪونه نڀايو اٿو. مثال طور:

ٽڙ ٽڪ گهورن جي گل ٽڙن، ڪيئن رنگ ٻٽ ڌار،
مگر سپن جهڙي رنگ مان، سڪي ضرور اڀار.

هي هڪ دوهو آهي جنهن جي هر هڪ سٽ ۾ ١٣ + ١١ ماترائون آهن ۽ هر هڪ ۾ ٽيرهن ماترائن کانپوءِ يتي آهي. پر "ڪيئن رنگ ٻٽ ڌار" ۾ ٻن لگهو ماترائن جي وچ ۾ هڪ کان وڌيڪ گرو ماترائون اچن ٿيون (ڪيئن رنگ = ٥ — — ٥) ڇو ته "ڪ" لگهو ماترا کانپوءِ يئن ۽ رن جون ٻه گرو ماترائون اچن ٿيون ۽ ان کان پوءِ "گ" جي گرو ماترا اچي ٿي. اهڙا سٽ هڪ معمولي ڦيرڦار سان شايد هٿن سڌاري سگهي ها. "ڪيئن رنگ ٻٽ ڌار" جي بدران "رنگ ڪيئن ٻٽ ڌار" لکي ها ته ٽيون تقاضا به پوري ٿي سگهي ها. ٻيا به ڪي اهڙا دوها آهن جن ۾ سنگيت جي لحاظ کان ٽيون تقاضا پوري نه ڪئي وئي آهي. مثال طور:

(١) ڇهي نڀ جا نيڻ، آهستہ پساڻهه مان،
رات موهه جي پيڻ، وئي وهائي ڪي ڇڏي.

(٢) چنڊ لڪو ٿي ليٺن، اپ ۾ آڏيءَ رات جو،
جرڪي هورڙان جيئن، تري هنس نڀاڪڙو.

شايد هندي ڇندن ۾ ٻڌل، پر سو هانڪو به لکيا آهن، جي "ماڪ ٻندا راڳيل" ۾ ڇپيل آهن. هر ڪو هانڪو دوهي وانگر ٿي آهي پر دوهي جي ٻن سٽن بدران فقط ڏيڍ سٽ

محنت سان سڌاري سگهي ها. هن قسم جو بيت - پنگل موسيقيءَ جي موج ۾ لڪاٽو وڃهي ٿو.

شيام جا اٽڪل ١٧٠ دوها ۽ سورٺا "روشن ڇانورو" ۾ آيل آهن. اهي ٻه هندي ڇندن ۾ لکيل آهن ۽ انهن ۾ ٻه بيت جو اهم ٿيندو آهي، جو هن نهايت ئي خوبيءَ سان نباهيو آهي ۽ مان نٿو سمجهان ته هن هڪ به دوهي يا سورٺي ۾ ڪٿي ڪا ماترا ڪيرائي آهي. نه وڌو ايترو، پر ڪيترا شاعر ماترائن جي عدد کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪيترن لفظن کي مشدد ڪندا آهن يا شد (W) ڏيئي هڪ ماترا وڌائيندا آهن جيئن سڄ، سڌ، هڏ، وچ، مڇ، اهي شبد ٻن ماترائن جا آهن، پر انهن کي مشدد ڪري ٽن ماترائن جو ڪندا آهن. اهو رواج شاهه صاحب جي ڏينهن کان هليو اچي ۽ شيخ اياز کي اهو رواج خاص پيارو لڳندو آهي. شيام ان آزاديءَ جو استعمال، دوهن ۽ سورٺن ۾ نه جهڙو ڪيو آهي. هن جي ڪونا ٻهڇي ليکي ٽي ماترائن تي اڪثر ٿهڪي ڦهڪي اچي. شيام جي ماترڪ هندي ڇندن ٻابت مان ڪجهه وڌيڪ لکان، تنهن کان اڳ مان شيام جي "روشن ڇانورو" جي مهاڳ مان (لکندڙ سرڳواسي سگن آهوجا) ٻه ٽي سٽون هتي ڏهرائيندس.

سگن لکي ٿو:

"ماترڪ ڇندن مطابق هر وزن سٽن جي ماترائن جو جوڙ ساڳيو هجي، اها ته پهرين بنيادي تقاضا آهي. ان بعد ٻي تقاضا آهي بيت يا چرڻ يا بيهڪ (pause) جو خيال رکڻ لاءِ ۽ ٽين موسيقيءَ جي لحاظ کان تقاضا آهي ته هڪ لگهو ماترا ۽ ٻيءَ لگهو ماترا جي وچ ۾ هڪ گرو ماترا کان وڌيڪ ماترائون نه هجن."

مٿي مون ڏيکاريو آهي ته گيتن ۽ غزلن ۾ بيت جي تقاضا ٿي

ترجمو، شيام اهڙيءَ خوبيءَ سان ڪيو آهي، جو اهو بلڪل اصلي پيو لڳي. شيام جو ٽاپال هائڪو فارم نهايت ئي لوڪ پريو ثابت ٿيو آهي ۽ هند توڙي سنڌ ۾ ڪيترن شاعرن هائڪو لکيا آهن.

شيام جي ٻي هڪ دين سنڌي شاعريءَ کي آهي ۽ اها آهي سانيٽ (sonnet) جنهنکي هن چوڏسيءَ جو نالو ڏنو، شايد ان ڪري، جو ان ۾ چوڏهن سٽون آهن. چوڏهينءَ جي چنڊ کي به چوڏس جو چنڊ چيو ويندو آهي. پر شيام جي چوڏسي سنڌي شاعرن کي ايتري پاڻ ڏي نه ڇڪي، جيترو سنڌس هائڪو، توڙي دلگير ۽ ٻين ڪن شاعرن ڪجهه سانيٽ لکيا، پر آخر ۾ خود شيام به سانيٽ لکڻ بند ڪري ڇڏيو، ڇو ته سانيٽ ۾ قافين جي بناوت ۽ بيهڪ اهڙي آهي جو ڪوتا ۾ ترنم گهٽ پيدا ٿو ٿئي. "ماڪ ڦڙا" ۾ شيام جا ڏهاڪو سانيٽ آيل آهن، جن جي قافين جي بناوت لڳ ڀڳ انگريزي سانيٽ جهڙي آهي. شيام پنهنجي ايترن وچدا روپ - مالا ۾ سانيٽ جو اپيوگ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪيو آهي. روپ مالا ۾ ڪل سورهن سانيٽ آهن. هڪ سانيٽ مثال طور:

(مينڪا اپسرا ملاو ۾ سدان ڪري رهي آهي)

وار چوٽي ۾ ٻڌل، پاسيا ٿي سندر سهڻ جان، a
جن ٿي چوڙيائين، وڃا سي راس وانگر ڦهلجي، b
جن گهڙي وچ نهر ۾، وارن ٽڪڙجي جل مٿان، a
رُوپ مالا چور نظرن ڪان بچي هيٺان رکي. b
ڪئن نه سرندڙ اپسرا جي نرم انگن کي لڳي، c
نهر جون لهرون هٽي پٺتي، چڙهي ڪجهه مٿيرو، d
ٿو رڙو ور ڪنڌي وسهر وانگي، پاسيرو مڙي، c
جسم کي اپهر ڇهي، نڪري وڃون ٿي اڳتيرو. d

اچي ٿي، جهڙوڪ ٻاءِ ٻارهن، تيرنهن ۽ ٻاونهن ماترائون ٻعدي ڪل ٻهٽيهه ماترائون آهن. هائڪو، شيام جي سنڌي شاعريءَ کي خاص ڏات آهي. شيام ئي هائڪو کي، پهريون دفعو سنڌيءَ ۾ هائڪو روپ ڏنو، توڙي هن اُن کي "تصوير" جو نالو ڏنو. پر "تصوير" نالو لوڪ پريه ڪونه ٿي سگهيو ۽ ڀارت ۾ اُن کي هائڪو جو نالو ڏنو ويو، پر سنڌ ۾ ڪن اُن کي هائڪو، ڪن ٽه سٽو ۽ ڪن "ٽيڙو" نالو ڏنو. ٽيڙو معنيٰ ٽي (سٽون) شخصي طور مونکي ٽيڙو شبد ۾ سنڌيت جي وڌيڪ سڳنڌ اچي ٿي. هائڪو ۾ شيام نه رڳو بيت، ماترائن ۽ چست قافين جا نيم نڀايا آهن، پر خوبيءَ سان نڀايا آهن، توڙي هن لفظن کي مشدد ڪرڻ جي آزاديءَ جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي. مثال طور:

(۱) نم ورانئي ٻانهن،
ڪيڏيءَ ڪروٽا مان ڪٽي،
وڻن جو س ٿي ڇانهن.

(۲) الهيلو ٽانگر
سونهن سال اڄي آهو،
سهڻو اڄ وانگر.

هنن هائڪن ۾ نم، ٽانگر ۽ وانگر شبدن کي مشدد ڪيو ويو آهي، جو نه ته اهيءَ حالت ۾ ماترائون ڪٽي پيون ها. اهڙي آزادي جائز آهي ۽ لڳ ڀڳ سڀني شاعرن اُن جو اُپيوڳ ڪيو آهي.

شيام تي انگريزي شاعريءَ جو ڪافي اثر آهي. سندس ڪي هائڪو جاپاني ڪوِتا جو ترجمو آهن، جن جو ذڪر تنوير عباسيءَ "بوند لهر ۽ ساگر (سنڌ ۾ ڇپيل، شيام جي غزلن جو مجموعو) ۾ ڪيو آهي، پر هن به مڃيو آهي ته هيءَ

سنگيت ، سونهن ، جل جي لهرائيٽي ڌهي پئي ، e
گهاگهر ڀرڻ سکيون وڃن آهون اکيون ڀري . f
اهي صورت آهه، صورت ، کو سر جيت ڪئن ٿئي ، e
ورن عجيب ڀاڳ جو، ڇو ڪير ڪئن ڪري . f

هيءَ ڪوتا شيام جي شروعاتي ڪوتائن مان هڪ آهي ، جا ”ماڪ ڦڙا“ ۾ ڇپيل آهي . ”ماڪ - ڦڙا“ ١٩٥٣ ۾ شايع ٿيو هو. ڪوتا شايد ان کان ٻه ٽي سال اڳ جي هوندي . ان هوندي به، ڪوتا ۾ رس ۽ رواني خوب آهن ، بحر وزن جون ٻه غلطيون نظر اچن ٿيون . هتي ”لهرج“ کي ”لهر“ ڪري پڙهڻو پوي ٿو ، يعني ”ج“ جي ماترا وڌيڪ آهي. ”لهرائيٽي“ شبد هن وزن (مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن) ۾ ڦٻي نه ٿو. لهرائيٽي کي لهرائيٽي يا فقط ايٽي (فعلن=چار ماترائون) ڪري پڙهڻو پوي ٿو. شروعاتي رچنائن ۾ اهڙيون غلطيون سڀني کان ٿي وينديون آهن ۽ نظرانداز ڪري سگهجن ٿيون .

شيام ڪي ترائيل به ڪشلتا ۽ ڪاميابيءَ سان لکيا آهن . هن لوڪ پريه فرينچ ڪوتا (TRIOLET) کي پرڀائين دلگير سنڌيءَ ۾ اپنايو ۽ سنت ٿي هند لوڙي سنڌ ۾ لوڪ پريه صنف بڻجي پئي . ”روشن چانورو“ ۾ شيام جا چوڏهن ترائيل آهن . انهن مان آخرين ترائيل هن ريت آهي .

وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان 1 a
مهنجو ڀلجي به، ڪڏهن ڪونه تو وسار ڪيو 2 b
مهنجي گيتن جا ٻڌا ٿي پيا هوندءِ پرسان ، 3 a
وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان 1 a
گيت ڪجهه پاڻ پڙهي، يعني ٻڌي ڪنهن واڻان 4 b
روئي چوندينءَ مونکي ڪيڏو نه ٿي هن پيار ڪيو 5 a
وقت ايندو جو ملڻ کان ٿي پري هوندس مان 1 a
مهنجو ڀلجي به، ڪڏهن ڪونه تو وسار ڪيو 2 b

نھر مان ٻاھر اچي ، جڏهن لڳ سڪايائين ٻئي e
ٻهڪدو جوڀن ٻاڻ ڏسندي، شڪجي شرماڻ لڳي ، f
روُپ جي هڪڙي اَدا، ڪنهن ٻيءَ کي اُها اِئي ڏني ، e
مرڪ لبَ چمڪائي ٿي ، لبَ مرڪ ٻهڪائڻ لڳي . f
گل چني ، هٿ ۾ جهلي ، پاڻيءَ ۾ پاڇي کي ڏسي ، g
ناز مان وارن ۾ پائي ، پاڇو ٿي ڏسندي رهي . g

سانيٽ جي چوڏهن سٽن ۾ ست قافيا اچن ٿا ، ٻعدي ٻن ٻن سٽن لاءِ الڳ الڳ قافيو آهي. ڪيترا انگريزي شاعر گهٽ قافين کان به ڪم وٺندا آهن. سنڌيءَ ۾ مثنويءَ ۾ به ، ٻن ٻن سٽن لاءِ هڪ هڪ قافيو ڪتب ايندو ، اوڙي اُنهن جي ڀيٽ سانيٽ جي قافين کان الڳ آهي. سنڌيءَ ۾ نڪو مثنوي نڪو سانيٽ لوڪ پرياءِ ٿي سگهيا .

سانيٽ ڪانسواءِ ، ”ماڪ ڦڙا“ ۾ شيام جون ڪجهه ڪوتائون ٻارهن ٻارهن سٽن واريون به آهن ، جن ۾ ٻاڻ قافين جي ڀيٽ سانيٽ جي پهريان ٻارهن سٽن وانگر آهي . صرف سانيٽ جون آخريان ٻه سٽون ڪٽيل آهن. مثال طور :

ڪوتا ”جمنا جل پرن“ :

جوڀن جي اُڀار هيمنت هلي جڏهن ڪي سندري a
اُڀرج اُڀن ۾ هير صبح جي ڌيري گهلڻ لڳي ، b
جمنا ڪناري شيام وڃائي ٿي بنسري ، a
هر لهر ۾ اُمنگ جي گنگا چلڻ لڳي . b
چپا نار چپا خمار سندس هر نهار ۾ ، c
گهنشيام جا هي نيڻ نشيلا ڪ ٻو نين راهه ، d
سهڻي جي سونهن سانت چڙهاو ۽ اُلار ۾ c
آلاپ بنسريءَ جا وسيلا ڪ ٻو نين راهه . d

ڦڙڪي ڦڙڪي، ڪنهن ڏڙڪي

هيءَ شيام جي شروعاتي ڪوتائن مان هڪ آهي، مخمس
ونهائيءَ کان وڌيڪ اڌام، امنگ ۽ اُڇل جو زور آهي، ٻوليءَ
واني آهي ۽ هڪ به ماترا ڪِراڻي نه وئي آهي.

شيام ڪيتريون وائون به لکيون آهن. اٽڪل ٽي سؤ سال اڳي
اهه عبداللطيف اسانکي وائيءَ کان واقف ڪيو، پر کانئس
ء سنڌين کان وائي وسري وئي ۽ ان جي جاءِ تي "ڪافي"
ڪ والاري ٿي ٿي. شاهه کانپوءِ وري شيخ اياز وائيءَ کي جيارڻ
وڏو جيارڻ ۾ سڌو ۽ دلڪش به ٺاهيو ۽ وائي سنڌي شاعريءَ
ي مقبول صنف ٺهي پئي. شيام به ڪيتريون پيارڙيون وائون
يون آهن. سندس وائون هندي ڇندن تي ٻڌل آهن. سندس
ڪ وائي، جا موکي خاص وڻي ٿي، هيٺ ڏيان ٿو.

ٽانڊاڻي جـي لاٽ - راڻ اڌاري، ٻڌ گهٽو!
١- هڪ وک ڪٽندي روشني، ٻي وک ڪٽندي ٻات
ٽانڊاڻي جـي لاٽ، راڻ اڌاري ٻڌ گهٽو.
٢- ڪنهن ڪنهن مهل هتان هتان، رکي رکي چمڪات
ٽانڊاڻي جي لاٽ ....
٣- اونڌ اونڌ هيءَ روشني، اونڌهه نهي اسات
ٽانڊاڻي جي لاٽ ....

(مختصر ڪيل، ماڪ ڀنا رابيل مان)

هن وائيءَ ۾ دهراءُ واري سٽ (ٽانڊاڻي جي لاٽ ......)
سٽ جي سٽ وانگر آهي ۽ باقي سٽون (هڪ وک ڪٽندي
شني، ٻي وک ڪٽندي ٻات وغيره) دوهي جي ٻئي اڌ
سٽ وانگر آهن ۽ هر هڪ ۾ ١٣+١١ ڪل چوويهه ماترائون
ن. ١٣ ماترائن کانپوءِ ٻس آهي.

شيام جا گيت، هندي ڇندن تي ٻڌل، ٿلهه سان ٽي پيارا
ن. ان ۾ هن جدا جدا نمونن ۽ قافين جو استعمال ڪري،
ٻو ۽ سنگيت ڀريو آهي. سندس هڪ نظم، جا گيت جي

ٽرائيل ۾ اٺ سٽون ٿينديون آهن، ٻه ٽي سٽون دهرائبيون آهن. ان ڪري حقيقت ۾ پنج نيون سٽون هونديون آهن؛ انهن ۾ ٻه قافيا هوندا آهن. شيام جو هيءُ ٽرائيل اڄوڪي موقعي سان ڪيترو ٺهڪي اچي ٿو. هو پاڪ ملڪ کان ٻي پاري آهي. سندس گيتن جا پڙاڏا ئي اسان وٽ رهجي ويا آهن.

پر مان سمجهان ٿو ته شيام جي شاعريءَ جي عظمت سندس گيتن ۾ سرس آهي جنهن ۾ هندي ڇندن جو استعمال، هن نه رڳو ڪاميابيءَ سان ڪيو آهي پر نهايت ڪلاتمڪ ڍنگ سان ڪيو آهي. مثال طور سندس رچنا "محبت" جا "ماڪ ڦڙا" ۾ آيل آهي. هيءَ رچنا گيت آهي يا نظم، ان بابت مان فيصلو ڪري نه ٿو سگهان:

اٽڪي، ڦڙڪي، ڪنبي، ٿڙڪي، ڪلي ڇلي، ڇلي ڪري.

انهن ڪري جڏهن ندي ڇلي،
وڃي سمنڊ سان ملي جلي،
اوءِ اٽڪي، پر انگ نه اٽڪيا،
اوءِ ڦڙڪي، پر چپ ته نه ڦڙڪيا،
اوءِ ته ڇلي، پر دل نه ڇلي
اوءِ ته کلي، پر اک نه کلي!!
هٿن ڇهڻ کان،
اکيان اچڻ کان،
ملي سگهڻ کان،
دور گهڻو، سوچڻ کان دور
ڄڻ ڪ آدڪ تاري جو نور!
دل سان دل جڏهن شيام ملي،
هوءِ ڪلي سا ڪڏهن کلي؟

هن رچنا جي خاص خوبي آهي سهڄو ۽ سنگيت ميه شبدن جو ڪلاتمڪ اپيوگ.

اُپيندڙ آهن. هڪ ٻي رباعيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ وزن اچي سگهن ٿا، بشرطيڪ اُهي رباعيءَ جا وزن هجن. هرهڪ رباعيءَ ۾ چار سٽون اُپيندڙ آهن، جن مان ٽين سٽ کانسواءِ باقي ٽي سٽون هم قافيه هونديون آهن. هڪ ڪامياب رباعيءَ ۾ آخري سٽ جاندار هئڻ گهرجي، جنهن ۾ رباعيءَ جي خيال جو نچوڙ هجي. پارسي ۾ گهڻي ۾ گهڻيون رباعيون عزيز، سدارنگاڻي خادم ۽ شيام ٻي لکيون آهن. انهن کانسواءِ دلگير ۽ پرواز کن رباعيون لکيون هونديون ڪي صاحب، چئن سٽن جي قطعن کي به رباعين جو نالو ڏيندا آهن، جو صحيح ناهي. شيام جي هڪ رباعيءَ جو مثال:

چا چنڊ جي نوراني وسيلي چپ چاپ،
مخمور ستارن جي نشيلي چپ چاپ،
اي شيام اگر تون به هجين ها پسر ۾،
چپ به ٿئي ها چمڪلي چپ چاپ.

شيام جون رباعيون به عيب ۽ هر لحاظ کان ڪامياب آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته هند توڙي سنڌ ۾ رباعيءَ جي صنف عام ۽ قبول پئجي نه سگهي آهي.

قطعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار سٽون اُپيندڙ آهن ۽ اُن جو رنگ روپ غزل وانگر اُپيندو آهي. غزل جون ابيات به سٽون ڪڍي ڇڏيون، ته قطع جو فارم اڀري پوندو.

شيام جيڪي به قطع لکيا آهن، سي چئن سٽن جا آهن ۽ هرهڪ قطع ۾ هڪ الڳ خيال يا چتر اُڀري اچي ٿو. ”نه سو رنگ، نه سا سرهاڻ“ ۾ اهي مڙئي ڪل اٽڪل ٻه سو آيل آهن. اهڙي هرهڪ قطع ۾ به هم قافيا لفظ اُپيندا آهن ۽ خيال کي نباهڻ لاءِ سڄيون ساريون چار سٽون آهن (غزل جي ابيات ۾ ٻه سٽون آهن) ان ڪري غزل جي مقابلي ۾ قطع لکڻ هڪ

فارم ۾ آهي، هن رباعت آهي. (ماڪ - پڌا واپيل مان ڪڍيل ڪو
”ڪوري“.) (فقط شروعاتي ٻه سٽون ڏجن ٿيون.)

ڪم ۾ رهين غلطان، ڪوري،

ڪر ڪو وقت جو ڌيان

هن ڪوتا ۾ لفظن ۽ قافين جي ٻناوت خوب آهي، ٻـ
ڪيترن هنڌن تي ماترائون ڪيرايل آهن، جي پڌا اڪليف
جي، شيام سڌاري سگهي ها. ”ڪم ۾ رهين غلطان“ ۾ شـ
”۾“ کي ”م“ ڪري پڙهڻو ٿوي ٿو ۽ ”ڪر ڪو وقت
ڌيان“ ۾ ”ڪو“ کي ”ڪ“ ڪري پڙهڻو ٿوي ٿو. مو
اڳيئي مٿي لکيو آهي ته هندي ڇندن ۾ ماترائون ڪيرا
سان ڪوتا جي رواني ۾ رخنو ٿو پئجي وڃي ۽ ان ڪان ڪدا
ڪرڻ گهرجي. ٻوڙي هيءَ ڪوتا سروجني نائيڊو جي انگريزي
ڪوتا جو ترجمو آهي، ٻر ترجمو خوبصورت آهي ۽ رچـ
اصلوڪي ٿئي لڳي.

سانيٽ، هائڪو، ٽرائيل ٻوڙي گيت ۽ واٽي سنڌي
شاعريءَ ۾ نيون صنفون آهن ۽ انهن جو ذڪر علم عروض جي
ڪتابن ۾ ڪونهي. انهن ۾ ذڪر آهي مسدس، مخمس، مربع
مثلث قطع، رباعي، غزل، مثنوي وغيره جو. ٻر هيٺئر انهـ
صنفن تي سمجهاڻي عروض جي ڪتابن ۾ اچڻ ٿي گهرجي.

شيام جي ٣١٥ غزل صدس نئين ڪتاب ”ذات ۽ حيات“
۾ ڇپيل آهن تن ۾ ڪانسواءِ هن ٻه سو کن رباعيون ۽ ٻه سو ڪـ
قطعا لکيا آهن. رباعيءَ جا خاص وزن ٿيندا آهن، جن تـ

مفعول مفاعيل مفاعيل فعو
مفعول مفاعيل مفاعيلن فع
مفعول مفاعلن مفاعيل فعو وغيره.

اهڙا ٢٤ وزن ٿيندا آهن ۽ هرهڪ وزن ۾ و ٿو ماترائو

هن نظم ۾ ستون سٽون ننڍيون وڏيون آهن، ننڍين سٽن ۾ وزن آهي مستفعلن ٻه دفعا، ٻيو وڏين سٽن ۾ وزن آهي مستفعلن چار دفعا.

هيٺينءَ هڪ نظم ۾ شيام بالڪل الڳ الڳ وزن ڪتب آندا آهن.

مٺي مرڪ ڳالهين ۾ جادو ڀري ٿي
مٺيءَ جي مٺي چال جادو ڪري ٿي،

سينڌ سندر سان، سرخيءَ سان چپ - مينديءَ سان هٿ پير، اڄ ڪسان ڳـل ڀـي لال، اڇي ٿـي سـرم جي ماري ڪير

مٺي ڪنهن ڏني ٻـي
ڏني ڪنهن مٺي ڀـي

انهيءَ ڪان ٻاري ٿي، نه، منهنجي سڙي ٿي.

هوڙي قسم جا تجربا، جنهن ۾ وزن جي ڦير گهير ڪيل آهي، مبارڪ آهن. اهڙا تجربا عام رواجي شاعر نه ڪري سگهندا آهن. شروع ۾ ”ايوس“ اهـڙا تجربا ٻه ڪيا هئا. ايوس اسڪول جي شاعرن دکايل، وفا ۽ دلگير ٻه. اهڙا تجربا ڪيا آهن. سنڌ ۾ ٻه ڪيترا شاعر، شيخ اياز سميت، هن قسم جا تجربا ڪري رهيا آهن.

”شيام“ سنڌيءَ جو هڪ عظيم شاعر آهي. شعر جي قانونن جي پابندي، وزن ۽ ڇندن جي واڌائي، ٻوليءَ جي سرلتا، سهڪتا ۽ مڌرتا، جماليات ۽ ويچارن جي وشالتا، ڪلپنا جي اڏام، شبد - چتر، اهي سڀ سندس ڪوتا ۾ موجود آهن. جڏهن مون هن ڏي پنهنجو هڪ ڪتاب موڪليو ۽ ڪتاب تي لکيو ”سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيام لاءِ تحفو“ ته هن جواب ۾ لکيو هو (شيام جو خط ١١ نومبر ١٩٨٥، هري دلگير ڏانهن لکيل):

زياده آسان صنف آهي. مان سمجهان ٿو ته اهڙن قطعن ۾ قافيو چست هئڻ گهرجي. پر شيام جي ڪيترن قطعن ۾ قافيا سست آهن، جنهن ڪري مسدس قطعا ڄڻ ته ڇڙن سٽن جي آزاد نظم وانگر آهن. مثال طور:

ٻيج جي چنڊ وانگر ڪير ائين
ڪنڊ ۾ ٿي ڪرونڊڙو ويٺو،
ڏنڊ چانئيل هو ڇنڊي ٻاسن کان،
چنڊ ڪيڏو نه ٿي اداس لڳو.

هن قطع ۾ قافيا بااصول واپري نه ٿا ڀاسن، پر ڳولا ڪرڻ سان پتو پوندو ته "ويٺو ۽ لڳو" قافيه وارا لفظ آهن. باقي ٻيءَ طرح شيام جا هي قطع عاليشان آهن جو پڙهندڙ کي شاعر هو پڻ گهمندو ڦرندو نظر اچي ٿو. جڏهن شيام جو هي مجموعو "نه سو رنگ، نه سا سرهاڻ" شايع ٿيو هو تڏهن هن مون کان منهنجو رد عمل لکي پڇيو هو. مون کيس ساڳي شڪايت لکي موڪلي ته قطعا ڄڻ بنا قافيه آزاد نظمون (Blank verse) آهن، جو نه ٿيڻ گهرجي. جواب ۾ هن منهنجي تجويز قبول ڪئي هئي ۽ چيو هيائين ته آئينده هو ان نڪتي تي وڌيڪ ڌيان ڏيندو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪوتا جي جدا جدا نمونن کانسواءِ هن ٻيا به ڪي فارم ڏنا آهن. اهڙا ڪجهه فارم (Forms) نموني طور هن ريت آهن:

ڪڙڪڙ ڪندڙ اوزرد پن،
وارو وٺي ٻهڪجو چڪو – ناهي اوهانجو اڄ سمو،
سو رنگ اڄ ساڳيو ڪٿي،
سو ٻي نگ اڄ ساڳيو ڪٿي،
اڄ ڪي سياڻي، پر ڪرو – ڪهڙو اوهانجو ڀرسو،
ڪڙڪڙ ڪندڙ اوزرد پن.

● ڪملا گوڪلاڻي

ڀارتيه ڪاويه شاستر جو آڌار سنسڪرت ٻولي آهي. سنسڪرت ۾ ڪاويه شاستريه روايتن جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ اِن باري ۾ ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. پر ڪويتا ۾ رگ ويد ، ڀاڪرڻ ۾ اشٽا ڌيائي ، راجنيتيءَ ۾ ڪوٽليه جو ارٿ شاستر ، آيُر ويد ۾ چرڪ وغيره جي ٻُڌوران کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو ته ڀارت ۾ ڪاويه شاستر جي شروعات گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي.

جيتوڻيڪ اڄ ڀرت منيءَ کان اڳ، جي ڪنهن عالم جو ڪاويه شاستر سان واسطو رکندڙ ڪو گرنٿ ميسر ڪونهي ، ڀر ڀرت جي همعصر گرنٿن مان سدا شو ڀرهما، ڪشيپ متنگ ، نارد ، نند ڪشور وغيره نالن جي ڄاڻ ملي ٿي. انهن جا نه رڳو نالا پر ڪجهه ڀيٽ به مان ٿا ، جي ان ڳالهه کي واضح ڪن ٿا ته ڀارتيه ڪاويه شاستر عيسيٰ کان اڳ ٿي سمرڌ حالت ۾ هو.

حقيقت اها آهي ته ڀارت ۾ ڪاويه شاستر جي چنتن جي شروعات ڀرت منيءَ جي ناٽيه شاستر سان ٿي، جنهن ۾ هن سڀني ڪلائن جو روح رس کي مڃيو. ڀرت منيءَ بعد لڳ ڀڳ پنج سؤ سال خاص ذخيرو نه ملي سگهيو. عيسيٰ جي ڇهين صديءَ ۾ ڀاڻي ، ڀامڪ ، ڀٽڄلي وغيره ڀاڪرڻ سان واسطو رکندڙ گرنٿ لکيا. جن ۾ النڪار تي زور ڏيندي رس کي النڪار جي گهيري ۾ شامل ڪيو ويو، ان بعد ٻارهين صديءَ تائين ڪاويه شاستر جو آجهان لاڳ واڌارو ٿيو ، ڀامهه ، ڏنڊي،

” هڪ عرض هي موقعو وٺي ڪريان.
مهرباني ڪري عظيم شاعر ڪري نه لکندو ڪريو
ڪنهن زماني ۾ ڪو عظيم شاعر ڪري چوندو
هو ته ذرا ڪل ايندي هئم. سمجهندو هوس
شايد ڪنهن ڏينهن ٿي به پوان، پر هاڻي ڏک
ٿيندو اٿم، هڪ ته عظمت جو مفهوم پوريءَ
طرح سمجهي ڪو نه سگهيو آهيان؛ اڃا تائين
اهڙو ڪو ڪارنامو سرانجام
ڪو نه ڏنو اٿم، جو ڪو فخر ڪري سگهان. “

ڪيڏي نه نمرتا آهي هن عاليشان شاعر ۾! مونکي ڏک
اهو آهي ته منهنجو هي مقالو شيام جي شاعريءَ ۾ علم عروض
تائين ئي محدود آهي سندس ڪوتا جي پهلوئن تي لکڻ جو
موقعو ئي ڪو نه مليو اٿم. اهو وري ڪنهن ٻئي دفعي.

———

ڪري ٿو ۽ شاستر ترتيب ۽ ويوستا جو. ڪاويه ۾ سونهن جو واسو آهي. شاستر ۾ ڪاراڻو هجڻ جو گڻ، ڪاويه ۾ لفظ ۽ معنيٰ ٻنهي جي اهميت آهي ۽ شاستر ۾ محض لفظ جي. ڪاويه جو جنم ڪويءَ جي ٻـوڌيا سان ٿئي. شاستر جو جنم اڀياس سان.

اهڙي طرح ڪاويه شاستر ڪاويه جي اصولن جو اهو بيان آهي جنهن ۾ ڪاويه جو مقصد، عناصر ڪاويه روپ، انوڀوتيءَ جا سڌانت، گڻ، الڪار وغيره جو ذڪر هجي. ٿوري ۾ ادبي تنقيد جي اصولي بيان جو نالو ڪاويه شاستر آهي.

ڪاويه شاستر ذريعي اسان ڪويتا جو سوکيم ۾ سوکيم ۽ ڳوڙهي کان ڳوڙهو مطلب سمجهي سگهون ٿا. ڪيترا ڀيرا نقاد ڪويتا متعلق اهڙيون ڳالهيون چوندو آهي جنهن جو انداز خود ڪويءَ کي به نه هوندو آهي.

ڪاويه شاستر جي روايت

اها حقيقت آهي ته ڪويتا جي رچنا ٻولين ٿيندي آهي ان جي ڇند ڇاڻ ٻوءِ ٿيندي آهي. سنسار جي سڀني ٻولين جو ٻڌ هن مڪمل واڌارو ٿيو، رچنا جو سرجڻ مختلف نمونن سان ٿيڻ لڳو، ٻڌ هرو ان جي ڇند ڇاڻ جي هروڀيڙي ۽ ڪاويه-شاستر جو جنم ٿيو. سنسڪرت جي عالمن سنسڪرت ۽ ان سان واسطو ٻولين جي ڪويتا جو اونهو اڀياس ڪرڻ بعد ڪاويه شاستر رچيا. سنڌيءَ جي حالت بلڪل ابتڙ آهي. اسان اولهه اوڀر جي اصولن کي اڳ رکي ڪنهن به رچنا جي مناچوري پرک ڪئي آهي. منهنجي نظر جو اڄ جو موضوع به اهو آهي. ان لاءِ اول ٿوري ۾ ڀارتي ڪاويه شاستر جي اصولن تي روشني وجهندي مان شيام جي ڪويتا جو اڀياس ڪرڻ جي نماڻي ڪوشش ڪري رهي آهيان.

اديت، وامن، ردرت، آنند ورڌن، ڪنتڪ، شيميندر وغير
عالمن ڪاويه جي آتما جي باري ۾ (النڪار، ريتي، ڌوني
وڪروڪتي، رس ۽ اوچتيه) پنهنجي اصولن جو پايو وڌو
خاص ڪري نائين صديءَ کان ٻارهين صديءَ واري عرصي کي
ڪاويه شاستر جو سونهري وقت سمجهيو وڃي ٿو. هنديءَ
سنسڪرت ڪاويه پرمپرا کي ئي تنقيد جو آڌار بڻايو ويو
سنڌيءَ ۾ نه ڪو ترجمو ٿيل مڪمل گرنٿ ئي موجود ڪونهي
پنهنجي سهوليت، جاچ، عالم هڄڻ جي ڏيکاءُ واسطي
(ڪنهن حد تائين) سنڌي نقاد گهڻو ڪري اولهه جي تنقيدي
اصولن تي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڀارتي ڪاويه شاستر جي آڌا
تي مقاچري نموني ڪو ليک لکن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جي
"تنقيدون" ۾ به مغربي تنقيد تي ئي سنڌي ادب جو
جنهن جاچ ڪئي ويئي آهي. ڀارتي ڪاويه شاستر ۾ جاچ
گهٽ ئي نظر آيو آهي.

ڪاويه شاستر ڇا آهي؟

گهڻي ڀاڱي سنسار جي سڀني ٻولين جي ادب جي شروعات
ڪاويه سان ٿئي ٿي: "شبد ڪلپ - ڌرم" موجب ڪويءَ جو
مطلب آهي "سڀني وشين جو ڄاڻو". پراڻهن موجب
ٻئي تيا سمون عظمت وارو ۽ غير رواجي شخصيءَ ۾ رچنا ڪرڻ
وارو ڪوي آهي. رگويد ۾ آئيل ڪوي لفظ جو مطلب آهي
ڪرانتي درشي، ذهين، رشي (ऋषि) پراگيه (प्राज्ञ) وغيره
مطلب ڀاونا سان واسطو رکندڙ ادب ئي ڪاويه آهي.
شاستر لفظ ٻن ڌاتن جي آڌار تي آهي ٿورن = शंसने = جاچ
ڪرائڻ ٻيو शंस शासने پنهنجي آگيا ڏيڻ. اهڙيءَ طرح شاستر جو
مطلب ٿيو وهنوارڪ جاچ ڏيڻ ۽ ٻيو سڄا سان واسطي دار آگيا
ڏيڻ. هاڻي اهو واضح ٿئي ٿو ته ڪاويه جنهن جو اظهار

ڌوني سڌانت ध्वनि सिद्धांत

نائين صديءَ ۾ آنند وردن هن اصول جي شروعات ڪئي. هن آواز کي ڪويتا جي آتما مڃيو.

"काव्यस्यात्मा ध्वनिरिति वुधैर्य: समम्नात्पूर्व:"

آنند وردن موجب :-

यत्रार्थ शब्दो वा तमर्थ मुप सर्जनी कृत्स्वार्थो

व्यक्त: काव्य विशेष स ध्वनिरिति सुरमि कथित,

معنيٰ جتي لفظ پنهنجي ڄاڻل معنيٰ کي ڇڏي ڪنهن ٻيءَ معنيٰ کي محسوس ڪرائي، اُن ڌوني ٿئي ٿي يا ڌوني ئي ڪويتا ۾ رس جو احساس ڪرائي ٿي جيتوڻيڪ آواز ۽ معنيٰ جي اهميت آهي پر اهو اصول ڪاويه جي آتما نه، ٿو مڃي سگهجي ان کي محض النڪار जی روپ ۾ ڪٿيو ويو जो النڪار سمپورڻ ۾ واضح ڪري سگهجو.

"هوا ڪنول کي رکي رکي
لوڏو ڪيڏو سخت ڏنو
پر نه ٽاڻو ٽاڙيءَ سو
ڏانڊيءَ مان نه هوا کون ڇنو."

ڪنول جي گل جي ماڌيم سان شيام ان نراهت شخص جو چتر چٽيو آهي جو سڀني سختارين ۽ سورن هوندي ا اڏول آهي.

وڪروڪتي سڌانت वक्रोक्ति सिद्धांत

هن جو بانيو آچاريه ڪنتڪ وڌو. پاڻ ۽ ڏهين صديءَ ۾ ان باري ۾ وچار پيش ڪيا. هي عالم وڪروڪتيءَ کان خالي ڪويتا کي ڪويتا ئي نه مڃيندا هئا. ڪنتڪ وڪروڪتيءَ جو مطلب ڪويءَ جو اظهاروارل वैचित्र्य पूर्ण عجب ۾ وجهندڙ بيان

ريتي سڌانت रीति सिद्धांत

آچاريه وامن کان سواءِ دانهن جو ٻاهو ۽ جهڙن مڃيو ۽ جي ڏنو. آنند وردن راج شيکر ڪندڪ ڀوج ممٽ (मम्मट) ۽ غيره به هن اصول جو بيان ڪيو. وامن لکيو، विशिष्ट पद रचना रीति يعني گڏن سان سرشار خوبصورت رچنا جنهن ۾ النڪار، رس لفظن جي شڪتي، جملا، ڇند وغيره هجن. هن سمپرداءِ موجب گڏن واري رچنا ئي ڪويتا آهي. جيتوڻيڪ عالمن هن اصول کي ڪويتا جو روح نه مڃيو. پر جيتري قدر شيام جي ڪويتا جو واسطو آهي سندس ڪيترين ڪويتائن هن اصول جي پوئواري ڪندڙ آهن. مان هڪ ئي مثال ڏيڻ چاهيندس:-

" اٿ جاڳ، سکي ڇڏ ننڊ هيڏڙو
ڏس نيڻ ٻڌي ڇا موج مچي."

سنسار ڦري نئو سونهن ڀري، سنگيت ڀري آنند ڀري ڪيئن ڇوڄ ۽ ڇان گلشن ۾ ٻکي هڪ وڻ ٽاڻ نمي اٿي وڻ لي لا ٿمن.

"ڇا راند رمن ڇا ناچ نچن، لائين ۾ سڀن آنند السي
خوشبو جي وهائي نهر هوا، گل ٻوٽا اڏن ڇڙ لهرون لڳن
ان وهه ۾ دليون وهنديون ئي وڃن، جا لهر آئي سا رنگ رلي."

ڇوڄ سنگيت ڀري، راند رمن، نچي، وغيره. لفظن جي چونڊ، ٻڪين جي نچڻ سان गतिशीलता (چال) يعني نيڻن جي حواسن کي ٽوهڻي ملي، هوا جي خوشبوءِ مان نڪ جي حواس جي ٽوهڻي، شبد شڪتي ۽ جملن جي چونڊ، سنسار کي سونهن ڀريءَ جي اپما ڏيڻ وغيره مان ظاهر آهي ته ڪويتا ريتيءَ جي اصول تي موزون آهي.

انوچتيءَ جي اصول جي ٻوڏواري ڪندڙ هن رچنا کي مثال طور ڏيئي سگهون ٿا:-

" دل ۾ درد جي وار چڙهي جا
موٽي موٽي نيڻ ڀٽي ها
لاپ لڳن جو روپ لڳن جو
کن ٻير جيون جوڀ جاي جا
پونم رات ڪدمب جي خوشبو
دل ۾ ڪسي وڇار چڻن ٿا
اڌهڏيو مڌهڏيو موٽي گڏ جڻ
چانڊوڪيءَ ۾ ساهه، آ ٻاچا
گل جو ذڪر مٽان ڪو ڇيڙي
ٿئي نه زبان ئي ڪنبا ڪنبا."

درد جي وار چڙهڻ، دک اٿڻ سان ڳوڙها ڳڙڻ کسي موٽي موٽي نيڻ لڪڻ ٻانڪ کي ڪويءَ سان ٻڪاڪار ڪري ٿو. هڪ طرف ڪدمب جي خوشبو ٻئي طرف وڇار جي چڻن، گل جي وڇار ني زبان جو ڪنبا ڪندا ٿيڻ جهڙا جملا، ڪرامر جي خيال کان ڪا غلطي. گهٽتائي نه هجڻ لفظن جي چونڊ ۽ استعمال وغيره جي خيال کان ڪوٻتا ۾ ڪو अनौचित्य (غير موزونيت) نظر ڪونه ٿو اچي. ٻولي ۽ جذبات ٻنهي جو سهڻو سنگم ڪيو ويو آهي پر هي اصول به وڌيڪ نه هلي سگهيو.

النڪار

خوبصورتيءَ ڏانهن ڪشش انساني سڀاءُ آهي ان کان متاثر ٿيڻ بعد هو جذبات جو اظهار ڪرڻ لاءِ وياڪل ٿيو پوي. اها وياڪلتا ايتري وڌي ٿي جو هو چاهي ٿو ته ٻيو شخص فقط ٻڌڻ سان ئي اها سونهن محسوس ڪري. پنهنجي ان طرح جي

مان مڃيو. اها وچترا نئي ٻانڪ کي رس عطا ڪري ٿي
البت شيام جون ڪيترائون ڪويتائون هن اصول جي ٻوناوٽ
ڪن ٿيون، ٻيو سڀ نه. رواجي سليس ٻوليءَ ۾ اڪيل ڪويتائو
به مڪمل اثر ڇڏي ٻانڪ کي متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب آهن.

"ڪجهه نه چئو ڪجهه ڏنڊلو ڏنڊلو
ڪجهه نه اڪيل ڪجهه دور نظر کان
ٻون روپ ڏنو ڪهڻن نهڄو
ناري تون نارا مسبل جهان."

هن هانيڪو جو رواجي لفظي مطلب ۽ وڪروڪتيءَ وارو
مطلب ۾ ڪيترو تفاوت آهي.

اوچتيه سمپرداءِ औचित्य सम्प्रदाय

شيميندر هن اصول جي ٻوناوٽ ڪئي.

उचित प्राहराचार्य सदृश किलयस्य यत्
उचितस्य च यो भाव: तदौचित्य प्रचक्षेत

موزون جڳهه تي موزون لفظ استعمال ڪرڻ اوچتيه آهي
هن اصول جي اهميت ان ڪري آهي جو هن ۾ ادب ۽ سماج
کي ملائي ڇڏڻ ڪجهي ٿي. هن ۾ نه رڳو سڀئي اصول اچي
وڃن ٿا پر سماج کي به سميٽيو ويو آهي. شيميندر نه ٧
قسمن جي موزونيت جو بيان ڪيو آهي (١) پد (٢) جمـ
(٣) پرٻنڌ (٤) گڻ (٥) الڪار (٦) رس (٧) فعل (٨) ڪارڪ
(٩) جنس (١٠) عدد (١١) صفت (١٢) ديش (١٣) ڪال
(١٤) ڪل (١٥) عناصر (١٦) نالا (١٧) ويچار (١٨) اوسـ
۽ غيره مان واضح ٿئي ٿو ته ڪاويه جا سمورا عناصر مڪمل
موضوع سان اوڪڻ کان ٻاسيرو رهي ڪم آڻجن، پر ڪيترن
عالمن ان کي به الڳ سمپرداءِ نه مڃيو آهي جو هن ۾ ڪاويه شاستر
جي سڀني اصولن جو محض ميلاپ ڪيل آهي. رڳي وانـ

”شرم ڀونيءَ جان ڀڄندڙ ڀونئڻ،
اک مٿي نهندي لوڪ لڄ آئي.“

سٽن ۾ نائڪا جي اکين ڀونئڻ جي ڀيٽ شرم ڀونيءَ سان
ڪرڻ ڪري لڄاري نائڪا سامهان ٿيو ٿئي.

”ڪنڌي نديءَ ڪليءَ جيان
سانت ڀي اونڌي لاٿ.“

۾ نديءَ ڪناري جي ڀيٽ ڪليءَ سان ڪري ڪوي نئين تشبيهه
ڏني آهي.

(٣) روپڪ (रूपक) –

روپڪ ۾ اپميه (उपमेय) خود اپمان بڻجي ويندو آهي.
شيام ڪيترن رچنائن ۾ هن النڪار جو استعمال ڪيو آهي.

”لهندڙي مرڪ سرءَ جي سانجهي
تاريون سک سانت جو سردو.“

”سورج مکي بڻجي تو سونهري ڪيو هر ڏينهن
۽ رات جي راڻي ٿي هر رات ۾ مهڪائي.“

”هيءَ چنڊ جي چانڊوڪي، راڻيل جي خوشبوءِ ٻي
جاڳڻ سيڻي مانڻ هن ساعت جي سڀاڳائي.“

زندگيءَ جي ڀيٽ سمنڊ سان ڪري سک ڏک کي ٻه ڪنارا
ڄاڻڻ واري رومانٽي تشبيهه شيام ڀڻجي مخصوص ۽ انوکي
انداز ۾ پيش ڪئي آهي.

”ڏک ۽ سک جون ڪنڌيون ڇڙ جيون آهي سمنڊ اڇاڙ.“

(٤) اتپريڪشا (उत्प्रेक्षा) –

هن ۾ اپميه ۽ اپمان جي برابري ڏيکارڻ لاءِ گويا، وانگر،
جهڙڪ لفظن وغيره جو استعمال ٿيندو آهي.

اظهار لاءِ ڪيس مخصوص ذريعن جي مدد وٺڻي پوي ٿي. سندس حساس دل رس سان ٽمٽار آهي. رهي ٿي پر ان کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ ڪيس الڪارن ۽ لفظن جي شڪتيءَ جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. سنسڪرت جي عالمن شاعريءَ ۾ الڪارن کي گهڻي ترجيح ڏني آهي. آچاريہ دنڊيءَ لکيو:-

काव्य करान्धर्मान लंकारान्प्रचक्षते

يعني شعر جي سونهن وڌائڻ وارن ڌرمن کي الڪار ڪوٺيو آهي.

آچاريہ رامچندر شڪل لکيو آهي، "جذبات جي چوٽ ڏيکارڻ لاءِ شين جي روپ گڻ ۽ ڪم کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪرائڻ ۽ ڪڏهن مددگار ثابت ٿيڻ واري ذريعي جو نالو الڪار آهي. ڪوي اپما उत्प्रेक्षा روپڪ وغيره ذريعي پنهنجي موضوع ۾ جماليات آڻڻ لاءِ سڄي سرشٽيءَ کي ڦولهي ٿو. الڪار جي تعداد متعلق ڀڃ الڳ الڳ رايا آهن. پاڻهه ١٧ الڪار مڃيا هاڻي ته ١١٧ مڃيا وڃن ٿا. شيام جي ڪوتا ۾ مکيہ الڪار استعمال ٿيل آهن جن مان ڪي خاص هن ريت آهن:-

(١) انوپراس (अनुप्रास) - اکرن ۽ لفظن جو دهراءُ

"دنيا آهي ۽ دل آهي، پنهنجي پنهنجي منزل آهي."

دنيا ۽ دل ۾ "د" جو استعمال ۽ پنهنجي پنهنجي ٻه دفعا ڪم آڻڻ سان سنگيتاتمڪتا محسوس ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح انوپراس جا ڪيترا مثال ملن ٿا.

(٢) اُپما (उपमा)

هن ۾ هڪ جهڙي حالت ۾ ڏٺل وارن ٻن پدارٿن جي ڀيٽ ٿيندي آهي.

"رهيس اڻ چاڻ ڳهرائيءَ کان پنهنجي مان ۾. اڄ ٿائين
ڇڙهيو سيندور جو دل جي سطح تي ڪهڙي طرح لاهيان؟"

ساڳيءَ طرح ٻڙيڪ (اهڃاڻ) پرانتي مان، مبالغو اتيوڪتي وغيره الڪارن جو به شيام ونڊڙ استعمال ڪيو آهي.

"وڻ ۾ اڪيلو چنڊ نه. هو، واءُ اڳڻ سان لام لڏي."

"ماڻهو ۾ پنهنجي سونهن هري
اڃين جيئن اڱڻ ۾ رات جي راڻي."

"سج جي سيج تي ماڪ سڻل،
سج جاڳائي عرش اڏايو
ٻاڦ ٻاڦي ۾ جيئن گم ٿئي، ڏک ۾ سک ان رات سمايو."

مانويڪرڻ मानवीकरण -

هن الڪار موجب خاص ڪري ڇاپاوادي ڪوتا قدرتي عناصرن جو مانوي ڪرڻ ڪندي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي. شيام جي ڪوتا ۾ به مانوي ڪرڻ جا ڪيترا ٻيا مثال ملن ٿا:-

"شرمائجي مکڙي وئي شرمائجي
پوني جا پيرا، پوپٽ جا ڦيرا
۽ مک جا گهيرا نه سهندي وئي ڪيئن گهبرائجي
شبنم جي رم جهم / هيرن جي چم چم / ڪرڻن جي چم چم
پوري وئي هاءِ لڄائجي."

مکڙي جي شرمائڻ جو مانوي ڪرڻ ڪندي لفظن جي جوڙ ۽ منظرڪشي نهايت خوبصورت ۽ ساڀيان ٿي ٻڌي آهي.

سنڌو نديءَ جي پٽ ابرا سان ڪندي سندس هر لهر کي ابرا جي پيشانيءَ سان ڀيٽي شيام لکيو آهي:

"نظارو سرڳ جو اصل لڳهنجيءَ مان ٿئي پيدا
پنهنجي هر لهر تي ڪنهن ابرا جي چمڪ پيشاني."

” اها آهي وڄ وانگي روشن حيات
رڳو اِن ڪلي ٻهڪلي ٻهڪلي. “

ٻهڪلي لفظ جو ٻي دفعا استعمال ڪرڻ انسان جي ٻهڪليءَ جي شاريرڪ مانسڪ اِن ڪليءَ کي مڪمل اظهار ڏئي ٿو.

” ڌهوڙ جيان هو صبح جو آڪاش ڌنڌلو
انهيءَ جو پرهان اچڻ ٿي لڳو خواب خوش گوار. “

شيام ته رڳو صبح جي ڌنڌلي آڪار جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان پرهاڻ جو اچڻ خوشگوار خواب مثل محسوس ڪيو آهي، ان پرهاڻ بنا جا زندگي اڻ معطل هئي سا سندس موجودگيءَ ۾ چمڪڻ لڳي ٿي.

” چمڪڻ لڳي ٿي اُس جڏهن پاڻيءَ جي گود ۾
موجودگيءَ ۾ انهيءَ اکي مهنجي زندگي. “

انهيءَ خوش خياليءَ جي پٺيان وري شيام آڪاش ۾ اڏندڙ عقاب سان ڪندي لکيو:-

” پوءِ پٺ سرڪيو خواب اُڏامي عقاب ڪان
۽ خوش خيال جڏهن ته اُڏامڻ گهريان اُڏام. “

(٥) درشٽانت (दृष्टांत) ـ

ڪويتا جو هڪ جملو ايهيه. ۽ پيو انهان مجهو ويڙو آهي. جيئن ڪويءَ جي زندگي اڻپوري ۽ معتل آهي، هو گل جي بوءِ ۽ ڪوئل جي لاٽ جهڙي زندگيءَ جو خواهشمند آهي، لکي ٿو:

” ڪوئل جي لاٽ وانگر، ڪي گل جي رنگ بو جيان
هستي جڏهن موتسگي اُن اي زندگي ڏنين هـا. “

پاڻيءَ جي مٿان جميل سيدور ڏسندو ته هرڪو آهي پر شيام اندر ۾ جهالي پاڻ سان ان جي پٺ ڪندي درشٽانت جو اُپانتو استعمال ڪري سگهيو آهي:-

جي سموري ادب جو آڌار آهي. آچاريه نند ڪشور ڪئي هن سمودائي جو خاص آچاريه سمجهيو ويو آهي - ڀرت منيءَ نه، رچنا جو بنيادي مقصد ئي رس کي سمجهندي لکيو:

विभावानुभाव संचारी, संयोगाद्रुम निस्यतिहि

رس کي محسوس ڪرڻ جا چار ساڌن آهن، ڀاو، وڀاو انوڀاو ۽ سنچاري ڀاو.

سڀني عالمن ۽ نقادن خاص طور وچين روپ ۾ رس جي اهميت قبول ڪئي آهي، جو رس جو واسطو جذبات سان آهي. جذبن کان خالي جملو ڪويتا نه ٿو ٿي سگهي. الڪار ريتي، وڪروڪتي وغيره ڪويتا جي ٻاهريون پوشاڪ آهن جڏهن ته آتما ٻاهريون نه، پر اندريون حالت آهي. ڊاڪٽر نگيندر به سمجهيو ته رس ۽ الڪار ٻنهي ڪويتا جا مکيه عنصر آهن پيا سڀ انهن ۾ ئي موجود آهن انکري ئي چيو ويو آهي:

”رس کي سمجهڻ ايترو ئي ڏکيو آهي جيترو ايشور کي سمجهڻ.“

جو رس به محسوس ڪري سگهجي ٿو، اظهار نه ٿو ڪري سگهجي. رس مان حاصل ٿيل آنند کي لفظن جي حدبنديءَ ۾ ٻڌي نه ٿو سگهجي.

رس کي هروڀرو آنند جو سروپ نه ٿو مڃي سگهجي. شرنگار، هاسيه، وير، ادڀت، شانت، واتسليه اهي ڇهه رس سکم پرڌان رس آهن. ڀيانڪ، ويڀتس، رودر، ڪرونا اهي چار دکاتمڪ رس آهن. جيتوڻيڪ مڙني عالمن جو راءِ آهي ته ڪرونا رس مان ملڻ وارو احساس به آنند آهي. مطلب رس اها مانسڪ اوسٿا آهي جيڪا ديش ڪال جون حدون لتاڙي پاٺڪ کي رچنا ۾ لين ڪري ڇڏي.

شيام جيئن ته زندگيءَ جو شاعر آهي ۽ زندگيءَ جو خاص روپ جذبو آهي پريم، جو شرنگار رس جو دائمي ڀاو آهي. ۽ شيام

هندي ۾ سمترا نندن پنت جي مشهور ڪويتا آهي:

द्रुत झरो ओ जगत के जीर्ण पत्तो

ساڳي نشيبهه ۽ موضوع واري ڪويتا "ڪڙ ڪڙ ڪندڙ اوزرد پن" ۾ شيام پراڻي پنن ڇڻڻ لاءِ وڻ جو مانوي ڪرڻ ڪيو آهي. ممڪن آهي اهو شيام جو خود جو خيال هجي پر جيڪڏهن هنديءَ تان به ورتل آهي ته اهڙو خوبصورت ۽ اثرائتو ٿيو آهي جو منجهس سنڌيءَ جو مڪمل هڳاءُ محسوس ٿئي ٿو.

رات جي منظر جو مانوي ڪرڻ ڪندي ان کي تارن مان مالها سونهندڙ ناري ڪا محسوس ڪرڻ جو تصور هن سٽن مان واضح ٿئي ٿو:-

"سونهن وٽي رات تارن جي تسبيح
ڪهڙي، ڪاري ڪجهه، ڏڙيءَ وارن ڪان ته ٿي."

شيام جي شاعري پڙهڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو ته سندس شعر ۾ الڪار سڀاويڪ نموني آيا آهن ڪيس ڪا ڪوشش نه ڪرڻي پيئي آهي، نه لفظن جي ڪاريگري، نه چاڙهه جو ڏيکاءُ. پر خيال کي چٽو پڌرو ڪرڻ لاءِ خود به مختلف الڪارن جو استعمال سندس ڪويتا ۾ ٿيو آهي. جيئن ٽيڪ اهو سچ آهي ته:

"भूषण बिन न बिराजहि कविता वनिता मित"

پر ڪجهه ڪوي الڪار کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڏيئي ان جو درجو گهٽائي ڇڏيو ۽ ڪن ته ڪاويه جو سرجڻ ئي محض الڪارن جي چاڙهه جي ڏيکاو لاءِ ڪيو. ان ڪري عالمن ڪويتا جي آتما الڪار کي به نه مڃيو.

رس سڌانت -

رس سڌانت جو پايو وجهندڙ آچاريه ڀرت منيءَ کي مڃيو ويو آهي. هن جو خيال انوڀوتي پر پاڪ چڱمت آهي جو سنسار

ادل، برسات، وڻ ٽڻ، گل ڪنڊا، ساوا ۽ پيلا پن، پکين
جون وڻندڙ لاتيون، سنڌ جي ياد، جن مان ظاهر آهي ته هن
رنگارنگ رس سان سرشار ڪويتا جي رچنا ڪئي آهي.

چنڊ کي ڏسي سنڌ کي ياد ڪندي لکيائين:

” روئي روئي هاءِ مون جا چانڊوڪي ڇڏي
تون ٿي چنڊ پڌاءِ، اَڄ پسي آهي سنڌ ۾؟“

رابيل جا گل چونڊيندي به، ڪويءَ کي اچيو
ساروڻيون ستائين.

” چونڊيندي رابيل سارن سان جهولي پري،
روُح مٺان ڪنهن وال هيئن سرها ساها پيا.“

سرها ساها لفظ ٿي پاڻ کي ڪويءَ سان ايڪاڪار ڪري
پنهنجن جي ياد ۾ مگن ڪري ڇڏي. پنهنجن جي ياد ته، رڳو
رابيل چونڊيندي پر رات جي وقت به، وياڪل
ڪري ٿي:

” ساروڻيون چمڪي اٿيون
ڦهليو نوروَن نور
وڌندي رات وڌي پيئي
ٿارن کان ٿي دور
روشن رات اماس جي سيتل ۽ گمڀير
وياڪل هيڪڙي کي ڪيو ڪنهنجي سار سڌير.“

ڪنهن جي ياد سان وڇوڙي رولي اماس به، روشن ٿي
پئي آهي. اهڙيءَ سٽن مان ملندڙ رس اس محسوس ٿي ڪري
سگهجي ٿو اظهاري نه ٿو سگهجي.

وڇوڙي ۾ وياڪل مومل کي جڏهن راڻو مليو ته، سندس
حواس سرها ٿي پيا، احساس سون ورنا، مومل جي جذبن کي
پيام هن ريت لفظي لباس پهرايو آهي:-

جي ڪوتا ۾ شرنگار رس جا ٻئي پڪش ملن ٿا ۽ وڇوڙو مختلف نمونن سان موجود آهن.

سندس سڄي ڪوتا مڪتڪ (मुक्तक) شيليءَ ۾ لکيل آهي. هڪ ٻي کان ڌار. روپ مالا ۾ به شرنگار رس پوريءَ طرح موجود آهي. ليرڪ وسنت جو هيءُ قول به شيام جي ڪوتا جي ڪاميابيءَ جو شاهد آهي ته:

"ڪلا جي وشيشتا آهي رنگ، روپ، رس، ساز، آواز دوارا اهڙو سنسار سرجڻ جو ان اڳيان هيءُ جڳت ڦڪو ۽ ڪچو ڀاسي. مراد آهي ڀرپور جيون لاءِ اڻلڀ ڪا اُڻون ڪري دنيا کي بهتر بڻائڻ. ڪلا سدائين پورڻتا جي پوڄارڻ آهي جنهن ڪري هردي اندر نفيس امنگ ۽ بلند خيال جو ولولو اڀاري زندگيءَ جو ذوق سوايو ڪري ٿي. جيءَ ۾ بهتريءَ لاءِ تاڻ ۽ سر ۾ سوداءُ ته اڀاسي جيون کي جلائي ڪا جوت جڳايان جا مستي ۽ چستي آڻي ٿي. ماڻهو هوندو سرگرم ته حياتيءَ جو احساس به تيز هوندس."

شيام جي ڪوتا به اهڙي ئي رس جو خزانو آهي انڪري هو آشاوادي ۽ اُتساهه بخشيندڙ ڪوي آهي. پرام ۽ ميلاپ لاءِ موزون لفظن جي چونڊ ۽ احساس جي تڪاڻ هيٺين سٽن مان ظاهر آهي:

"منهنجي نظرن سان تون ڏس، مان تنهنجي نظرن سان ڏسان
ڌڙڪي ٻن جسمن ۾ هڪ دل، جاڳي هڪ ئي ڀاونا
منهنجو جيون تنهنجي جيون سان ملائڻ اُن گهڙيءَ
ٻنهي ۾ هڪ ئي وڃون جيئن جسم دل ۽ آتما."

شيام جي ڪوتا جا ٻيا وشيه ئي آهن چنڊ سج، پربت، مکڙيون، چانڊوڪي لهرون، سمنڊ، ندي، واهڙ، خوشبوءِ، ڏڪاري، چتسالي، اماس پونم، سانجهي، پرڀات، انڌ لنف،

”هاڻ وراڪا وڄ نه، ڏني ٿي نه ڪڪر ڪن شور
ڪوئل ڪوڪي ڪان ڪا، نڪي ٿي اپ ٿي مور.“

انهن ٽنهي ۾ شيام محض شرنگاري شعر لکيو آهي. هاڻيڪو جهڙي مختصر صنف ۾ ٿورن ئي سٽن ۾ ڀان جو احساس (वीभत्सरस) ڪرائڻ ۾ ڪامياب آهن.

”ڪانون جي ڪان ڪان
سوڙهڻو ڇوري وڃي
سونهو سڀڙي ساهن.“

جنم ڀومي کان وڇوڙي ڪري ڪوئي جي اداسي ڀانڊ جي من ۾ ڪروڌا جاڳائڻ ۾ ڪامياب آهي.

”هونئن هجان ها ڳوٺ
سالين کي انڌي هئان
مڙي ڪونج نه ڪوٺ.“

هڪ ٻاسي انسان دوربين مذاق ۾ ڀنڀو فتحياب ٿيو آهي جو چنڊ ۾ وڃي پهتو انس ٻئي ٻاسي ٻاڙهوڙي ڪسي ٻاڙهوڙي جي چاڙهي ڪونه هي اهو تضاد ڪوئي جيسي من ۾ ڪروڌا جاڳائي ٿو:

”ڪا خبر ڀاڙهوڙي جيسي ناهه چو؟
چنڊ جي دوري نه اڄ دوري رهي.“

نيل آڪاس کي ڏسي پرماتما جي انڌ هجڻ جو احساس ڪوئي جي من ۾ شانت رس جو سرجڻ ڪري ٿو.

”انهه جو احساس
سڀ جو وڻ مندر اڳيان
مٿان نيل آڪاس.“

پرماتما جي سدا موجود آهي هر سواس ۾ آهي. اهو احساس ڪيڏي شيام لکيو:

” نڪري پيو آڪاس ، راتو آيو ڪاڪ لي ،
منڙي منڙي مرڪ فضا جي سرهو سرهو سواس
سڀ جون سونهون پاڪون جرڪن سون ورڻ احساس . “

ٻارانءِ جو جڏهن وڻ ڪو لانءِ ڄڻهي ٿو ، سا وڻ ڪوي… لاءِ سڀاڳي ٿيو پوي ۽ ڪيئن ڀيرو ڦٽڻ ۽ ڪليون ٽڙڻ… احساس هن ريت ڏني ٿو :-

” گويا ڀيرو ڦٽيءَ ڪليون پڻ ٽڙي پيون
ونو سڀاڳي وصل هو ڪنهن لئه ڏانءِ . “

گلن جي سرهاڻ سان جيڪڏهن ٻارانءِ جي ياد تڙقائي ڏ… ڪوي جذبات وهيڻو پڻجي انهن کي ياڙ ڪان پٽي اُڇلا ڏ… چاهي ٿو :

” سرهاڻ انهن سارون ڦهلايون چوري لي دل
ياران پٽي جوڙهي مون ٻاهران ڏٽي اُڇلا ڏئي . “

ڪڏهن ڦٽل غنچا پاڪر پائڻ جو جلوو پڙ ڪانيندا آهن… ڪڏهن پاڪر پائڻ مان ڏي اهڙو احساس ٿيندو آهي گويا دل ٽڙي پيئي ۽ لونءِ لونءِ ۾ ڏوان غنچا ڦٽي پيا .

” روح مرڪي پائي پاڪر جسم کي جيئن ڏيِ چمڙو
دل ٽڙي پيئي ۽ لونءِ لونءِ ۾ ڦٽا غنچا ڏوان . “

ان سٽن جي مختصر پيد ۾ ڀانڪ پڻهڄي سمورن حواسن (ڇهاءَ ، اندر جي خوشي ، غنچن جي ٽڙڻ جو آواز ٻڌڻ) کي اُوڀٽي ڏني ٿو .

پوءِ پاس ڪونهي ته ڪويءَ کي قدرت جي ڪنهن ٻ… ڪار گذاريءَ ۾ چاهه . ته ٿو نظر اچي . سڀئي ڪائنات ڪيئن اداس لڳي ٿي ۽ پڙهندڙ جي من کي به اداسي گهيرو وجي . هو… ڪويءَ جي اداس لهجن سان اڪاڳر ٿي جهونگاري ٿو :

” آئين جڳ ۾ نه سهڻن ٻر نه، سگهڻن ساهه ڏٺي
هاءِ مان ڏوکي جڏهن ٿي نه سگهيس ماءُ اٿي. “

وانسليه ۽ ڪرڻ رس جا اهڙا جاندار اظهار ڏسي ڪير چوندو ته شيام ستو جي ان پيڙا کي نه ڀوڳيو آهي. اهڙيون سٽون ئي ديش، زمان، ٻوليءَ جون حدون لتاڙي ڪويءَ کي عالمي ٻڌائينديون آهن.

” ننڍڙا پيارڪ واسي آهيون
دشمن جو ڌڪ مان ور لاهيون
ڪير اسان سان سيڌو ساهي. “

جهڙ گيت وري ٻالڪن جي من ۾ وير رس جو سنچار ڪن ٿا.

مطلب شيام لڳ ڀڳ سمورا سک دائڪ رس استعمال ڪيا آهن. ڪروڌ نفرت سندس سڀاءَ ۾ ڪونه هئا ته वीभत्स ۽ ڀيانڪ، روڌر وغيره رس جا مثال سندس شعر ۾ نه جي برابر ملندا. هو اڪثر سون ورڻا روپا نرمل احساس ڪرائيندو نظر اچي ٿو. آزاد طبيعت شيام جي خيال جي آڏو ڪيس مها ڪاوڻ جي حد ۾ ته ٻڌي سگهي جنهن ۾ نئين پارني ڪاوڻ شاستر موجب رس النڪار ڪاوڻ گڻ وغيره مڪمل جڳهه پائي سگهندا آهن. اها حقيقت آهي ته شيام مها ڪاوڻ لکي ها ته ٻه ڪامياب وڃي ها ته لکي ها. هن مڪتڪ ڪويتا کي سونهن ۽ سوڀيا عطا ڪئي آهي.

پارني ڪاوڻ شاستر موجب ڪويتا ۾ مکن او گڻن (لفظن جو، جملن جو، معني جو، گرامر جو وغيره) کان سندس ڪويتا آهي. سونهن جي مشتاق آشاوادي ڪويءَ جي ڪويتا جي ورڪ لاءِ سندس ئي هي سٽون موزون لڳن ٿيون:

"لـولاءِ ڳــولهيم لڳي آڪاس
پــنءِ مــان آيــو تنهنجو واس
ڪيڏو پيارو هڪ هڪ سواس
سواس ۾ آهــي ڪنهنجو واس."

سورداس کي والسليه (वात्सल्य) رس جو سمراٽ مڃيو ويندو آهي. عالمن سورداس جي رچنائن بعد ئي هن جذبي کي رس جو درجو ڏنو جو هن شرنگار ۽ والسليه رس سان سرو گيت ئي رچيا. شيام جا ان رس سان واسطو رکندڙ ڪجهه نـئي شعر سونهن سٺون مٺڙي پيا آهن.

"ڌاءِ اي لال اچا ڌاءِ وري
دهڪندڙ دل کي تو آرام اچي
ها اهي تنهنجي ڇمن جون ڇڳڙون
منهنجي دل مان ٿيون وڃن سو رڪي."

مٿيون سٽون اثر جـي جڳر ۾ ا. مٿا جو سنڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب آهن نه رڳو ايترو پر ڇڳڙون جهڙو چيدي سنڌيءَ جو لفظ هجڻ ڪري هن جو ترجمو ناممڪن آهي. ٻالڪ جو ماءُ جي گود ۾ اچڻ ئي سندس وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي. ان جو تصور ڪندي شيام لکيو:

"آڄيان تنهنجي ڪرڻ لاءِ مون جو ڙاهون لوليون
هاج اـي هـاج سڀئي لاءِ ڪري پـي ڳاليون
تنهنجي لولين ۾ مڙهيم تنهنجون الوليون ٻوليون
ڪيترو لـوڪي ڏسڻ لاءِ هيون اکڙيون آليون."

تصور ڪريون ان ماءُ جو جنهن گود اوسٽا ۾ خوبصورت سپنا اڻيا ۽ اهو ٻار سندس ۾ اچڻ کان اڳ ئي ...... ته سندس ڇا حالت ٿيندي.

جڏهن مان سنتشٽ ٿيندي هوَ چاهي ٿو ته مان وڃان نه وڃان ته به دنيا ڪڏهن شيام کي ڇڏي سگهي :-

”سمن جي هيءَ ماڙي ڊهندي ٿيندي
اڪ انڪي هيءَ اڪ، ڪي ڳولهي لهندي
ڏسندي ڏسندي وينديس دنيا ڇڏي
دنيا پڻ ڪڏهن شيام کي ڇڏي ويندي.“

۽ آخر ۾ سندا حيات شيام جي اها خواهش ۽ ثواب ٿئي ان نيڪ ٽمدا سان مان پنهنجي جڳهه، وٺڻ چاهيندس.

———

"ڪر تون پلي ماڪ ڦڙن جي اي شيام
اٿڻي جي لڙي گل جي ٻڌن جي اي شيام
احساس ڀري دل جي ڪڏهن آهي نئي
ڪر ڀرڪ پلي شعر سخن جي اي شيام."

مطلب شيام جي ڪوتا کي پرکڻ لاءِ نقاد کي شيام جو جذباتي سطح سان خود کي ڳنڍڻو پوندو.

مٿين ذڪر مان ظاهر آهي ته، شيام جي ڪوتا ڀارتي ڪاويه شاستر جي مکيه اصولن موجب اتري وسيع ڪونهي جو ان ۾ سمورا رس ۽ النڪار موجود هجن ۽ اها سندس مجبوري نه ڪاميابي ليکجي جو ڪيس ڀارتيه ڪاويه شاستر جي اصولن جي مڪمل ڄاڻ هئي ۽ هن ڪاڻ، وچڙا هـ نظرئي کان نه ڪٿي جو هو ٻهڀڄي عالميت ڏيکاري سگهي انهن ڪري ها ته، سندس ڪوتا हिंदी रीतिकालीन ڪوتا مثل جذبات کان خالي ۽ نـي اثر ٿيڻي هوي ها.

دراصل موڪلي جيڪو وشيه ڏنو ويو اهو اتريو وسيع آهي جو مان شيام جي ڪوتا نـي گهرائيءَ سان لکي نه سگهي آهيان فقط ڪي مثال ڏنا اٿم. ڀارتيه ڪاويه شاستر جي ڪنهن ۽ هڪ اصول خاص ڪري رس يا النڪار تي ڀيو ڏنو وڃي ها ته وڌيڪ انصاف ٿي سگهي ها.

هريش واسوانيءَ جو اهو رايو ته شيام ڪڻن جو क्षणों का ڪوي آهي. مڪمل ڪاويه، لکندڙ شيام سان سو فيصدي لاڳو آهي هلندي هلندي ٻ، شيام جي انترمن ڪيترائي يادگار سخن سرجڻ ڪري ويو. جذبن جي اها گونا گونيت ٻـ سندس خصوصيت آهي.

نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهه

● نامديو

اسان جا جسم رک ٿي ڇڙو ڇڙ ٿيندا هوائن ۾
فضا ۾ شيام ٻيو آواز مٺڙو توکي ڳوليندو!

آءٌ ته، هڪ آواز فضا ۾ گم ٿـي ويندو سانءِ
مٺڙي ملڻ لاءِ ٻو گگن ۾ واجهه وڌا وجهجانءِ!

ـترو،

شيام جي ڪويتا جو اڀياس لکجي رهيو هو ته، هڪ ڌڏڪو لڳو. اسان ته شيام تي لکيل ڪاڙائن تي هن جي دٻيل مرڪ جي اميد رکي هئي. ۽ هن ٻاهس لکيل جملن مان فعل ته ڏي ويا! اسان حال رکجي ويو. لڳو هڪ ڏاس ئي ويئي! هڪ حياتي ـه، ويئي! هڪ لمبي اداسيتا ڪانءِ ڪجهه سمجهيو ئي نه شيام وڃان ٿي : !

شعر تو سان رهاڻيون ڪندا قرب سان
مان نه هوندس ته ڇا ٿي پيو اي پران!
آدمي تو جئي اس ڳٽيل ڏينهن کي
شعر جي زندگي سڀ سڏين نه ٿين!

انهن هن کي مڃائي اڀياس جاري رکڻو پيو.

جڏهن ٻـو رو - مـوت ئي ٻـو رو
هـي اڏو رو - هـو ئي اڏو رو!

۽ اڏو روئي سهڻن، ٻڌهڻو اظهار مان ڪٽي آيو آهيان.
ناراڻ شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهه - هن وشيه تي

آهي. سماج ڪليان واري ڀاونا ھنا وٽ ۾ وڌ لوڪن کي قبول ڪرڻ ۽ وچار ھڪ ملهه جو روپ وٺجي وڃي ٿو.

(٢) سانسڪرتڪ ملهه:

ملهه سماجڪ به ٿي سگهن ٿا. اهڙي ساهتيڪ، ڌارمڪ، نيتڪ يا آڀاٽا ۽ جهڙيون به ٿي سگهن ٿا. سانسڪرتڪ ملهن جو دائرو ڪشادو ۽ مرڪبي آهي. ان جو آڌار سنسڪرتي آهي. سنسڪرتيءَ جو آڌار سنسڪار آهي. سنسڪار جو شخص جي پوري شخصيت سان واسطو آهي. ان طرح سانسڪرتڪ ملهن کي سمجهڻ لاءِ سنسڪرتيءَ کي ٿورو اوڀرو ڏسي وٺڻ ضروري آهي.

سنسڪرتي لفظ جي اچار، اچار ٿي الڳندي آهي. ان جو مفهوم ٿي ڪجهه اهڙو آهي. ان ڪري سنسڪرتي چئا آهي چوڻ جو مطلب ٿيندو- مهذب لفظن ۾ سنسڪرتي چئا آهي. سولن لفظن ۾- ”ماڻهن جي ڪن خاص ورڳ جي جيون- ريتيءَ ٿي سنسڪرتي چئي سگهجي ٿو.“ اهو ورڳ- جاتي، ڀاشا، ديش، ڌرم يا شهر ۽ ڳوٺ جو به ٿي سگهي ٿو.

اسان جي سنڌي ودوان ڊا. ستيش روھڙا جي لفظن ۾ سنسڪرتي معنيٰ تعليم تربيت ۽ تجربي ذريعي حاصل ڪيل مانسڪ ۽ آتمڪ واڌارو. هن انوسار سنسڪرتي قدرت کان نه، پر سماج کان مليل ورثو آهي- ۽ ان جي اظهار جا آڌار آهن- ويس، وڳا، ونيج، واڻي ۽ ويساه. (ڪونج جولاءِ ١٩٨٧)

سنڌي سنسڪرتيءَ جو الڳ پنهنجو الڳ روپ آهي. ان جي پس منظر ۾ نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ ان جي خوشبوءِ کي جهٽي سگهجي ٿو.

(٣) ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهه:

سانسڪرتڪ ملهه- قدر پنهنجي وقت جي ڌرڪن جي روپ

لکندي مونکي ٻار ٻار محسوس ٿي رهيو آهي، جنهن کد
ستار واد ڪري اوچتو طبلن تي ويهاريو وڃي. البت ط
وري ٻه - ستار جيان ٻه - وڄائي سگهجن شايد. ستار طبلا
جيان وڄائڻ مشڪل آهي. اٽري خيرات آهي.

ناراڻ شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهن - قدرن Cultural values جي سلسلي ۾ وشيه جي گنجائش cope ڪجهه. موڪري ڪرڻ لاءِ ان جي آرڊر کي مان اُلٽو ڪر جي اجازت چاهيندس.

هڪ - ملهه.
ٻه - سانسڪرتڪ ملهه.
ٽي - ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهه.
چار - ناراڻ شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهه.
پنج - ناراڻ شيام ۽ هن جي ڀڳ جي حوالي ۾ هنن ملهن
جي مناسبت.

هن پنجن ڀاڱن جي وياکيا اُپٽار ۽ نتيجو هن اڀياس جو دائرو ٿيندو.

(ا) ملهه: ملهه جو سنئون ۽ سادو ارٿ آهي قيمت Price. ٻيو هڪ اسان کي ان جو وشيش ارٿ - قدر - Values ٿي ڪم ۾ ايندو. قيمت ڪوبه ڏئي سگهي ٿو. قدر هڪ شناس سان ئي ممڪن آهن. قدرن لاءِ عقل ۽ علم ٻه نا ڪافي آهن. ملهه جو هڪ ٻيو ٻه ارٿ ڪٿ Valuation ڪرڻ ڪرڻو ت آهي، البت اڻ سڌي ڪٿ، ڪٿي نه ڪٿي شايد اڻٽر ٿي وڃي ٿو. اها قدرن جي سڃاڻ جي روپ ۾ اچي سگهي ٿي. اهو اسان جو هڪ اڌيش نه رهندو.

ملهه هميشه وقتائتا هوندا آهن ۽ ڀڳ جي سندرڀ ۾ ٻدلجي ٻا گهٽ وڌ ٿي سگهن ٿا. هنجو سڌو واسطو نيتي شاستر سان

ڪويتا آهي. هندي اڪثر هر ڪويتا ۾ تاثر جا ٻه ڪڙيءَ جو ڀاڱا نظر اچي ٿو. البت جتي ڪوي ڪجهه محسوس ڪرائڻ ان کڏو گڏ ڪجهه ٻڌائڻ به چاهي ٿو اتي هن جي ڪويتا ۾ اظهار ٿورڙو نئريشن Narration بيانات جي اوٽ وٺي ٿو. جيئن اهڙي ٻڌائڻ ۾ ٻڌڻ ڪويءَ جو احساس وڃڻ جاري ٿئي. جيئن ٺيڪ اهڙي حالت ۾ ڪويتا جو هڪ حصو ۾ چيتنا جو اظهار ڪري ٿو ۽ ان جو ٻيو حصو ٻيو روپ يا ڀاڱو Second effect آئم - چيتنا جي جاڳڻ ٿي لڳ. - چيتنا جو اظهار ڪري ٿــو. هن حالت ۾ مون کـي ان ڳالهه جو پڙهيو ر محسوس آهي ته همت ڪويءَ جو آئم - چيتن ٿـي ڪويتا جو ورهاڱو ٻڀاڱو آهي. ان ڪري ڪلا جي سمدرپ ۾ ان ڪويتا جي جيئمت قائم رهي سگهي آهي - ورلي ڪن جزوي ڪويتائن ۾ اها قائم نه به رهي آهي. هونءَ ڪيترن ئي معزز ڪوين جي ڪويتا ۾ صرف جزوي ڪويتائن ۾ نـي اها قائم رهندي نظر نظر ايندي آهــي . چــو جــو اتــي آئــم - چيتنا جـو ته ڀاڱو ٿي هوندو آهي يــا اها لڳ. - چيتنا هيٺان دٻيل رهندي آهي.

منهنجي خيال ۾ ڪويتا سڀ کان اول ڪويءَ جي آئم - چيتنا سان ٿي جڙيل چيز آهي ۽ ٻاراڻ شيام جي ڪويتا ان ڪري ڪمال ملڪ اظهار کان شايد ٿي ڪڏهن ٻاهر ويئي آهي.

ڪافي ماترا ۾ لکندڙ ڪويءَ جــي سلسلي ۾ هيءَ ڳا ٺيڪ ڳالهه نـــه آهي. سانسڪرتڪ جهلڪ پسائيندڙ عناصر ٺيڪ لڳ. - چيتنا سان وڌيڪ واسطو آهــن ۽ شيام جـــي ڪويتا ۾ اهي گهٽ ڪري ته. ٻئي ٻــر ڀاو يــا وڌيڪ ٻڀاو Second effe طور ٿـي آيا آهن. ٻـر انهن آئم چيتنا کـــي ٿي يا سوڙهو نه ڪري ڇڏيو آهي.

۾ سوکشم نظر سان ڏسي سگھجن ٿا. ڪوي ڀڻڪي ٿو - چيتنا جي اک سان اُنهن آوازن کي جھٽي ٿو ۽ ڪويتا جي روپ ۾ اُنهن جو احساس ڦهلائي ٿو - محفوظ رکي ٿو، سدواري ٿو ۽ ان طرح ڪويتا اسان جي سنسڪارن جي هلچل اٿاري ٿي.

ڪويتا لفظن جي جوڙ جي اهڙي ڪلا آهي جنهن ۾ ڀاوَ ۽ ويچار ڪلپنا ۽ ڀاشا دوارا هڪ شاهڪار آڪار وٺي ٿو. جيڪو پوءِ هڪ حساس دل وٽان ٻي حساس دل لاءِ پهچي ٿو.

(۴) نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ - ملهه:

شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهن - قدرن جي سلسلي ۾ هن جي ڪويتائن جي نديڙي سمنڊ ۾ گهڻيون اڻيون ڏسڻيون پونديون. ڇو جو هن ڪويتائن ۾ اهي قدر ڇڏا نه پر سڄڻ ۽ وڏي مانُرا ۾ اُڪريل آهن.

سانسڪرتڪ ملهن جي سلسلي ۾ نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ سنسڪرتي يا سنڌي سنسڪرتي، جيون - رهڻي، ڪٽنب - پاونا، تهذيب، رواج، سنسڪار، شرڌا، مڃتائون، وهم ڀرم سنسا، ورثي ۽ وهنوار، ڀاشا جا سنسڪار، ڌارمڪ سنسڪار ۽ وشواس، لوڪ سنسڪرتيءَ جو پس منظر، لوڪ ڪٿائن - ڏند ڪٿائن جا پاتر، نگر سنسڪرتيءَ جو پرڀاوَ، سنگيت - لوڪ سنگيت ۽ راڳ جو پرڀاوَ، وطن جو صدق، سنڌي ڪويتا جي سانسڪرتڪ پيڙهه شاهه لطيف ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا حوالا اچي وڃن ٿا. جن جي ٿوري ٿوري آڌار مثالن سان ڏسي سگهجي ٿي.

سنسڪرتي - سنڌي سنسڪرتي ۽ جيون رهڻيءَ جي جهلڪ:

نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ مکيه طور ڀوم ۽ پرڪرتيءَ جي

هندي ڪويتا ۾ ڪٽنب ڀاونا سان تهذيب، رواج ۽ سنسڪارن جو به، چٽو ۽ نجو ذڪر ٿيو، اچي ٿو. اهي سانسڪرتڪ ملهه هندي ڪويتا ۾ سهج نمي آيا آهن. زوري سوچي رکيل نه آهن. ان ڪري انهن جي سهجتا ۽ سندرتا انڊجي پيئي آهي.

تهذيب :

ڳانڍي اچ موهن جو دڙو
ڪلهه ئي هڪ تهذيب تباهه!

❋

رواج :

نه وهيو پڙدي جو رواج ڪٿي
اڄ ڏنل پوءِ به، اڄ ڏنل آهي!

❋

شيام پرماڻن ڪي پدهنجانيپ ۽ محبت سان پيش ڪيو آهي. انهن ٻنهي لڪي و پڳ، درشٽي نه ڪئي آهي. جيتوڻيڪ پرمارنن لاءِ هن وٽ ڪو آگرهه نه آهي. سنسڪارن جو هن جو نظريو ۽ اهڙو ئي آهي. سماجڪ سنسڪار انسانجي جيون جو لڳ پڳ اڻٽر حصو ٿي وڃن ٿا. شيام اهڙن ڪن سنسڪارن جي ڪٿن جو چٽر تمام ٿورن لفظن ۾ اڀاري سگهيو آهي :

ٽيڙ چٽا جو داهه
هانيون ٿي ميڙي ڪيون
گنگا ۾ پرواهه!

❋

هي گنگا جا گهاٽ
هانيون گل اهڙيون ڏنا
لهر - لهر ٿي لاٽ!

نارائڻ شيام جي ڪويتا ۾ سنسڪرتي ۽ جيون - رهڻيءَ . جهلڪ جي سلسلي ۾ ڪٽنب ڀاونا، تهذيب، رواج ۽ سنس ڪافي اهميت رکن ٿا. شيام جي ڪويتا ۾ اهي چيزون ٻار نہ صدي، چڱا ڀلا نظر اچي رهيون آهن.

ڪٽنب ڀاونا جي سلسلي ۾ هن گڏيل ڪٽنب رٿا جو ذڪر ڀل نه ڪيو هجي، هنجي ڪويتا ۾ اهڙي ڀاونا اوموجود آهي. هنجي ماوُتا وادي درشٽي گڏيل ڪٽنب ڪان وشال آهي. ڀـــراتري ڀاؤ، سک ۽ ممتا جا ان ۾ ڪيترا رو ڏسجن ٿا.

ماتا پتي ۽ ڌيءَ پٽڙي
پرڪرتي پيار لٽائي
ڀت ڀتي ۽ ڀيءَ پٽڙي نت
پرش و ناٽس پيار تو پائي!

❊

ٻهاري ان ڌي ٽل هارءِ معصوم شيام نرڪي
خوشي ٽٻم جي ڪک اڻن موٽڪي ڪو پارڪري!

❊

جهلي ٻار کي ماءُ ڌمڪائيو جڏهن پٽي
مون کي ٻار سان ڪيڏهن نه آئي واس پٽڪي!

❊

اسو ڳوڙ ۾ ٻالڪ ڏسي جڏهن اُٻڃ ڌني وٽني
معصوم اکڙيب اسي ٻالڪپڙگي الڳائي!

❊

سس - ٽڪهن اسو جا ڪاڪ
ڏپيڙا ٻـاراسـا ٽار اسـي
اڄن ڪـاٽي سـاواڪ!

شهر جي مندر ۾ هيءَ ماڻهن جي ڀيڙ
ڪاڻ، ٽلسيءَ جي رکيل ڪونهي ڏسان!

شيام جي اهڙي سنسڪار ڪوتا ۾ پڻ ڪلاتمڪ اظهار جي وت نه آهي. هيءَ شرنگار ڀاوَ جو چٽر ان جي شاهديءَ جي اهل آهي:

سيندڌ سندور سان
سرخيءَ سان چپ
ميندِيءَ سان هٿ پير
اڄ ڪان ٻُل ٿي لعل - اڇي ٿي مرمر جي ماري ڪير!

❋

ڪري آنسي اشڪان چونسي ڪيائين
ڪلي مڙس کـي ٽلڪ جي لاءِ سڏيائين!

❋

شيام جي ڪوتا ۾ ٽلسيءَ جيان گنگا جي پڻ مهما آهي. نگا اسان جي سنسڪارن ۾ پراڻن ڪٿائن جي يـگ کان وسيل هي. آڌونڪ مانس وارن وري ان جي پراڪرتڪ روپ جو ڀاوُ جهٽيو آهي. شيام پڻ ان جا ڪي سندر چٽر ڏنا آهن:

ٽارام گلن جي ڀڙي ڀاري ڏيو اُنهيءَ ۾
گنگا جي وهڪري ۾ ڪيڏي نه اها وڻي ٿي!

❋

دلڪش لهر خيال جي - راڳ ناچ جو روپ
جڻ چانڊوڪي رات ۾ - گنگا ڌار انوپ!

❋

مهن ڪيڏي نو ڪٿن نه ”جٺ گنگي“ ڇٽي مون ڏي ڏٺو
اڻ ڏي مونکي چڪي، مون سان ٽهر نـچي ڏني!

❋

اسان جي جيون جي سماجڪ رُخن کي هن گيت سان جوڙي جيون ۾ سنسڪرتڪ مُلهن جي اهميت ڇٽي ڪئي آهي:

چاڙو ٻاڙو مرڻو سڀ گيت ٿي گيت
لوليون ٻا لاڏا ٻا دردي مارو!

❋

شرڌا مڃتائون وهم ۽ وهنوار:

جيون ۾ شرڌا مڃتائن جا سنسڪار اسان کي اڪثر ٻرمپرا ورثان ملن ٿا. انهن ۾ وهم ڀرم سڀئي اچي شامل آهن. اسان جو وهنوار، اٿڻ-ويهڻ جيون-ريتي اڃا ٻڌيءَ سنسڪرتيءَ کان متاثر رهي ٿو. اهڙا سانسڪرتڪ قدر سماج ۾ هڪ سرشتو ٺاهي وٺندا آهن. ڪوي اڃا جڏهن. تڏهن سماج جو فرد آهي ۽ هن جي اظهار ۾ اهي قدر سهج روپ ۾ اچي وڃن ٿا. شيام جي ڪويتا ۾ اچي اهڙا اظهار سڌو. اڻ سڌو اچي وڃن ٿا. اهي ئي جيون جا ڪي پهلو آهن. وڪاس کيل دڀشن جي سنسڪرتين ۾ ئي اهي هڪ نه ٻئي نموني ڏسي سگهجن ٿا.

شيام وٽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي انيڪ روپ اهڙا جيڪي اظهار ملن ٿا انهن ۾ تلسيءَ جي خاص مهما آهي.

صبح چـڙهـائـو تـو جـل جڏهن ٿي
۽ سنجها جـو جـوت جـلائـي
ڪونڊيءَ ۾ اَج ڪارٻـون ڏانڊ ٻـون
هـاڻ ڪٽي سـا تلسي سائـي!

❋

اُڻ ڪٽي ور ڏانئون ڏسي جل تلسيءَ تي چاڙهي ٽاڪ ڏنو. آليءَ مٽيءَ سان ساڄي ٻاج ٻرتي.

❋

ڪو انل اڏوندي جيءُ
جنهن کي هٿ نه ڏيءُ ڪا
جنهن وٽ ماڳ نه هيءُ!

❊

وهم ڀرم سڀئي پڻ ڪي اهڙيون چيزون آهن جن کان
...ڪنارو ڪندي به ڪنارو نٿو ٿئي. شيام به انهن کان ڪنارو
...ڪٽي ڪري سگهيو آهي:

اڪ ساڃي ڦري پيئي - ڇڪي دل پيئي
مان ڪنهن ڏي مڃان - هن ڪي مڃان - هنڪي مڃان!

...ڀاشا جا سنسڪار:

آچار وچار جيان انسان جي ڀاشا پڻ سماج ۽ سنسڪرتيءَ
...جي پرڀاو کان آجي نه آهي. ڀاشا ۽ ٻوليءَ جا سنسڪار به
...انسان کي پنهنجي سنسڪرتيءَ مان ملن ٿا. شخص پنهنجي
...ٻاٽيءَ مان به جاتو وڃي ٿو. ٻوليءَ نسبت شيام جاتيءَ جي
...سنڌوڀ ۾ نشچنت نه آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل
...جي فڪر سبب ۽ جاتيءَ جي ان طرف اداسينتا سبب هنجا
...دگار لڪا پٽيا آهن. انهن ۾ هڪ درد پرول آهي.

الا ائين نه ٿئي ڪٿان ۾ ٽڙهجي
هٿي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

❊

شيام کي پنهنجي ٻوليءَ جي اتهاس ٿي ويڙ جو خطرو
...نظر آيو آهي. ٻوليءَ جي سنڌوڀ ۾ هن سنڌ جي سنڌين سان
...جيءَ جوڙيو آهي:

الا پنهنجي ٻوليءَ ڪيو ڇا اسان سان
ڪو پنهنجو پٽيو ۽ پيو ٿي ڪو ڌاريو!

جمنا سان وري ”شيام - راڌا“ جي پريت جي سر
کي هن ياد ڪيو آهي. پر اڄ ۾ ”گنگا“ جو نئين ايمان هـ
ڪم آندو آهي:

جمنا ڪناري شيام وڄائي ٿي بنسري
لهر لهر ۾ امنگ جي گنگا ڇلڻ لڳي!

❋

شرڌا ڀاو جيان شيام ڪيترا ورڻ وهنوار جا سوکيم چٽر پڻ ڏنا آهن جن ۾ پڻ اسان جي سنسڪرتيءَ جو پرڀاوُ رهيو آهي هن ڳالهه کي ٿورو انهن چٽو ڪري سگهجي ٿو. جئن انگلش ڪلچر ۾ ڪلڇي عام چمي ۽ ڀاڪر هڪ ساماڻيه وهنوار جو روپ پٽيل آهن. نه ته اسان جو وهنوار ورنن پنهنجي سماج ۽ سنسڪرتيءَ جو حصو چئي سگهجي ٿو. اسان جا وهنوار پراه جهڙي ماجرا اچان ٿا. سنڪيت ۾ - پڪ - پردي ۾ اظهار پاتي ٿي.

عجب رنگ آهن اوهان جي ڏسڻ جا
نه ڏاڍا ٿا لڳو نه پنهنجو لڳايو!

❋

ڏسي مون کي دنيا ڪيو ڪين ليڪن
ستارن پڇي اک - ڳالهه مسڪرايو!

سماجڪ مجتائن جي سلسلي ۾ پڻ شيام جو اظهار اصطلاحي روپ ۾ ٿي آيو آهي.

ڏينهن جو ڀڻڀڻون خواب
آهه ٽڙيو اوڀر طرف
سونو لعل گلاب!

❋

ڳلي ملي طوفان ۾ - ٻوڙي رک - رک ساڻ
قبرستان ۾ مساڻ - مرڪا ٿئي ٿاپوهه مان!

❊

ٻري مسجد ۾ ۽ مڙهيءَ ۾ ڏيو
ٿيو نه، ڌرمن جو اونڌڪار ويو!

لوڪ سنسڪرتيءَ جو پس منظر - لوڪ ڪٿائون - ڏند ڪٿائون ۽ پاتر:

سنسڪرتيءَ جو صحيح چٽ لوڪ سنسڪرتيءَ ۾ نگر سنسڪرتيءَ کان وڌيڪ چٽو ملي ٿو. ڇو جو لوڪ سنسڪرتي قدرتي واس ۾ رهي ٿي — نگر سنسڪرتي ميڪ - اپ ڪري رهي ٿي. شيام جي ڪوتائن ۾ لوڪ ڪٿائن جي حوالن سان ٿين زماني جي سنڌ کي جوڙي ڪيترا مارمڪ اظهار ڪيل ڏسجن ٿا. هن مومل ۽ سهڻيءَ کي خاص طور ٿئي ياد ڪيو آهي. انهن ته سسئي ليلا ۽ مارئي به هن کان وسرڻ جون نه آهن. هي پاتر هت سنڌن ڪٿا جي سڪيت سان اسان جا پنهنجا عڪس پسائين ٿا. ڪجهه اهڙو ئي پرڀاءُ پاڻ کان گهٽ وڌيڪ ڦهليل پرڀاءُ شيام جي "روپ - مايا" ۾ پڻ سمايل آهي. هنجي مومل ۽ سهڻي اوڙي مارئي پنهنجي - پنهنجي شخصيت سان نباهي رهيون آهن:

پارج اڙڪن جا ڏيا روشن رکجن لات
ري مومل راڻو مٺان، پلجي مٺي نه وات!

❊

جاڳ - جاڳ سهاڳڻ مومل مٺي، جاڳ سهاڳڻ جاڳ
موئي وڃي نه ميندرو - ٿئي ڏئي نه ڀاڳ!

❊

شعر ٻوليءَ جو ٻي هڪ انجام آهن. شيام پنهنجي شعر کي تنهائيءَ سان ياد ڪيو آهي:

پنهنجن شعرن کي سنڀند و هو مٽيءَ جا پيار شيام!

❋

اصطلاحي ٻاشا جو شيام جو محاورو هن جو شعر ۾ گهڻو ڦٻيو آهي. اهو گڻ اسان جي ٻوليءَ جو ۽ ان کري سنسڪرتيءَ جو ـ واڻيءَ جو روپ ڏيکاري ٿو.

موٽي وڃي ٿي ميندرو - پٺي ڏئي ٿو ٻاڄ!

❋

آنديو رکي ساهون سينگار ڪيئي، وڃي
پو ڏيئي پٺي ٻاڻ ٿيو اڪ، موڙ ۾ ٿي انڪاري!

ڌارمڪ سنسڪار ۽ ويساھ:

اسان جي سنسڪرتيءَ ۾ ڌرم جي خاص جڳهه آهي ۽ اسانجي ڌرم جو روپ گڏيل مثال آهي. ناراڻ شيام هڪ ڌرم دل آستڪ انسان جي امر ٻشن پنهنجي ڪويتا ۾ آڻل ڌرم ڀاونا دواران ڏيئي رهيو آهي. ڌرم جي ڪنهن خاص روپ ۽ فرقي لاءِ هن وٽ ڪو به آگرهه نظر نه آيو آهي. ايترو ئي نه، سنڌين جي ورڻ ديوتا کي به هن جي ڪاويه ۾ مان سولائيءَ سان نه ئي ڳولهي سگهيو آهيان. پر ان لاءِ اسانکي شڪايت ڪرڻ جو سبب ان ڪري نه آهي جو هن ڪنهن به ان طرف ڪو خاص لاڙو نه آهي. ايترو ئي نه، هندو ۽ مسلم ڌرم ۾ ڪنهن ٻئي ڌارمڪ ـ واقعي لاءِ هن کي گهري شڪايت آهي. جيتري ڪنهن ڪوي ـ ڪلاڪار کي ٿي سگهي ٿي. هن پنهنجي ان وشالتا جو اظهار ٻولهن هيٺ ڏنو آهي:

ڌرم جو انسان وجود آهي خدا جنهن پاسي
امن پراڻن ۾ ڏنل ڏند ڪٿا جنهن پاسي!

❋

ڪير ساگر مان نه ڪو جل نڪتو
مون ولوڙيو نه هلاهل نڪتو!

❋

گندرپل جڳن جي چانڊوڪي آهي اڄ اي شيام
هر ڳالهه جهڪ ڏند ڪٿا پاڻهي پيئي!

اهو سچ آ، ڪيڏو نه سچ آهي ته اسان گندرپل وقت کان انيمت کان - پاڻ کي الڳ ڪري نٿا سگهون!

نگر سنسڪرتي - مهانگر جو حوالو:

شيام جي ڪوتا ۾ اپندڙ سانسڪرتڪ ملهن ۾ نگر-سنسڪرتيءَ جا ڪيترا ملهه پڻ نظر اچن ٿا. شيام هڪ سڄاڳ شاعر هو ۽ هو وقت جي آواز کي ۽ خوشبوءِ کي پڪڙي ٿو ۽ پنهنجي لڳ ڀوڳ کي پاڻ جهٽي ٿو. مهانگر دهليءَ ۾ رهندي هن عام شهري جيون کي اُن ۽ پنهنجائيءَ سان ڏٺو آهي. نگر سنسڪرتيءَ جي چار ۾ ڦهليل جيون ۾ نهڪ نتولي پڻ جي پاڻ اپندو آهي.

❋

زندگي نهڪ نه پر شيام، نتولي آهي
اڳي سو چيندو هيس، هاڻ مگر چاڻ پيئي!

❋

شيام جي ڪوتا ۾ تنهائي شور هل هلان ۽ دونهون جڻ دانهون پٽجي آيا آهن!

❋

هزارين لڳا شيام ڪنهن سان ملي
اچا تانين آهي نه ڪي ڏسڻ وٽ!

❋

پنڪندو ئي ته رهيس شهر جي ويرانيءَ ۾
ڪنهن کي تنهائيءَ جو احساس ڏياري نه سگهيس!

ڪاڪ جي ماڙي راتِ نہ چمڪي - مومل ۽ ٻئي شمعون ٻاري،
چهرو چنڊ چڪور نگاهون - مومل ٿر جي وات نهاري!

❋

سهڻيءَ کي لهرن نئي هلايو
منهن نہ ڪير ڏئي هن ڦيرايو!

❋

پياس ٻڏڻ سان مور نہ لهندي
سهڻيءَ کي ڪنهن سمجهايو ناهي!

❋

ڦٽو قدم آهي سهڻيءَ جو شيام ٻڌو
جاڳي ٿي دل نہ ڪو ٿي ٻڏو ڪٿي ۽ ڪٿن تريو!

❋

ساهه ۾ سانڍي سهڻيءَ کي
سنڌُ گهورون گهورانڌي!

❋

مارئي ٻڌو عمر جي ٿي سا،
مارون لاءِ جيءَ جهورانڌي!

❋

اُس جي قيمت ناهي سسئيءَ کان
جنهن کي راهه وٺڻ ۾ ناهي!

❋

اڳٿين نائي ليلا ملڻ ناهه ممڪن
چنيسر سان هاڻي نئون جوڙ نائو!

شيام لوڪ ڪهاڻين کانسواءِ پراڻ ڪهاڻين ۽ ڏند ڪٿائن جا به ڪي ذڪر ڪيا آهن.

شئيءِ سان نينهن آهي. راڳ ۾ سنگيت جي ساڻي ۾
ڳام "ملهار" گهڻو ڳايو آهي.

تارا گهڻو جليا پيئي رات ڀر، آخر ڪار
ڳائي ڏيهه ڪ راڳ، ڪنهن، ڇيڙيو نيٺ ملهار!

❋

لڏيس هلڻ سان پٽي انين، ٻگها چلڪيا وار
ڳاڙ - ڳاڙ هر وار تان، واري راڳ ملهار!

❋

چوڏاري ٻارڻ ٻرو، سڙيو سڄو سنسار
سر سادي اي ڳائيا، منڙو ڳاءِ ملهار!

وطن پرستي:

وطن - ديش لاءِ صدق انساني سڀاءُ جو هڪ صادق جذبو
ي. سنڌي جاتيءَ لاءِ ٻوليءَ جيان هيءُ جذبو ٻڻ هڪ درد
ڇي آهي. شيام وٽ سنڌ جي سار گهري اُڪريل آهي.

روئي - روئي هاءِ مون جا چانڊوڪي ڇڏي
اون ئي چمڪ ٻڏاءِ - اڄ ٻسي آهي سنڌ ۾!

❋

سنڌ ڪري ڪونه، ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌ سنڌين ۾ وسي - سنڌ هٽي - سنڌ هٽي!
ملڪ ڇڏي نه مٽيءَ سان نه، ماڻهن سان
سنڌ ڪي ڪونه ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان.

همت شاهد ڪنهن کي اشارت کي جسٽيفاءِ ڪرڻ جو ڀاءُ نظر
ڇي - پر اصل ۾ پنهنجي وطن جو صدق تئي ان جو
زل آهي.

❋

❋

رات دهليءَ جي شيام اُنڊ ڦٽل
چنڊ جي چانڊني - ڏونهون مل جو!

❋

دهلي هيڏي ساري اسٽي
شيام ڏٺهن ٻي دل وڃائي!

❋

سر لي ٻوٽي آوازن جي هڙ هيڏي ساري
دهليءَ ۾ دل خاموشيءَ جي وات وني وهائي!

❋

اس ۾ ڪي اس جي ڦيٽن وانگر ڦرندي گذري وقت
هي گهر دفتر روڊ نڳر ٻـو من نه ڪٽي تـر - ٽانءَ!

❋

گذاريون انهن رتن ۾ راتيون ٻـ ليڪن
ڪنهي ساهه ٿـو شهر جي خاموشيءَ ۾!

❋

چنڊ ٿـاون سان رات ٻـر ڏالهاٻـو
روز اخبار سان ٿـي صبح ٿـيو!

❋

ڪٿي ڪٿي شيام ٻڌجي شرڌا ڪان ٻري سري نئين سوچ جو پرڇو هٽن ٻڪ ڏنو آهي:

جا اُٿل ڪاٺـي ڪري اسٽيون آجاڙ
پل هجي گنگا جي ڏارو، جا ٿيو!

❋

سنگيت انساني جيون ۾ سنسڪرتيءَ جو مکيه پهلو آهي. شيام اسان جي سانسڪرتيءَ قدرن سان گهڻو ڪري ٻـر موڙا جي

ملهن جي ٻوهورا کي اُڏيندڙ مها ڪوي شاهه. جيڪا ٻولي پيار ڪٿي اچان لئانئين ان زمين لئي اسان جي شيام ٻارا ڪوي ارادجان آهن. هنن ان جي روهن کي نوان رنگ ڏنا آهن.

شاهه سر هيڏان ڪري ليٽي لهس
صرف سئيءَ کي ڏنم وڏڪار ۾!

❋

اَڄ شاهه جي رسالي تي نظرون کڻي ويهون
موتي صدين کانپوءِ ٿي چمڪون سدا ڏئي!

ناراين شيام ۽ هنديءَ يگ جي حوالي ۾ هنن ملهن جي مناسبت:

شاعر انين ڏ. آتم - چيتنا جو درشڪ آهي ٻو هن ۾ هڪ قسم جي स्वसंस्कृतिरति جو ٻاڙ ٻڌڻ رهي ٿو. ان Ethnocentric ٻاڙ سبب هر شاعر ٻنهجي ٻگ طرف ٻڻ سجاڳ رهي ٿو. ان ڪري هوءَ ٻگ - چيتنا جو درشڪ ٻڻ آهي. هن جي ڪلا درشٽي ٻگ جي دشا کي سنوت ۽ سونهن ڏئي ٿي. انين شاعريءَ ۾ سانسڪرتڪ ملهن جو جتن ڏسي سگهجي ٿو.

سنڌيءَ جي ڳاڻ - ڳڻين مهان ڪون ۾ شيام جو شمار آهي. البت شيام ٻگ چيتنا جو ڪوي گهٽ آتم چيتنا جو ڪوي وڌيڪ آهي. ان ڪري هن جي ڪوتا ۾ شاهه جهڙي ٻگ چيتنا جي ڪويءَ جهڙي ٻا جيتري سانسڪرتڪ پشت ٻوميءَ جي تلاش ضروري نه آهي.

شيام جي ڪوتا اَڄ جي ٻگ جي سڀيم - ٻڌارٿ جي آس - پاس جي هوندي ۽ ٻڻ سندر - نتو Beauty Sense جي وڌيڪ وڃهو آهي. هن جو وچدا سنسار ڪٿهن فٽر ٻنا اوني جو گهٽو فٽر ٻا اونو ڪرڻ کان نيج آنند جو مارگي وڌيڪ آهي. البت مارگ ۾ هن ٻگ چيتنا جو سنسڪ اوس ڪيو آهي.

پرڪرتيءَ سان پيار:

اسان جي جاتيءَ جي جيون ۾ پرڪرتيءَ گهڻن روپن ۾ حصيدا
آهي. ان ڪري ڪُلهي جهان کي ڏسڻ ۽ ماڻڻ جي اسان وٽ
هڪ نظر آهي. شيام ان نظر جو پورو پورو درشن ڪرايو آهي
پرڪرتيءَ شيام جو پهريون پيار آهي. هن جي شاهد نئي ڪ
ڪوتا ان کان اڇوتي هوندي. ڪاليداس جي انيڪ روپن کي
هن پار پار چٽيو آهي. گل ۽ خوشبوءِ هن جون پياريون چيزون
آهن. نديون هن لاءِ امرت آهن:

گنگا جمنا امرت - امرت
پر نيج نہ سندو آهي!

وار تهوار ۽ ڏڻ:

انسان انسو پيار جيءُ آهي. ڏڻ وار اسان جي جيون جي
مذڙا آهي، اهي سنسڪرتيءَ جو اهم حصو آهن. انهن سان
البت ڏرم وغيره پڻ جوڙيل رهي ٿو. شيام پڻ هولي ڏياري ۽
عيد کي پڻ ياد ڪيو آهي:

شيام ڏياريءَ جي شب سانجهي
ڏيئي مان مون پيارو ڏيو!

❋

صد شڪر پاي آئي - پاي آئي عيد
اڄ ديد جي پرتواب نيندي اميد!

❋

ڦاڳ آيو ڦاڳ هوليون - رنگ سان هولي رچاءِ!

شاهہ لطيف ۽ شيام:

اسان جي سنڌي شاعريءَ جي سانسڪرتڪ پيڙهہ شاهہ لطيف
کي شيام پوڄ ۽ آدر سان ياد ڪيو آهي. اسانجي سانسڪرتڪ

● گوورڌن ڀارتي

اِئين تہ نارائڻ شيام جي شخصيت ۽ شاعريءَ جو ورڻن، ندس ئي قول موجب، صرف ٻن سٽن ۾ ڪري سگهجي ٿو:

”هجي جا ڪاڻ خواهن جي ۽ خامين کان سده آجي،
تہ پنهنجي زندگي اهڙي، تہ پنهنجي شاعري اهڙي!“

سنڌي ساهتيہ جو هڪ سچاڻ شيام کان انٽرويو وٺي رهيو و۔ پڇيائين: ”شيام صاحب! اوهين پنهنجي زندگيءَ ابت ......“

شيام ٿڪل ٿڪل وراڻيو: ”هجي جا ڪاڻ خواهن جي ......
تہ پنهنجي زندگي اهڙي ......

انٽرويو وٺندڙ وري پڇيو، ”ڀلا ڪجهہ پنهنجي شاعريءَ بابت ......

شيام وري اهو چيو: ”هجي جا ڪاڻ خواهن جي ......
تہ پنهنجي شاعري اهڙي ......

”ڀلا توهانجو بهترين شعر؟“

جواب ساڳيو: ”هجي جا ڪاڻ خواهن جي ...“ ان کان بهتر شعر اڃا تہ ڪونہ لکيو اٿم.“

”ڀلا اوهانجو فلسفہ-حيات، جيون درشن؟“

شيام وري ساڳيو شعر دهرائيندي، زوردار ٽهڪ ڏنو ۽ لندو رهيو۔ وچارو انٽرويو وٺندڙ ساٿوري سانتيڪي، ڪهڙ ڇير شيام جا پڌا ٽهڪ ٻڌي، دنگ رهجي ويو۔

هن گهڙي - شيام جو اهو ئي تہ اصلي روپ هو۔ ٻاهران شانت

شيام جي ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ ملهن جو جتن اٿين اوس ٿيو آهي. ان ڪري خود هن جي ڪويتا اسان جي ڪلچر جو هڪ حصو بڻجي سگهي آهي. شيام ڇاڪاڻ ته ڪنهن خاص ڌرم - درشن يا سماجڪتا جو ڪو آگرهه نه رکيو آهي، پرمپرائن کان مٿي اٿي ڪنهن نئين دشا طرف هن ڪو موهه نه رکيو آهي، ان ڪري ساهتيڪ قدرن کي وڌيڪ پنهنجي ويجهو پاتو آهي.

منهنجي نظر ۾ ڪويتا جو اهو ڪرم يا ڌرم نه، پر صرف هڪ سڀاءُ آهي نه. اها پنهنجي ڪلچر جي آڱر پڪڙي - ان ساڻ هلي يا ان کي ساڻ وٺي هلي. شيام جو سڀاءُ هميش اسانجي ڪلچر جي آڱر پڪڙي ساڻ هلڻ جو رهيو آهي. ؛ آخر ۾ ، هن ليک ۾ مان قبول ٿو ڪريان، هي وشيه به منهنجي آڱر پڪڙي هرهنڌ وٺي ويو آهي. مان ان کي ڪٿي به وٺي وڃي نه سگهيو آهيان. آخر سنسار جيان طبلا آواز ۾ ڪيترو ڪندا؟

ان خيام ٻڌان ڪڏهن سنڌ درياهه جي ڪَر چڙهي ويو هوس.
ر اسوت محسوس ڪيم ته ساگر گهرو آهي ان ڪري سطح
انو آهي.

ٻيءَ ملاقات ۾ مون شيام جو ڪلمڪ، حاضر جوابي ۽
ارنفاٽو روپ ڏٺو جيڪو سنڌس گهڻي روپ کان مختلف هو.
ڙُ ٻهڻجن ٻارن سان ڪلڻ کيڏڻ ۾ مشغول هو. ڪڏهن ننڍڙي
ت چندروءَ کي ڪلهي تي ٽئي وهارئين ته ڪڏهن ڪڪيءَ
مما کي هنج ۾ کڻي ٻي ڪڏائين. مون ٻي صبريءَ مان
يو: "شيام! هاڻي ڇڏ ٻارن کي. ڪي ڪوتا جون ڪاهيون-
ٻهڻجيون ڪي ٽاڻيون وچائون ته ڏيکار."

شيام چمپا ۽ چندروءَ کي ٻنهي گوڏن تي ويهاري چيو،
ٻاٻي، ڪمال آهي. گذريل اڌ ڪلاڪ کان تو کي ٻهڻجيون
ي ٽاڻيون ۽ جيٽريون جاڳنديون وچائــون ٿي ته ڏيکاري
يو آهيان."

شيام آزاد مارڪيٽ ٻر سان دهليءَ جــي جنهن استيءَ ۾
هندو هو ان جو نالو هو "هاڻي خانا." هڪ ڏينهن شيام جي
ڪ دوست ٻنهجي هڪ هندستاني شاعر سان سنڌس
قفيت ڪرائيندي چيو: "آپ سي مليئي، آپ هين جناب
رائڻ شيام هاڻي خاني والي."

هندستاني شاعر شايد ٻوڻان لفظ ٻوريءَ طرح نه. ٻڌا. سو
و وجائئين: "کيا فرمايا؟ هاڻي خاني والي؟"

شيام ڏڪ ٻڪ ورائيو: "نهين جناب! هاڻي ڪاني والي!"

دهليءَ ۾ سينٽرل ٻي. ٻاليو. ٻي وارن نئون هال نهرايو.
ندي ملاڻمن ان ۾ سنڌي مشاعري جو آيوجن ڪيو. مشاعره
سنڌي معتبر ته. آيا ٻر شاعرن کي داد ڪونه مليو. سڀ
اعر ماهوس ٿي موٽي رهيا هئا ته سنڌي سرڪل جي سيڪريٽريءَ

گڏيءَ - پوندن سان تمثار سانوري بادل وانگر ٻرپل ٻرپل، اند پوندن ۾ اڪيل بجليءَ جهڙي چمڪاچوند ڪندڙ مرڪ، ڪل ٻـ اهڙي طرز جـو اڳلي ڪـي ڪجهه گهڙيـن لاءِ ته وائـڙو ڪري ڇڏي.

" شيام سائين وڃون، گڏيءَ ڏهڙا ڏينهن پاسي!"

اهڙو سـوال ٿيڪ سـان تـاري ڇڏڻ شيام جـي عادت هئي.

" نـه ڪڏهن ٻئي نمونـي زندگي سگهين ها،
دلي ٻڌايو ڪـي شيام! تـو خـوب ٺـاريو!"

انڌرو ٿو وڃي ڏندڙ دوست ڪان پڇانئين، " اول اها خبر ائين ئي نه. انڌرو ٿو جي معنيٰ ڇا آهي؟ انڌر + وٿو، ڪجهه سمجهيئه؟ ۽ پوءِ شيام سائنس اهڙو ڇرچو ڪيو جو اهو دوست ٻين ۽ ٻدا پاسيرا رکي پاڻ ۾ ٽهڪ ڏيڻ لڳو. شيام جي شخصيت اهڙن تضادن جو سنگم آهي.

سن ١٩٥٥ع ۾ شيام جي " روپ مايا " ۽ رباعين پڙهڻ بعد ذهن ۾ سندس هڪ رومانٽڪ تصور ڪٽي، اجمير کان دهليءَ سائنس روبرو ملڻ ويو هوس ته ٻار ٻار من ۾ سندس هڪ ئي رباعي دهرائي رهيو هوس.

" ڪجهه چاهين ڏسڻ، ڏس وڃي اڄ شيام جـو گهر،
فـردوس نـشان، عـيش ۽ آرام جـو گـهر،
ٿـر ٺهر جـي، مـيءِ، نغمه، مطربي، ساقـي،
گهـر شيـام جـو هـيءَ آهه، ڪ خيـام جـو گهـر؟ "

پـر شيام جي گهر پهچندي ئي منهنجو تصور ٻاڙوان ٻـول ٿي ويو. هو شانت هو، بلڪل شانت! ڪچهريءَ ۾ ماٺ ماٺ ئي هيس ۽ ساڳي همت جي ڪرانتيءَ ٺي ٻـ سمرٽي وانڍيل هيس. سندس هيءَ ۽ چنو ايڪ ٽسي سوچ لڳو هوس ته ممادا

”ماڪ ڀنل رابيل“ ۾ ٻه سؤ کن تصويرن مان پهرين تصوير جڻ خود شيام جي تصوير آهي:

ڌرتي ۽ آڪاس،
ويچاري درويشن جو — هيءُ ئي آهه لباس!

شيام انهن درويشن مان هو جن جو عقيدو هو ته — ”وڃهي مٿهن مون ۾ غواص ساڻ گذار.“ — يا — ”نمي ڪمي لهار نون، ڦٽو وڏو ڏکر.“ تهائين نهٺو نماڻو. تنهن اهم نسي آڏينو.
”منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو ڇا ڪجهه آهي جنهن ڪنهنکي پڙهڻ ٻڌائڻ جو ضرور پوي؟ ... هن ڪٿا ۾ نه رام آهي نه جنڪ سيتا، نه ڪو نندلال آهي ۽ نه ڪاور شيامڻا. هڪ ساڌارڻ منش جي وارتا، اهڙي جن ساڌارڻ جهڙي.“

”سچائيءَ ته مٿرا ۾، نڪي اوڄ ۾ ڪونه ئي،
پلا شيام کي ان هوندي ته، ڪنهن شيام اٺايو؟“

ٻانڪن لاءِ ”لاثاني شاعر“، سچائن لاءِ ”عظيم شاعر“، ٻارڪن لاءِ ”اُستاد شاعر“ شاعرن لاءِ ”نجو شاعر“ شيام پنهنجي لاءِ — ”مختصر محدود آيءَ شيام منهنجي شاعري!“

”پنهنجي شعرن کي سڏيندو هو مٽيءَ جا ٻير شيام.“

چيو مانس ته:— ”شيام! مٿن لاءِ پنهنجو ڪو نئون سهڻو شعر ڏي!“ ورائيائين، ”شيام جهو ڪو سهڻو شعر ڪٿي ڏٺو ٿئي اٿيئي؟ جي ها، ته مونکي به آگاهه ڪج.“ ”ماڪ ڦڙا“، ”واريءَ ڀريو پلاند“، ”آڇيندي لڄ مران“ — ڪتابن جا عنوان ئي سندس حليمائيءَ جو ثبوت آهن. اڪثر ماڻهو نمرتا جو ڏيکاءُ ڪندا آهن، پر شيام بناوٽي نه هو. حليمائي سندس سڀاءَ جو اهم جزو هئي. انهن ڪونهي ته ڪيس پنهنجي شعر ۽ شاعريءَ جي اوچي معيار جو احساس ڪونه هو. هو پر ڪيس پنهنجين وچدائن ۾ اچا به ڪا ڪمي نظر ايندي هئي جنهن کي

سرخرو اُٿڻ لاءِ شيام کان پڇيو، "ڪٿان سائين! ڏنـ
اسان جو حال ؟"

شيام طنزي نوع ۾ چيو، "ها سائين! ڏٺوسين ڏٺوسين
اوهان جو حال!"

اصليءَ ۾ ناڪر ۽ ٻارڙ چاولا اسان ٻنهي کي ڏيڻ لاءِ ٺهرايو. گرمي ۽ ٻري ٻنڌ سبب اسين مقرر وقت کان گهڻو دير سان چاولا جي گهر پهتاسين. ٻئي ٻنڌي مٿان ڪاڪو رکي بي صبريءَ سان اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. پنهنجيءَ غلطيءَ جو احساس اسان ٻنهي کي ڏنگي رهيو هو. اوچتو سخت گرميءَ سبب لڳم ته سنان ڪرڻ ڪانسواءِ مان ڪاڏو ڪاٿي ڪونه سگهندس. سو چيم، "مان ٻنهي منٽن ۾ سنان ڪري اچان ٿو." سڄي ڏينهن جي هل هلان ۾ اُڪ سبب اها سمڪ نه. پر ته مان دير ۾ وڌيڪ دير ڪري رهيو آهيان. سنان ڪري ٻاهر آيس ته ناڪر، ٻارڙ ۽ خاص ڪري شيام جي چهري جا ڀاو ڏسي لڳم ته مون سڀني سان زيادتي ڪئي آهي. ٻاهريون ٻنهي رکڻ لاءِ ڦڪو کلي چيم: "شيام! سنان ڪرڻ سان ڪيڏي نه فرحت ٿي اچي. محسوس ٿو ٿئي ته سڀ اُڪ لهي ويا." شيام مرڪي چيو، "سچ ٿو چوين. مونکي به اڄ معلوم ٿيو آهي ته مرڻ بعد ماڻهوءَ کي ان لاءِ سنان ڪرائيندا آهن جيئن سندس عمر ڀر جا اُڪ لهي وڃن."

ٻيا به انيڪ روپ هئا هن انوکي شخص جا! ڪنهن به ماڻهوءَ کي جاچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻه طريقا آهن. ٻاهريون - ٻين کيس ڪيئن ڏٺو ۽ پرکيو. ٻيون - هن پاڻ پاڻ جا چيو يا لکيو. هن ليک ۾ شيام جي شخصيت بابت هان گهٽ ڳالهائيندس. گهڻو ڪري شيام ئي ڳالهائيندو پنهنجي شخصيت جي باري ۾.

رڳو روپ ئي ڏنو هو. هن ٻارهن سالن جي صحبت ۾ اهڙا اوسر ڪي جزوي مليا. البت وقت بادل وانگر گجي نه ڪونه سگهندو هو. هن غصي جي اجلاءَ ۾ اوساف ۾ الائي ڇا ڇا اوڙهيندو ٻوڙهيندو ۽ ٻڌندو هو. شعر ۽ شاعريءَ ۾ مهڙهي رهنمائي ڪندي روايو موٽڪي سمجهايو هئائين ته رباعيءَ جا ۲۴ وزن آهن. هن وزن جي رڪن ٻيا مالراڳ جو ٿيان نہ. رڪي مون سنگيت جي پيار ڪي ڪجهه رباعيون لکي ڏانهس موڪليون؛ خط ۾ لکيم: "استاد مان سنگيت جي سُر ۾ شعر لکندو آهيان. هي رباعيون به ايهو تال جي آڌار تي لکيون اٿم. ۲۴ وزنن مان ڪهڙن نه. ڪهڙن وزن ۾ ضرور فٽ ٿي ويندون."

غصي مان سڀئي رباعيون ٿي ڪراس ڪري، سخت لهجي وارو خط لکيائين: "اوندهه ۾ لسف هٿڙ سان ڪهڙا ڦاڙها ماريندي؟ اڳتي اصلاح لاءِ مونکي شعر نه موڪلج."

"اوندهه ۾ ٻيرا ڏسي، اڳتي وک نہ وڌاءِ
ٻڪي ٻليون ٻه ونڻان، واٽ ملبل نہ وڃاءِ!"

شيام ٻڌهڄن شاگردن (جيئن ٽيڪ هو ٻالڪي ڪڏهن جو ٻه استاد قبول نه ڪندو هو.) گهر جي ٻاڻين، ٻارن دوستن، واڄيٽڪ ٻيتاڻن، سماجڪ نيڪيدارن، ادب اڳوانن تي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍا ڇوهه ڇڏيندو هو:-

"ٻچن ٿو ته فلاڻي ڪتاب جي ڪاپي مون ڏانهن موڪليل آهي يا نہ؟ ڇو موڪلي وڃي؟ جن جا شعر ڇو نديا ويا آهن انهن کان ڇاپائڻ جي اجازت ٿي ورتل هئي ڇا؟ موني ٻين جاءِ ڪهڙن ڏاڍي ۾ ٻوڙا ته سندس ٿي ٻيا؟ ان کي "ادبي قزاقي" چئجي ٿي. ڇا اِهي واجبي ٿيندو؟ شرافت جي تقاضا ته گهٽ ڪجهه آهي..."

دور ڪري ٻيهر اُٿي پاڻ لاءِ هو اڳتي ڪوشش ڪندو رهندو هو. ان ڪري ئي هو پنهنجن مِٽن کي ڪونه ۽ ٻين کي ڪيچ ڪو نه ڏيندو هو.

پر سندس اها حليماڻي ڪنهن ڪنهن احساس ڪمتري (Inferiority Complex) جي حد تائين وڃي پهچندي هئي. سنه ۱۹٦۴ع ۾ هڪ اڪل پارٽي سنڌي مشاعره جي صدارت لاءِ کيس عرض ڪيو ويو. پر هن صاف انڪار ڪندي لکيو: "هڪ ڪلارڪ سڀ ڪجهه هوندي به، هڪ ڪلارڪ آهي، ان ڪري سندس ڏسڻ خواه سوچڻ جو دائرو به هڪ ميز کان وسيع مشڪل ئي ٿو سگهي. مشاعره جي صدارت لاءِ ڪنهن چڱي عهدي واري کي يا ڪم از ڪم ڪلارڪيءَ کان مٿاهين حيثيت واري کي چونڊ جڳائي. هڪ ڪلارڪ اڪيلائيءَ ۾ ته پاڻکي ڇا به سمجهي پر ٻين جي اڳيان ايندي ئي، پنهنجن نظرن ۾ ئي ننڍڙو ٿيڻ لڳي پوي ٿو."

اهڙيءَ استغنيءَ ۾ شيام تي ڪنهن ڪاوڙ ايندي هيم ته ڪنهن قياس. ڪاوڙ وقت جاٽي پڇهي کيس ڪڇائڻ شروع ڪندو هوس. مهندا پاڙا پول پڌي هو مرڪندو رهندو هو پر سندس اهم کي جڏهن سخت چوٽ رسندي هئي تڏهن چوندو هو: "آخر تو سمجهيو ڇا هي؟ سنڌي شعر جي الهاس ۾ ايوس جي دؤر کان پوءِ ڪنهن جو دؤر سڏبو؟ شيام پاسٽ، شيام جي والدان پڌي، في الحال دل ۾ سانڍيندو وڃ. ڪنهن ڏينهن لوڪن جي والان ته گهٽو کي پڌندين!"

چوڻ کي هو ائين چئي ته ويندو هو پر ان دم ئي ڏنائيءَ جي احساس کان اکيون پر ونجي ويندو هوس ۽ ڪيچ دير تائين الڪل سن ئي ويندو هو.

شائسته، نئير گنڀير، کلمک ۽ سهڻ شيل شيام جو مون

…پنهنجي ونس. اها ڏاڍي وڇوڙائيءَ ۾ وري ڏسڻ جو موقعو …هوم. شيام کلي چوندو هو، "پنهنجي پنڊيءَ سان منهنجي …ند پيار جو ڇا اهو ثبوت ناهي جو هوءَ جاڙا جاڙا پار جڙي ڏئيم؟ گويا غزل جي شعر جون ٻه مصرعون!"

…ر ۾ ليٽيس جٿن وڃي، سر هن جي پيرن تي رکي،
…ر منهنجا جهٽ ڇڪي لاٿائين پنهنجي هانءَ سان،
…نجي وييون اکيون، سڌ پئي ته، ڪا تن جي رهيس،
…ج ٻه هن جي دل ۾ اهڙو پيار، مان پيو ڇا لکان؟"

…هوت ڪي سمجهي سمهيل، نڙي ڏسڻ منهڙو لڳيس،
…ن سندس ڳل تي رکي، چپ چاپ ۾ ليٽي پئي،
…ؤ ٻه چپ، سمجهيائين جي چرندس ته جهٽ وڃندي اٿي،
…انت رس، شرنگار رس ماڻڻ لڳي، چپ چپ پئي!

پيڪن ۾ وڃي، پاڇ لڪڻ ڪين پليءَ،
اڄ آيو تماسي اهو خط تنهنجو ڪٽي،
تنهنجي پيشانيءَ ڪي چميم، جٿن ورم،
تو پند لفافو هو ڪيو الڪ هٽي!

شيام جو پارن ۾ آسي موهه هو. سندس ڪوتائن ۾ چمپا …ندروءَ، چارؤءَ ۽ سونوءَ جو پار پار ذڪر ملي ٿو.

چمپاراٽي - تنڊي نماڻي،
سٺو سڀاجهو پار،
پاڻوءَ جي هوءَ آهه دلاري،
پاڻي ڪرئس پيار!
پيڊر پاڻر اُن جا هر هر
خوب کلائن کيس،

شيام پنهنجن شاگردن سان نهايت سختي ڪندو هو. مان ۽ سنڌيران ۾ منهنجن شعرن جو اصلاح ڪندي، ڪنهن هڪ ٻه سٽ جي سامهون هڻي - "واه واه، شاباس ٻـا خوب" لکيو هجي. هڪ دفعي، چيو مانس، "ٻلي شيام! ڪڏهن ته شاباس ڏي!" ورائيائين، "ڇو؟ تنهنجو دشمن آهيان ڇا؟"

شيام اجمير ۾ ڄاو هو ته هري هماڻي سندس سنڌي ۾ ڪو نه ڪو جلسو ڪندو هو. شيام سنڌي لفظ ڪان ئي ون ٿو وٺندو هو. چوندو هو، "غير دستوري ٿو ئي ٻاٽ ۾ گڏجي وهنداسين. رهاڻيون ڪنداسين. ڳائينداسين وڄائينداسين." مان سندس رچنائن ئي پٽل سنگيت ۽ نرتيه جا پروگرام پيش ڪندو هوس ته هن تي جهڙو ڪو اثر ئي ڪونه پوندو هو يا چپ رهندو هو يا ٻروڪار ٻاڦ سان مرڪندو رهندو هو. داد حاصل ڪرڻ لاءِ پڇندو هو مانس: "شيام! پروگرام وڻيو؟" ٿورڪ ڌڻي چوندو هو:

"پادل ڌنس ته اڪ ٻڌي، ٿيو گهڻو ٿي مور،
اي البيلي گوپڪا! ڪيڏو شيام ڪٺور!"

شيام انهن سان ئي ڪٺور هو جن سان گهڻو پيار هوس. هن جهڙو قرارداد ڪو پيو؟ ٻنهيءَ سان ته پريت جا پيچ هئس. اڪثر شاعر ڪن خيالي نازڪائن تي موهت ٿي پيا ڪن محبوبائن لاءِ ماندا ٿيڻ جي شاعري ڪندا آهن. شيام جي ٻنهي ئي سندس پيارڪا هئي. هڪ رات ڪوتائن جي هڪ ڊائري منهنجي حوالي ڪري ٻارڻ سمجهي ٿيو. اُن ۾ شيام جي شاديءَ، سهاڳ رات، ٻيڪي ونل ذال جي سار، سندس موئي اچڻ ئي رانين جي رس پرال رهاڻين، ٻنهي ٻنهيءَ جي شخصي ذاتين ۽ وهنوار جو اهڙو چٽو ۽ ڪلاتمڪ ذڪر هو جو مان عجب

"غمن ني غمن کي سنڀاري،
نه ٻيو زندگيءَ ۾ مون ڇا ڇا وساريو؟"

سڄي حياتي هن ڀُڄندي گذاري- زندگيءَ جون پيچيدگيون هن لاءِ هر روز وڌيڪ پيچيده ٿينديون ويون. پيڙا ۾ پيسجندي به هو ڦڙڪ نه ٻوليندو هو. جڏهن من جي مونجهه وڌي ويندي هيس ته لکندو هو - "من مجهيل اور رهي. پر ٿي ڏينهن هن طرف نه هليو اچين؟ اتين ته تو وٽ اچڻ لاءِ دل اٿم پر دم ڪونهي."

ڪيڏي نه عاجزي!

ٻيو سورن جو ائين سنمان ڪرڻ ڪو شيام کان سکي.

"زندگيءَ جي لاءِ عزت ڪو اچي تو ڪان سکي،
پوري سوري حال ۾ پئي، زندگي سمجهيئه دعا!"

دکن خواه سکن ساٿ سمرسي ٿيڻ شيام جهڙي تپسويءَ جي يوگيتا هئي.

"ڇون ٿي مرڪ، دل ۾ غم؛ دل سوڙهي اکيون آليون،
سٺو آهيئي غم اهڙو؟ ڪڏهن ماڻيئه خوشي اهڙي!"

——

"اچن لاهيون چاڙهيون مگر ماڪ پڙهي،
ڪڏهن گل، ڪڏهن سج جي پاڪر ۾ گهاريون!"

ليڪن گهوڄن جا لاڳيتا ڏنڀ سهندي به شيام ڪڏهن اڳيان همت نه ڦهلايو. ڪوشش ڪندو هو ته سندس هيڻي حال جي ڪنهنکي لک نه پوي. ايهڙو غيرتمند ۽ خوددار هو شيام! ڪنهن جي دؤيا ڀري درشٽي به سندس سوَمان کي چوٽ رسائيندي هئي. هڪ بزرگ سنڌي ساهتيڪار "روشن ڇانورو" ۽ "ماڪ ڀنا رابيل" پڙهي ايڏو متاثر ٿيو جو فل سوٽ جو گرم ڪپڙو، شيام کي سوغات طور موڪليائين. سوکڙي ڏسي

چنڊُ پاڻس - ٻه وڏي ساٿس
ڪٿي نه ڀڄائي وٺس !

مٿي ڏس ڪيتري مٿون مان، مٿي خوشبوءِ اچي پئي،
مٿي جنن نئي مٽي ۽ چارو ٻهي ڏٺي پٽي وٺي!
"آفيس کان جڏهن موٽيس، سوڙ هيٺ ڪلهي لٿي."

شيام عمر جو گهڻو حصو گڏيل ڪٽنب ۾ گذاريو. اهڙي وڏي عيال سان گذارڻ ڪيڏو نه مشڪل آهي؟

پنهنجي گڏيل ڪٽنب جي اڄ ياد ٿي اچيم،
ڪالهه تو اڪيلائيءَ جو ڪٿهن ڪٿ ۾ نه هو!

ان ڪري شيام جو هر پاليءَ سان صرف خون جو نه، مگر روح جو به رشتو هو. ان ڪري هتان پنهنجي، نئين پاڻ هيم ۽ ٻوٽي سوڙ جي لاڳيتن مون ڪيس چئي ڇڏيو:

"اڄ سڄ گهڻ ڏيهه کان پوءِ ٿي هو،
اڄ ڪٿ خالي ڪري ڪو اچي ٿي!"

اسين ان طرح شيام سمان آهيون،
پنهنجي ڪيئان جا لڪا اڄ سڃئي؟

اهو شيام ۾ هر طرح جي صدمن سهڻ جي اپار شڪتي هئي شايد ان ڪري جو هو اڪثر اپاءَ ۾ رهندو هو.

"وڇوڙي جان اهو هوند - ڏنگ هٽي ماندو ڪيو."

هن سور جون سوان صورتون ڏٺيون هيون:

"سائين جيئري جندڙي جي سور جون سڀ صورتون ۽
پا چوٽو ڪوٺي ڪائي ٻيا جڏهن ڪني ڏان اوفيق ٿون!"

شيام سنڌي ٻاڪن ٻـا ليکڪن جـي آڳاڻن ڀاڻـن طرف ـر اـي نياز رهيو. جڏهن سندس وڇڙڻ ٻاٻت ڪيس کن ٻن جي راڻـزيءَ کـان واقف ڪيم ته، لکيائين، "ود واڻن ب ڀاڻن ٻاٻت لکيئه، سو اـه سڄو ڪيئه. جڏهن ڪـي جهڪي ٽي ۽ جڏن وٽي، ٻلي لکي ۽ چوي:

ڏس جـو اُشي هشيار اـه، تـارا ڏـو ڳـٽي،
۽ عاشـق لاچار اـه، تـارا ڏـو ڳـٽي،
ڪيڏو نه مـگر فرق ڳٽڻ ۾ آـن جـي،
اُن شيام ته هڪ ٻـار اـه، تـارا ڏو ڳـٽي!

" ماڪ ٻڌا راڻيل" ٻاٻت اـه ادبب دوستن جا راڻا ٻڙهي ٻائين: ڪتاب ڇهڇڻ ڪانهوءَ هو نکي ڪڏهن جي راڻـي جي ڇوڙي ڪاڻ آهي؟

ڪر ڏور ٻلي ماڪ ڦڙن جي، اي شيام!
اُٿي جي ڏري گل جي ٻڏن جي، اي شيام!
احساس ٻـري دل جيڪڏهـن آهيئي،
ڪر ٻـرڪ ٻلي شعر و سخن جي، اي شيام!

ڪڏهن جي تڪليف لي ڪاوڙ ابندي هيس، ته چوندو هو:

جن وٽ دل نه، نسيم جي، شبنم جي ٻه ٻه ٻڌڻ،
گل جي رنگ هڳاءَ لي، ڪڏبا ڪن تڪليف!

اُئين ته شيام ٻين اـه ڪنڌڻ ڳالهين ٻـاٻت اداسين (Indifferen) هو. پڇند و هو ساٿس "ڪڏهن اڃامي ڇڪائيندي ڇڻو ڇونه ڏو و ٺين؟"

ڪلي و رجائيندو هو، "مونکي ڇـا سمجهيو آئيئي؟ شاعر واس جو گهوڙو؟"

" ٻلا آل اڻڀا رهڀو وڃن ڏو کي ڪانڀرڪت موڪليو آهي.

پنهنجي اباڻ جي احساس شيام کي بيحد دکي ڪيو. لکيائين: "دادا صاحب ڇاجي سرو بيا موڪلي آهي؟ ڪن جو اصول آهي ته ڏيئي ڇڏي. خوش ٿي ونءِ س. ٻيو ڪن جو اصول آهي ته ڪنهن جو اورو نه کڻ. ڪرمن جو ٻار ڇڙهندو. جيڪو ڏيئي سگهي ٿو سو ونءِ سگهي ٿو. ليڪن جيڪو ڏيڻ لاءِ مجبوريءَ حالت ۾ آهي ونڻ وقت ان جي سوَمان کي چوٽ رسي ٿي."

هڪ طرف شيام ڪنهن جي احسان طرف بيحد حساس هو ته ٻئي طرف هو نقادن ۽ سمالوچڪن جي تنقيد ۽ راءِ زنيءَ طرف بي نياز هو. چوندو هو - "نه اها اسانجي بدقسمتي آهي جو سنڌي ادبي ڪيتر ۾ سچي معيار وارا نقاد پيدا نه ٿيا آهن. نقاد اديب جو رهنما آهي ۽ تنقيد آهي ادب جي واڌاري جي واٽ. نقاد کي هنس وانگر کير پاڻي ڌار ڪرڻو ٿو آهي يعني کيس فقط ادب جون خوبيون ۽ خاميون ظاهر ڪرڻيون ڪين آهن بلڪ ان سان گڏ خاميون دور ڪرڻ جو ڏس به ڏيڻو آهي ته خوبين جي روپ رنگ ڇٽيءَ، اديب جي امتيازي حيثيت به نمايان ڪرڻي آهي. پنهنجي ادبي نظريي جي وضاحت ڪري ان جي آڌار تي ان ادب بابت جي مصلحت آميز لفظن ۾ قدر و قيمت بيان ڪرڻي آهي. "مصلحت آميز لفظ" ان لاءِ چيم جو ڪنهن اديب يا ڪلاڪار سان وڌيڪ ٿڌو ڪونهي ۽ نه ان جي دل کي ڏکوئڻو آهي. ڪلاڪار جي دل هڪ ڏکئي وٿ آهي. جي ائين نه هجي ها ته ڪلاڪار ۾ نزاڪت ڪٿان پيدا ٿئي ها! اهڙي نازڪ چيز جي سنڀال نه ڪندڙ ئي ته ڪيٽس Keats جي حياتي ورتي. اديب يا ڪلاڪار سان ويڙهه ٻاڌي جو تنقيد جي ميدان ۾ اچي ٿو اهو ادب يا ڪلا جو دشمن آهي. نقاد لاءِ لازمي آهي ته کيس ڪو واضع ادبي نظريو (Clear literary view point) هجي ۽ ٻوليءَ ۽ شعر و سخن جي صحيح ڄاڻ."

ها! هو سنسڪاري جيو هو. پنهنجي پيءُ جو اڪيلي، پلئي
...ماري اکيون ٻوٽي، ڌيان ۾ ساڌنا ڪندو هو، سدائين ڪرشن
...ڪانسواءِ اَن جل نه وٺندو هو، روٽي کائڻ کان اڳ، اَن مان
...ڪره ڪڍي الڳ ڪري رکندو هو؛ پوءِ اکيون ٻوٽي من ئي من
...۾ پرماتما جا شڪرانا ڀڄا آڻيندو هو. آرتوار ڏينهن صبح جو
...راتا سوامي ستسنگ ۾ ويندو هو. سڀڻا وٽي، ڪٽنب جي
...ڀالين سان گڏ نام ڌنيءَ ۾ شامل ٿيندو هو. نهايت خدا ترس
۽ پرهيزگار انسان هو. ماس مڇيءَ ۾ مدرا کان دور رهندو هو
...پر اجائي چوٽ چاهه نه ڪندو هو، ماس- کائن سان گڏ
ساڳيءَ ٽيبل تي ويهي ماڻ ويندو کاڌو کائيندو هو؛ ڪڏهن
ڪڏهن دوستن جي صحبت ۾ موٽ چڙهندي هيس ته پيگ
ٻه، سگريٽ جا ٻه ٽي سوٽا ٻه هڻي وٺندو هو ٻيو انهن
ڪندي جي چس ۾ چهنبڙي ٻوندي هيس ته پاڪي سيڪنت
ڦاڙ لاءِ ٻه ٽي ويلا ٻڪ ڪيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات
جو ڪليل چست ئي ليٽيو ليٽيو، انڌ آڪاس ۾ ڪجهه
ڳوليندو يا تارن جي تسبيح سورينڊو رهندو هو.

آڌيءَ رات ڏئي مون جاڳي،
تنهنجي سهڻي جهڙي ساڳي!

پڇندو هو سانس، "شيام! آڌي رات يا اَسر جو تون اُٿو
چا ڪندو آهين؟" - ته هڪ ننڍڙي ٻهڪ ڏئي انهو مونکان
ٻي سوال پڇندو هو. "چا ڪندو آهيان؟"
ڪجهه سال اڳ دل جي ٻهر ٽين دوري ٻعد سندس ٽيهن
۾ سنسڪارن ۾ ڀيل پٽجي ويٺي هئي. هو ٽڻن ته چوندو هو.
"منا سنسڪار ته هڪ طرح جي غلامي ئي ته آهن."
...ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن جاڳي اٿي ٿي نيم ۽ سنسڪار
ٽوڙي ڇڏيندو هو.

سڌي ڪري، واپس ڇو نه ٿو موڪلين؟ ڇا هو تو لاءِ اُتسـ وڻندا؟“

”هو نه. اُتسي وڻندا نه. مان وري هن لاءِ ڪهڙو اُتسـ ونو آهيان؟“

سندس هڪ پراڻي ٽرنڪ ۾ ڪيترائي ارجنٽ خط ۽ فيـ ٽيل شعر پيا هوندا هئا. ”شيام! هن خطن جا جواب ڪڏهن ڏيندين؟“

”سچ پڇين ته مان ٿي من ۾ گهڻن کي ٿي خط لکندو آهيان، پر ڪاغذ قلم کڻي ويهندو آهيان ته...“

”پلا هيءُ فيشر ٿيل رچنائون ڇپائين ڇو نه ٿو؟“

”ڪمال آهي، لکان به مان ۽ ڇپائيان به مان؟ ... نه پڙهندڙن ۽ مونکي ٿي پونديون؟“

هڪ ڀاڪٽر اديب چيو هو: ”شيام جي عظمت ۾ سندس پبلشر هري همٿاڻيءَ جو به وڏو هٿ آهي. ڪاش! مونکي ڪو اهڙو پبلشر ملي وڃي!“

شيام نه سمجهيو هو نه الغرض. پر هو اهڙين ڳالهين کـي اهميت ٿي ڪو نه ڏيندو هو.

شيام جـي خاص خوبـي هئي سندس ذهني ايمانداري هو سڀ کان اول پنهنجو پاڻ سان سچو هو، ان ڪري سڀني سان سچو رهيو، ڇل ول، ڪوڙ ڪپت، چترائيءَ چالاڪيءَ کان دور. اندر باهر هڪ جهڙو، عهدي يا پد لاءِ، انعام يا اجوري لاءِ هن ڪڏهن به رسوخ جو استعمال نه ڪيو. ادبي چٽاڀيٽين جا فيصلا ڪندي به هن ڪڏهن ساڻ رعايت يا پاسخاطري کانـ ڪئي. ادب ۾ پنهنجي ذاتي پـا پسوزيشن جو به هن ڪڏهن فائدو ڪو نه ورتو. ”ذاتي جسـي پيشن“ کاٽي جي به ڪيس خواهش ڪانه رهي. آدرشوادي سمسڪار سندس نس نس ۾ سمايل هئا!

جواني، جنم ڀوميءَ مان نڪي نڪرڻ ڪري اڄ ساڙهن،
ٻڌهي مان ڪٿهن لهاني ٿئي، ڏسي هاڻي نه ڪا سگهجي!

——

الائي ڪهڙي گهڙيءَ شيام اُن مان نڪتاسين،
وطن ورڻ نه ٿيا، سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي!

——

هند ۽ چين جي ٻه هند پاڪ جهڳڙي ۾ شيام جي من کي اپو ٻاٻوان ڊول ڪيو. چوندو هو ته صرف سڀني سرشتن پيدائش سان انسان ذات جو ڀلو نه ٿيندو. لاءِ آهي ته سرشتن ما هلا ٿيندڙ خود ۾ ڪامل هجن. چين جي حملي بعد ٻڌهي بس جي اڳوانيءَ ۽ دوراندشيءَ مان ايمان نڪري ويو. شيام امن جو حامي ۽ جنگ جو دشمن هو. ٻڌهجي هڪ تصوير" ۾ شو مندر کي هماليه کيتر ۽ جهرڪين کي چين ۽ وت جي علامت ٺاهي شيام لکيو آهي:

شو مندر چپ چاپ،
جهرڪيون اڏڪيون اوچتو ـ ساٿ سهي سنتاپ!

هند پاڪ لڙائي ۽ شري لال بهادر شاستريءَ جي اوچتي موت بابت هن وڌيڪ صاف ۽ چٽي نموني لکيو:

ڏيهن ۽ ڪن لاءِ امن جو پيغام،
ڪن ڏنو جنگ کي اُتي ڏهان قرار،
مرد و قوڪي مساڻ مان موٽيا،
مڪهن لئي ماڻهن جي امن جو اظهار!

ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندهه بابت ڪيس ڪي آشا جنڪ ڏار نظر ڪونه ايندا هئا. چوندو هو: "سنڌيءَ کي قائم رکڻو اٿو ته ڀارت ۾ اول سنڌي نيشنس لاءِ ٿيندگ ڪاليج کوليو هاڻي بس لاءِ سنڌي ڪمپانير پندرا ڪرڻو ته ٻوليءَ جو

شيام اول ۽ آخر هڪ شاعر هو. هو سياسي سرگرمين کان دور رهندو هو، پر مذهبي سياسي شعور جي کمي ڪانه هئي. سرڪاري طور آڏ پاڻمراد ذي لاڙو رکندي به ڪاليجي ذهن کان ٿي هو سماجواد کان متاثر ٿيو ۽ ترقي پسند جو ڪافي مطالع ڪيائين:

غريبيءَ جي پاڙئيءَ ٿي ڌڻي وڻڻا سکي پٽجي،
ڦٽي ڦاٽي پوي ٿي چون، سا جوالا مکي پٽجي؟

هن بغاوت جو سر به آلاپيو:

دل ۾ عزم لڪي رهيو ـ آهه سجاڳ شعور
هڪ چاڪ ٿي ناهي هڻبو ـ شيام بغاوت دور

پر شيام بنيادي طور بغاوتي نه هو. آزاديءَ سان گڏ ديس جي ورهاڱي، سندس دل کي ڏاڍي ضرب رسائي.

انقلاب آيو مگر آيو نه آئيي جهڙو،
مذهبي سوچن کي نه پر موتکي لٽي ويو ڪوئي!

اڌوري آزاديءَ سبب وطن جا ٽڪر ٽڪر ٿيڻ تي هن ڪوڙي ۽ چڀندڙ طنز ڪئي آهي:

آيو گهر محبوب ـ گهر مان نڪتاسين اسين،
هي ٻه زماني خوب ـ آندو فرق فراق ۾!

سنڌ جي سار کيس پيڙا ستائيندي هئي. پر هن واپس سنڌ ملڻ جا جذباتي اعلان نه ڪيا. سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ هن جو نهايت نظريو هو. سنڌ هن لاءِ صرف زمين جو ٽڪرو نه پر هڪ احساس هو:

سنڌ کي ڪو نه ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ، سنڌين ۾ وسي، سنڌ هئي، سنڌ هئي،
ملڪ ٽڪجي ٿو مٽيءَ سان نه، مگر ماڻهن سان...

سنڌي ڪافيءَ ۽ راڳ ڪافيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
شاهه صاحب جي سُرن وار بيان ڪجهه. اڪيل مٿين هڻي ته.
موڪل." پنهنجين وچڙائين ۾ به شيام سنگيت سان واسطو
الفظن خواهه تشبيهه طور راڳن جي نالن جو نهايت موزون استعمال
ڪيو آهي:

مڌر روپ، مڌم مڌر، پائل جي جهڪار،
قوهه. جواني جڙ وڃي - آڏيءَ راڳ ستار!
....
نقش قدم پا روشن جوت - چال سنڌ پا ديپڪ راڳ؟
....
جڳيا فتنا جا پڇا - هر جا هاهاڪار،
ڳائي راڳ هنڊول اَج - انڪي ڪين سنڀار!
....

آڪاشواڻيءَ جي سنگيت پروگرامن ۾ به شيام گهڻو ڏٺو
شاستري سنگيت جا پروگرام ٿي پڙندو هو. پنهنجي آخرين
خط ۾ لکيائين: "ڇا لکان؟ هاڻي سُر ساٿ نٿو ڏئي. روح
جڙ راڳ سان رلڻ ملڻ لاءِ چاهي. امبئيءَ مان پسري واد ڪ
هڙي پرساد جي رسيا جون ڪئسيٽون وٺي موڪليم."
٧ جنوريءَ تي اسٽوڊيو ۾ ريڪارڊنگ. اتي وري چيائين، گهڻا
ڪئسيٽون خريد ڪري وٺي پيا. پيسا ڪٽي ايم. هري مونواڻيءَ
وت وڃي، هنڪندي هڪندي ڪانئس سڀ روپيا. اڌارا ورتم.
ڪئسيٽن جو پئڪيٽ ناڪر چاولا کي رجسٽرڊ ڪري موڪلڻ
لاءِ ڏنم ته. پڇيائين: "اهڙي لکڻ آهي ڇا؟" منهنجي
زور بار لي هن ته. ڊپ ته. ڪئي پر پاسريءَ جا آهي سڀ
شيام جي روح ۾ سمائجن، ان ڪان اڳ سنڌس روح انهن سڀن
۾ سمائجي ويو.

الله واهي آهي.“ ان ڳالهه تي اڳوانن ۽ اديبن سان سندس
اختلاف هلندا آيا ۽ گهڻا دفعا اخبارن ۽ ميڙن ۾ مٿس
ٽڪا چٽي ٿيندي رهي. پوليءَ جو هڪ دعاگو هو ۽ آئينده
باب انديشو قائم رهيس:

الا، انسان نه ٿئي جو ڪٽائن ۾ ساڙهجي،
نه هٿي سڌ ۽ سڌ وارن جي پولي!

شاهه، سائي ۽ سچل، دولت سچائيءَ ٿيا ٻري،
خيام جي ٻارن کي سڌ ناهي نه آهي خيام ڪير؟

شاعر خيام ڪڏهن موج ۾ اچي گنگنائيندو ته هو
سنگيت جي سکيا نه ورتي هئائين ته به شعر پوري سر تال
۾ جهونگاريندو هو. سندس هڪ آلاپ ڪڏهن نه ڪڏهن راڳ
راڳڻيءَ تي ٻڌل هوندو هو، پڇندو هو ساٿس: ”تون راهي
راڳ راڳڻيون ڪٿان سکئين؟“ نه الٽو سوال ڪندو هو، ڪير
سيکاريندو؟ ڀلا، تون سيکاريندين؟ - پوءِ هو سنگيت بابت
مونکان گهڻائي سوال پڇندو هو، ”ڀلا ٻڌاءِ ڪومل ۽ تيور
سرن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ”سر تيون“ ڇا ٿينديون آهن؟
هندول يا وهاڳ راڳ ڪهڙي وقت ڳائڻ گهرجي؟ ڀلا جهالو
يا مورڪ ڇاکي چوندا آهن؟ گرو گرنٿ صاحب ۾ گهڻن راڳن
راڳڻين جو ورڻن ٿيل آهي؟“ اڳيندو هوم ته مونجهي پرڪشيا
تو وٺي. و ٻجهڙائيءَ ۾ سندس جيڪي خط مون وٽ آيا آهن
۾ وري سنگيت بابت سوال پڇڻ شروع ڪيا هئائين:

”ٺمري ۽ خيال ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تسارف ڇا
ٿيندو آهي؟

سر سموه سان تنهنجو مطلب ڇا هئي. صاف سمجهاءِ،

آهي شعر اياز جو - اوجل ٻونر وات ،
۽ ڪولا دلگير جي - رنگ رتي ٻر ٻات !

" اياز، احسان، راز ٻارا - ڪي قرب وارا اچا به آهن."

شيام ساهتيه جي گھٽين ئي وادين جن دؤر مان لنگھيو ٻـو ؤ وادين جي وواد کان الڳ ۽ اڻاهون هو. غضب جي جاچ ڪتي، مدو - وگيان جي سوجھ ٻوجھ، رڪندڙ، حساس، فن ۽ ڪر جي داتا شيام جي سوڳواس سان سندي شاعريءَ جو هڪ ونهري دؤر پورو ٿيو. دنيوي اپاون ٻر ٻلجندي به، شيام شاوادي هو. "شڪايت نه، شڪر ڪر." هو ٻڌندو ٻانڻ ٻر ڪ سنستا هو. هڪ ٻگ هو!

ڪڏهن شبنم، ڪڏهن موتي، ڪڏهن تارو رهيو آهين،
خبر ناهي نه لڀندي شيام، مون صورت ڏئي ڪهڙي ؟

——

جسم جاودان ناهي -

وڃ جهڙو ٻـي جسم ڪـي - آهـي ڪونه جڳاءِ ،
ڪو سڏ ڏئي ٻيو چوي - دير نه ڪر جهٽ آءُ !

——

اسانجي ليکي شيام هليو ويو پر خود شيام چيو آهي :

" زمانو اسانکي مٽائي نه سگھندو،
هليو آهه خود ڪيس نالو اسان کان ! "

——

شيام راڌا سوامي هو. راڌا ڪرشن جو متوالو. راڌا ڪرشن آرتيءَ جي روپ ۾ خواه ٻين ڪنهن طور سندس ڪوٺين ۾ موجود آهن. شيام مون کي ڪٿا ٻڌائي هيم: "هڪ گوپيءَ ڪرشن کي چوري ڪندي ڏسي ورتو. ڪرشن ڀڄي وڃي اونداهيءَ ڪنڊ ۾ لڪو." گوپيءَ چيس: "هي نند لال! جيڪڏهن اوندهه ۾ لڪڻو اٿئي ته مهنجي اندر ڪوٺي ۾ آءُ، جتي جنم جنم جي پاپ انڌاري ڀريل آهي."

شيام لاءِ سنڌي ساهتيه جو لاڏلو ڪرشن آهي. گوپي بدران سنڌي ساهتيه سماج کيس پنهنجي اندر ڪرڻ ۾ واهر ڪرڻ لاءِ آيل آهي جئن ڪرشن جي ڪلا جوتيءَ سان سندس اندر ڪرڻ ٻهڪي پوي.

پنهنجي مجذوب طبيعت مطابق شيام اول آنا ڪاني ۽ انڪار ڪندي آخر ادب دوستن جي زور ڀار هيٺ هن سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ جي قبوليت ڏني هئي. افسوس! شيام - هڪ شخص، هن سيمينار ۾ موجود ناهي. مگر شيام - هڪ شاعر هن سيمينار تي ڇانيو پيو آهي. هو اڄ به اسان سان هو، اڄ به آهي ۽ آئينده به رهندو.

شيام هڪ اعليٰ انسان هو. هو پاڻ بابت نه، ٻين بابت ڳالهائيندو هو. پاڻ کي پروجيڪٽ ڪرڻ جي هن ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي. پنهنجي واکاڻ کان ونءِ ويندو هو. وڏن خواه ننڍن جي عزت ڪندو هو. پنهنجن شعرن بدران ٻين شاعرن جا چونڊ شعر ٻڌائي مونکي انهن جي خوبين کان واقف ڪندو هو. ڪو شعر وڻندو هوس ته چوندو هو - "ڪاش! اهو شعر مان لکان ها!" سندس شعرن، ليکن ۽ خطن ۾ اهڙن ادبين جو ذڪر آهي جن لاءِ هن کي بيحد سرڌا حب، عزت هئي!



No. MAT 745 TNA 3
Licence to-Post Pre Payment Licence No. 10
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372—62

INDEPENDENCE DAY ISSUE 1991

SINDHI TIMES